# بندر ۽ بازاريون

(ملائيشيا، سنگاپور ۽ ٿائلنڊ جو سفرنامو)

ننگر ۽ ناڙيون، پڳه ڪٽي پنڌ پيا،
بندر ۽ بازاريون، سڄا سامونڊين ريءَ.

الطاف شيخ

انٽرنيٽ ايڊيشن:
الطاف شيخ ويب
www.altafshaikh.com.pk

Al Muna’um

# انتساب: لالا عبدالقادر قريشي جي نالي

بختيارپور، ضلعي دادو، جي اهم شخصيت مرحوم اميد علي قريشي صاحب جو فرزند عبدالقادر قريشي، منهنجي بيحد ويجهن دوستن منجهان آهي. پاڻ سٺي دوست کان وڌيڪ سٺو ماڻهو، نيڪ ۽ بااخلاق انسان آهي. اڄ جي دور ۾ سندس جهڙو شريف انسان ۽ ايماندار آفيسر ڪو ورلي نظر ايندو.

ساٿس منهنجي ڄاڻ سڃاڻ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو کان ٿي. مون کي ياد نه ٿو اچي ته عبدالقادر جو ڪڏهن ڪنهن سان جهيڙو ٿيو هجي. اسان ڪاليج جي ڏينهن ۾ انتظار ئي ڪندا رهياسين ته من عبدالقادر جو ڪنهن سان زباني جهڳڙو ٿئي. رانديون ۾ پي ٽي پريڊ ته ضرور ڪندو هو پر باڪسنگ جهڙي مارڌاڙ ۾ حصو هرگز نه ورتائين. هاڻ ملي ته ان بابت پڇندو سانس. پر جي باڪسنگ ڪئي هونداٰئين ته پڪ هڪ طرفي مارَ کاڌي هونداٰئين جو اسڪولي ڏينهن ۾ عبدالقادر جسماني طرح ڏاڍو ڪمزور هو. هونءَ ته هر مائٽ اهو ئي سوچيندو آهي ته پيٽارو جي پي ٽي پريڊ لاءِ سندس پٽ نازڪ آهي پر حقيقت ۾ ڪمزور ۽ نازڪ فقط عبدالقادر هو. ڪاليج جي انگريز پرنسپال هڪ دفعي اسان کي حيدرآباد جي ملٽري اسپتال ۾ ڏندن جي ڊاڪٽر ڏي موڪليو، جتي ڪيرو ڪرڻ بنا، ڏندن جي فلنگ ڪئي وئي. عبدالقادر جي حالت تي رحم کائي ڊاڪٽر چيو ته فقط هن ڇوڪري کي سئي هٽي پوءِ ڏندن جي مرمت ڪندس. بعد ۾ هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ غلام محمد سومري، سکر جي ڪمشنر خالد محمود جي ڀاءُ، ٻڌايو ته؛ سئي هٽڻ لاءِ به عبدالقادر کي ڊاڪٽر پهرين رومال سونگهائي بيهوش ڪيو هو. بهرحال اهو ته چرچو ئي هوندو. عبدالقادر سٺو مريض هيو يا نه پر سٺو ڊاڪٽر يا سرجن ضرور ثابت ٿئي ها جو سندس دل ۾ هر وقت ٻين جي ڏک درد جو اونو رهي ٿو. تن ڏينهن ۾ ڪئڊٽ ڪاليج ۾ بائلاجيءَ جو سبجيڪٽ نه هجڻ ڪري هن مئٽس ۾ انٽر ڪري، مرچنٽ نيوي ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي ڄامشورو لاءِ Apply ڪيو. ٻنهي لاءِ چونڊجي ويو. اسان چٽگانگ ۾ ٽي مهينا ڪن انتظار ڪندا رهياسين ته اڄهو ٿو عبدالقادر اچي مئرين اڪيڊمي Join ڪري. خاص ڪري اسان جي ايڊيوڪيشن آفيسر ڪمانڊر اسرارالله کي، جنهن اسان کي پيٽارو ۾ به پاڙهيو هو، ڏاڍو شوق ۽ خواهش هئي ته عبدالقادر قريشيءَ جهڙو سٺو شاگرد مرچنٽ نيويءَ ۾ اچي جهاز جو هڪ بهترين ڪئپٽن يا مئرين انجنيئر ٿئي. چاهيندي به عبدالقادر چٽگانگ نه اچي سگهيو جو ان دوران هو ڄامشوري ۾ هڪ سيميسٽر پورو ڪري چڪو هو. بهرحال سندس نصيب ۾ اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ B.E ڪرڻي هئي، نه ته اڄ نوابشاهه کان حيدرآباد يا دادو ايندي ويندي رستي تي اليڪٽرڪ جي تارن (Wires) کي گهوري ڏسڻ بدران سمنڊ تي طوفاني راتين ۾ تارن (Stars) کي ڏسي دنيا جي مختلف بندرگاهن جو رستو ڳولي ها. پاڻ ڪجهه عرصو روس ۾ رهي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ اعليٰ تعليم پڻ ورتائين. اڄڪلهه، آڪٽوبر ١٩٩٧ع، نوابشاهه ۾ واپڊا ۾ سپرنٽينڊنٽ انجنيئر آهي.

عبدالقادر قريشي ان فئمليءَ سان تعلق رکي ٿو جنهن پهرين ترجيح هميشه تعليم کي ڏني. هونءَ به پاٽ، بوبڪ، بختيارپور، راڌڻ پاسي جي قاضين، قريشين، جوٽيجن ۽ انصارين جو تعليمي ميدان ۾ سيڪڙو سنڌ جي ٻين شهرن کان گهٽ آهي. عبدالقادر قريشي جو والد صاحب اميد علي قريشي ١٩٠٠ع ۾ ڄائو. پاڻ ڪجهه عرصو ٽريزري آفيسر رهڻ بعد ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. ان بعد سنڌ فوڊ گرين نئشنلائزيشن بورڊ جو M.D ٿيو، جيڪا پوسٽ ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي جي برابر هئي. پاڻ نوڪريءَ دوران، يعني اوڻونجاهه ورهين جي ڄمار ۾، دل جي دوري پوڻ ڪري گذاري ويو. خيرپور جو خانصاحب گل حسن عباسي صاحب (ڊاڪٽر تنوير عباسي مرحوم، سابق سيڪريٽري اي. اين. جي عباسي، اعجاز نبي عباسي، مرحوم الطاف عباسيءَ وارن جو والد)، قاضي سچيڏنو صاحب (مرحوم اشفاق قاضي، ابرار قاضي، ارشاد قاضي، امتياز قاضي سابق ڪمشنر حيدرآباد،

**وارن جو والد) ۽ عبدالقادر قريشيءَ جو والد صاحب، پنهنجي وقت جا بيحد گهاٽا دوست هئا ۽ سندن اولاد پڻ تعليم ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو.**
**اسان جي عبدالقادر قريشيءَ کي ٻه وڏا ڀائر آهن. احمد علي قريشي (ڄم جو سال 1926ع) جيڪو هاءِ ڪورٽ جو جج آهي ۽ عبداللطيف قريشي (ڄم جو سال 1938ع) جيڪو وڪالت ڪري ٿو ۽ ڪجهه عرصو هاءِ ڪورٽ جو جج به ٿي رهيو، ڪيس اولاد نه ٿيو. باقي سندن وڏي ڀاءُ احمد عليءَ کي ماشاءَ الله ڇهه پُٽ ۽ هڪ ڌيءُ آهي. سندس وڏو پُٽ منصور اسسٽنٽ ڪمشنر آهي، ٻيو نمبر ڌاڙي جي نالي وارو اميد علي ايگزيڪيوٽو انجنيئر آهي. ٽيون نمبر مقصود ڪراچي ويسٽ (هاربر) جو SDM آهي. ان بعد چوٿون مسعود آمريڪا ۾ آهي. پنجون محمود پڻ آمريڪا مان انجنيئرنگ ۾ ايم. ايس ڪئي آهي ۽ ننڍو مسرور بئنڪ آف آمريڪا ۾ اسسٽنٽ وائيس پريزيڊنٽ آهي.**
**عبدالقادر جو وڏو پٽ ابراهيم ڊاڪٽري پڙهي رهيو آهي. سندس ڌيءَ سارا ان جي ويجهڙائيءَ ۾ شادي پنهنجي سؤٽ مسرور سان ٿي آهي ۽ باقي ٽي ننڍيون ڏيئون اسڪول ۾ آهن. مسرور جي وڏي ڀاءُ مقصود جي شادي سندس ڌاڙي اميد علي قريشي صاحب جي گهاٽي يار خانصاحب گل حسن عباسي جي پوٽيءَ (اعجاز عباسيءَ جي ڌيءُ) سائرا سان ٿيل آهي.**
**عبدالقادر قريشي جي ڄم جي تاريخ يارهين مئي 1947ع آهي. پنهنجي زندگي جي اڌ سنچري مڪمل ڪرڻ تي اسان جهڙن دوستن طرفان ڪيس دلي مبارڪباد پڻ هجي.**

**الطاف شيخ**

**آڪٽوبر-١٩٩٧ع**

**ڪراچي**

## 1. فهرست

1. انگريزي ۽ سنڌي اُچار وارو سفر۔ امر جليل
2. ڪاچو پبليڪيشن لاءِ ٻه اکر
3. ليکڪ پاران
4. هن اليڪٽرانڪ ايڊيشن لاءِ ڪُجهه لفظ
5. جهاز بابت ڪجهه ڄاڻ
6. سفر جي شروعات
7. سي سڪنيس ۽ نشي وارا بسڪيٽ
8. ملايا جو لباس ۽ چار قومي زبانون
9. ستم ڪندو رهه ستمگر
10. هٿ جي هنر جو ٻاهرمانُ
11. هتي جون رنگين مڇيون ۽ پکي
12. پورٽ ڪلانگ جي هوٽل جي ماني
13. ملايا جي رڪشا جڳ کان نرالي
14. سکن جو ذڪر
15. ملايا جي مسجد
16. پڙهيل ٻُک مري سگهي ٿو
17. چاچا سنڌ ۾ سنڌي رهن ٿا
18. ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾
19. ولايتي نوڪري ۽ ڇوڪري جي ڳولا
20. مفت ۾ ٻه ٻه ڪپڻ
21. سنگاپور ۾ ست ڏينهن
22. سنگاپور ۾ سنگاپوري چانهن ڪانه ٿئي
23. ملايا ۽ سنگاپور جي وچ ۾ فقط پُل
24. وڏيون مسڪراهٽون ته وڏيون قيمتون
25. سنگاپور ۾ هڪ سنڌي اسڪول
26. اڌ فلم مان اٿڻ جو راز
27. مفت ۾ حجامت
28. سنگاپور اينڊڙن لاءِ هڪ نصيحت
29. پريت جو هڪڙو پل ئي سهي
30. متفرقات سنگاپور
31. ايمان لوڏن ۾.ٿائلنڊ جي ڌرتيءَ تي قدم
32. سونگ ڪلا ڪان حاديه شهر ڏي
33. ناريل جي رسُ جي فئڪٽري
34. پلاسٽڪ جو ڪاڏو
35. پنڌ ضربيان پنڌرهن = صحيح هنڌ

36. متفرقات ٽائلنڊ

## 2. انگريزيءِ سنڌي اُچار وارو سفر

آمريڪي خلاباز نيل آرمز اسٽرانگ چنڊ تي پير رکيو. دنيا حيران ٿي وئي. مان حيران نہ ٿيس. مان حيران ان وقت ٿيو هوس جڏهن الطاف شيخ ويسٽ انڊيز جي زمين تي قدم رکيو هو. متان سمجهو تہ ويسٽ انڊيز پڻ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جهڙن نگن جي ڪاٺولي آهي. نہ. ويسٽ انڊيز اسان جي زمين جو ڏور انهون حصو آهي جتي اڇي چمڙيءَ وارا اقليتي، ڪاري چمڙيءَ واري اڪثريت تي حڪومت ڪندا آهن. ويسٽ انڊيز نائٽ ڪلبن ۽ جوا جي ٽِڪرين جي ڪري مشهور ناهي. ويسٽ انڊيز، سر فرينڪ واريل، ايورٽن ويڪس، ڪلائيڊ والڪاٽ ۽ گارفيلڊ سوبرز جي ڪري مشهور آهي. انهن سوشلزم جي پرچار ڪري پنهنجو ملڪ سرمائيدارن، پيرن، ميرن، زميندارن، جاگيردارن، اسمگلرن، خونين ۽ پاٽاريدارن جي حوالي نہ ڪيو آهي. هو موالي نہ آهن. هو ويسٽ انڊيز جا ناموَرَ ۽ ڪرڪيٽ جي تاريخ ۾ شهنشاهہ رانديگر آهن. اها بي ڳالهہ آهي تہ الطاف شيخ ويسٽ انڊيز ۾ ڪنهن بہ رانديگر سان نہ مليو. ان ۾ ڏوهہ الطاف جو ناهي. ڏوهہ منهنجو آهي. مون ڪي ڪرڪيٽ، فٽ بال ۽ باڪسنگ سان بيحد چاهہ آهي. الطاف مون کي ويسٽ انڊيز جي باري ۾ هڪ بي خبر بڌائي. اها خبر حيرت انگيز هئي. هن ٻڌايو تہ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون ۽ واپار جون منڊيون آهن.
نيل آرمز اسٽرانگ بہ لک چاليهہ هزار ميلن جو خلائي سفر ڪري چنڊ تي پهتو. مون ڪي حيرت نہ ٿي. پر الطاف جڏهن ويهہ هزار ميلن جو سامونڊي سفر ڪري ويسٽ انڊيز پهتو تڏهن مون کي سخت حيرت ٿي. سمورن دوستن کي حيرت ٿي.
اسين سنڌي، چوندا آهن تہ، ڪنهن اٽڪل سبب ڪري سفر نہ ڪندا آهيون. اسين فقط انگريزي اُچار وارو سفر (Suffer) ڪندا آهيون. اسين اقتصادي، معاشيءِ ثقافتي طرح انگريزي اُچار وارو سفر (Suffer) ڪندا آهيون.
الطاف شيخ ڪولمبس ناهي. پر هن ڪولمبس کان وڌيڪ سفر ڪيو آهي (سنڌي اچار وارو سفر). اسان منجهان جڏهن ڪو نوجوان سنڌي اچار وارو سفر ڪندو آهي، تڏهن اسان جا مائٽ انگريزي اچار وارو سفر ڪندا آهن.
دنيا جي فقط هڪ سرحد آهي. اها سرحد دنيا جي ابتداءِ اها ئي سرحد دنيا جي انتها آهي. الطاف دنيا جي سرحد ڏٺي آهي. هو جڏهن بہ سفر تان موٽندو آهي، تڏهن ڪائنس ساڳيو سوال ورجائي پڇندو آهيان تہ: ”هن دفعي دنيا جي ڪهڙي ڪهڙي حصي ۾ سنڌي ڏسي آيو آهين؟“
الطاف شيخ جو سنڌ ملڪ جي مٽيءَ سان پيچ پيل آهي. تنهنڪري، هو دنيا جي جنهن بہ حصي ۾ ويندو آهي، اتي سنڌي سپاجهڙن جي ڳولا ڪندو آهي. سندس ڪوجنا اڪثر ڪري بر صواب ٿي آهي. هن سنڌين کي پرديس ۾ سکيو ستابو ڏٺو آهي. هن هانگ ڪانگ، ٽوڪيو، سنگاپور، بيروت، وچ مشرق، يورپ، آفريڪا، آمريڪا ۽ ويسٽ انڊيز ۾ سنڌين جا دڪان، هوٽلون، ڪارخانا ۽ واپار جون منڊيون ڏٺيون آهن. مان الطاف جون ڳالهيون ٻڌي سوچيندو آهيان تہ اسان منجهان اهڙو ڪو مڙس ماڻهو شل نروار ٿئي، جيڪو سڪَ جو سڳو ڪٽي نڪري ۽ سموري دنيا جي سنڌين کي هڪ مالها ۾ پوئي ڇڏي.
الطاف شيخ جي سفرنامن کان اڳ جيڪي سفرناما سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا آهن، تن ۾ گهڻو ڪري مغربي تهذيب جي گلا، عورتن جي آزاديءَ تي اعتراض، پڙدي جي غير موجودگيءَ تي افسوس؛ ۽ سموري دنيا تي مسلمانن جي قبضي نہ هئڻ جو ارمان ڪيو ويو آهي. اهي دقيانوسي سفرناما، سفرناما گهٽ تبليغي جماعت جا بليٽن وڌيڪ محسوس ٿيندا آهن. اهڙا سفرناما پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ لازمي انگريزي اچار وارو سفر (Suffer) محسوس ڪندو آهي. شاهد موجود آهن تہ اهڙن سفرنامن جا ڪمپازيٽر، ڇاپيندڙ ۽ پروف ريڊر اڄ ڏينهن تائين انگريزي اچار وارو سفر ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي اچار واري سفر کان بيزار آهن.
الطاف شيخ تبليغ بدران جديد تقاضائن موجب لکيل سفرناما ڏنا آهن. هن سادن جملن ۾ دلفريب ڪهاڻين رستي پرڏيهي تمدن، تهذيبن، ٻولين، تاريخ، جاگرافي ۽ عام معلومات جي اپٽار ڪئي آهي. الطاف شيخ جا

سفرناما پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ته هيءَ دنيا اوپري نه آهي. الطاف جي سفرنامن، پڙهندڙ جي دل وٽي ڇڏي آهي. هو سنڌيءَ جو اڪيلو ليکڪ آهي، جنهن کي ڪيترن ئي پڙهندڙن طرفان خط ملندا آهن، جن ۾ ڪانئس ٻاهرين ملڪن جي باري ۾ وڌيڪ پڇا ڳاڇا، نوڪرين ۽ پڙهڻ جي مسئلن ۽ وسيلن متعلق معلومات ورتي ويندي آهي. ان مان هڪ طرف الطاف شيخ جي شهرت ۽ ٻئي طرف نئين نسل جي سجاڳيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو. هن اڪيلي سر لاتعداد نوجوانن جي دلين ۾ ٻاهرين دنيا ڏسڻ جو جذبو وڌو آهي. اهو سنڌس تحرير جو وڏو ڪارنامو آهي. الطاف شيخ کي ١٩٧٠ع ۾ 'پاڪستان رائيٽرس گلڊ' طرفان سنڌس سفرنامن جي ڪتاب 'منهنجو ساگر منهنجو ساحل' تي ادبي انعام ملي چڪو آهي.

**امر جليل، جون ١٩٧٩ع، ڪراچي**

## 3. ڪاڇو پبليڪيشن لاءِ ٻه اکر

١٩٦٣ع ۾ انٽر ڪرڻ بعد، جڏهن آ□ مرچنٽ نيوي جي تعليمي درسگاهه ۾ داخل ٿيس ته اهو ڏسي مونکي حيرت ۽ افسوس ٿيو ته پنجاب ۽ سرحد صوبي جا ته ڪيترا ئي ماڻهو پاڻيءَ جي جهازن تي آهن پر سنڌ صوبي جو، جنهن جي وڏي علائقي کي عربي سمنڊ جون لهرون ڇهن ٿيون، ڪو آفيسر ته ڇا خلاصي يا جهاز جا رسا ڇڪڻ وارو به نه آهي. اسان لاءِ خبر ناهي ڪيئن اهو تاثر عام ڪيو ويو هو ته اسين سنڌ جا رهاڪو سست آهيون، ڊڄڻا آهيون، گهر نٿا ڇڏڻ چاهيون .... وغيره وغيره، حيرت جي ڳالهه اها ته هو ڏانهن اسان سنڌين لاءِ اهو چيو ٿو وڃي ته سنڌي ڦورو ۽ قزاق هئا. ڪولمبو کان اينڊز عربن جي جهازن کي وچ سمنڊ تي ڦري آيا ۽ اها ئي ڳالهه عربن جي سنڌ تي چڙهائيءَ جو سبب بڻي. ڊڄڻا ماڻهو ته ڪڏهن به سامونڊي ڦورو يا قزاق ٿي نٿا سگهن، خاص ڪري ان دور ۾ جڏهن انجڻ اجا ايجاد نه ٿي هئي ۽ قزاقن کي ڇپُن واريون ٻيڙيون Rowing Boats هلائڻيون پيون ٿي. جيڪو بيحد خطرناڪ ڪم آهي. خاص ڪري اسان واري عربي سمنڊ ۾، جنهن ۾ اڄ جي ماڊرن جهازن جي وڏن وڏن ناڪئن ۽ ڪئپٽنن کي به پگهر اچيو وڃي. هن سمنڊ جي لهرن ۽ ڪُنن جو ذڪر شاهه لطيف به ڪيو آهي، ساڳئي وقت شاهه لطيف هن تر (سنڌ) جي وڻجارن ۽ سندن ونين جي جذبن جو به ذڪر ڪيو آهي ته سندن مڙس عدن، لنڪا ۽ جاوا هليا ٿا وڃن ته سندن دلين ۾ ڇا احساس ٿئي ٿو. بهرحال اهي سڀ ڳالهيون ڇا ٿيون ثابت ڪن؟ اهو ئي ته... سنڌي مسلمان توڙي هندوءَ جو، سمنڊ ۽ سامونڊي زندگيءَ سان، ويجهو سڱ هو ۽ هو ڊڄڻو نه هو. تڏهن ته اسان جي هندو سنڌين جون انگريزن جي اچڻ کان به گهڻو گهڻو اڳ بصري ۽ بغداد کان مالديپ ۽ ملايا ۾ واپاري ڪوٺيون هيون. اهي اتي ڪيئن پهتا؟ تن ڏينهن ۾ هوائي جهاز ته نه هئا. ظاهر آهي هو پاڻيءَ وارن جهازن ۾ ئي سفر ڪري ڏور انهن ڏيهن ۾ پهتا.

مونکي لکڻ پڙهڻ جو شوق ته اسڪولي ڏينهن کان هو. چٽگانگ مشرقي پاڪستان (هاڻ بنگلاديش) جي مئرين اڪيڊمي ۾ جهاز هلائڻ جي انجنيرنگ (Marine Engineering) جي تعليم حاصل ڪرڻ دوران بنگال بابت "درياهن جي ديس مان" جي عنوان سان هر هفتي عبرت اخبار ۽ بادل رسالي لاءِ ڪالم ۽ دلچسپ ڳالهيون لکڻ لڳس ۽ پوءِ جهاز تي چڙهڻ (نوڪري شروع ڪرڻ) سان جتي جتي جهاز ويو ٿي اتي جي بندرگاهن، سمنڊن، ٻيٽن جون موهيندڙ ڳالهيون پڙهندڙن لاءِ لکڻ لڳس، جيئن پڙهندڙن ۾ هن پروفيشن لاءِ چاهه پئدا ٿئي ۽ هن پاسي اچن. سمنڊ تي طوفان به لڳا ٿي، ڪڏهن ڪڏهن ته زندگي ۽ موت جي ويڙهاند به ٿي پئي. سئيز ڪئنال يا سنگاپور ۽ جبرالٽر جهڙن ڏکين هنڌن تان جهاز اڪارڻ لاءِ ايمرجنسي واري حالت ۾ چوويهه چوويهه ڪلاڪ بلڪ ڇٽيهه ڪلاڪ به يڪ ساهي ديوٽي ڏيڻي پئي ٿي. خاص ڪري جڏهن وچ سمنڊ تي انجڻ جو بريڪ ڊائون ٿيو ٿي ۽ ورڪ شاپ جي مدد جي ڪا اميد نه هجڻ ڪري ان انجڻ جي حصي يا مشين تي لڳاتار ڪم ڪري جهاز کي ڪُنن ۽ ويرن مان ڪڍڻو پيو ٿي، وغيره وغيره. پر اهڙيون ڳالهيون مون انهن ڏينهن ۾ هنن

ڪتابن ۾ لکڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي . مون اٿندي ئي پڙهندڙ ڪي هن زندگيءَ جي جوکائتي پهلوءَ بابت ٻڌائڻ نٿي چاهيو . اهڙين ڳالهين کي سينسر ڪري آ□ رڳو بندرگاهن جي رونق، سمنڊ جي رومانويت ۽ مختلف ملڪن ۾ جهازين جا هلندڙ سچا ڪوڙا رومانوي قصا لکڻ لڳس . هونءَ بہ منهنجي اِها اُها عمر هئي، جنهن ۾ رڳو ڇوڪريون ئي ڇوڪريون نظر آيون ٿي . اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڄ اهي شروع وارا سفرناما پڙهي مون کي عجيب محسوس ٿيندو آهي ۽ ڪي ڪي ڳالهيون پڙهي اڄ انهن کي سينسر ڪرڻ تي دل چوي ٿي . عبرت اخبار وارا هاڻ منهنجي سٺ ۽ ستر جي ڏهي وارن سفرنامن مان ڪو باب ڏيندا آهن تہ ڪين فون يا اِي ميل ڪندو آهيان تہ پيلي منهنجن اهڙن سفرنامن جي آخر ۾ اهو ضرور لکندا ڪريو تہ هي ١٩٦٨ع يا ١٩٧٠ع يا ايڪهتر ٻاهتر جا آهن . نہ تہ پڙهندڙ چا سوچيندا تہ اڃي ڏاڙهيءَ ۾، يعني هن عمر ۾ هي ڪهڙيون ڳالهيون ويٺو لکان .

بهرحال منهنجي انهن شروعاتي سفرنامن مان ڪجهہ ڪاڇو پبليڪيشن جو محمد علي ماجد ڇپڻ چاهي ٿو . انهن ڪتابن مان هن جي پهرين چونڊ "بندر بازاريون" سفرنامو آهي، جنهن ۾ ستر واري ڏهي جي شروع وارن سالن جي سفرن جو احوال آهي . هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو مرحوم طارق اشرف "سهڻي پبليڪيشن" طرفان سال ١٩٧٥ع ۾ ڪڍيو هو، جنهن جي قيمت پنج رپيا رکي هئائين . . . ڇا تہ سستا ڏينهن هئا! (۽ ان کان چار سال اڳ طارق منهنجو جيڪو پهريون سفرنامو "منهنجو ساگر، منهنجو ساحل" ڇپيو هو، ان جي قيمت ٽي رپيا هئي ۽ صفحن جو تعداد ٢٤٠ هو) .

بهرحال هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو فيروز ميمڻ "نيوفيلڊس پبليڪيشن" طرفان 1979ع ۾ شايع ڪيو . ان بعد وري فيروز صاحب هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ڪجهہ تصويرن سان ١٩٩٧ع ۾ شايع ڪيو . ان دوران ڪمپيوٽر سائنس ڪافي اڳيان وڌي وئي هئي ۽ مون چاهيو ٿي تہ منهنجا ڪتاب نيٽ تي بہ اچن، جيئن ڌارين ملڪن ۾ رهندڙ اهي ڪمپيوٽر ذريعي پڙهي سگهن . اها ٻي ڳالهہ آهي تہ پڙهڻ جو مزو ڪتاب کي هٿ ۾ جهلي پڙهڻ ۾ آهي، جنهن تي توهان پنهنجا notes ۽ comments بہ لکي سگهو ٿا پر ٽپال جو خرچ وڌي وڃڻ ڪري آمريڪا، جپان يا ناروي ڊئنمارڪ ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ بهتر آهي تہ هو ڪتاب جو پرنٽ آئوٽ ڪڍي پڙهن . هنن لاءِ پوسٽ ذريعي ڪتاب گهرائڻ تمام مهانگو آهي . گذريل سال آمريڪا ۾ پنهنجو هڪ ڪتاب دڪاندار کان گهرايم، جنهن جي قيمت ٢٤٠ رپيا هئي . دڪاندار چاليهہ رپيا ڇڏي هڪ هزار رپين جو بِل موڪليو جو رجسٽرڊ پوسٽ ڪرڻ تي هن کي ٨٠٠ رپين جو ٽڪليون هڻڻيون پيون . بهرحال هن دور ۾ پبلشر کي ڪتاب وڪڻڻ لاءِ جنگ جوٽڻي پوي ٿي . ڇپائيءَ تي مسئلن کان وڌيڪ ڪين مارڪيٽنگ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوي ٿي، ڇو جو ڪتابن جي وڪري بعد دڪاندار پئسا ڏيڻ کان پڙ ڪڍيو بيهو رهن . آئون هميشہ پبلشرن سان همدردي رکندو آهيان ۽ ڪانئن پنهنجي پڙهڻ لاءِ ڪاپي بہ پئسا ڏئي وٺندو آهيان . ان ڪري منهنجي دوستن کي ڪپي تہ هو مونسان همدردي ڪن ۽ جي ڪين مون طرفان منهنجو ڪتاب تحفي ۾ نٿو ملي تہ اهو ئي سمجهن تہ مهانگي ڇپائي ۽ پني جو وڌو اگهہ هجڻ ڪري ڪتاب جي قيمت ايتري ڳري ٿي پئي آهي جو منهنجي لاءِ افورڊ ڪرڻ آسان ڪم ناهي . جيڪڏهن ڪنهن کي ڪتاب ڏيان بہ ٿو تہ ڪيس ڊبل ٿورائتو ٿيڻ کپي جو اهو ڪتاب پئسن سان خريد ڪري ڏنو اٿم ۽ ڪراچيءَ جي ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور جو مالڪ جيتوڻيڪ منهنجي ڪتاب تي مونکي ڪجهہ رپيا ڊسڪائونٽ ڏئي ٿو، پر ان هوندي بہ آ□ خريد ڪندي ڪيٻايان ٿو . بهرحال مطلب اهو ئي "اڌار مانگ ڪر شرمنده نہ ڪرين" وارو آهي، تہ هر پڙهندڙ پنهنجو ڪتاب خريد ڪري پڙهي . هونئن بہ منهنجو گذريل چاليهہ سالن جو اهو ئي تجربو آهي ۽ ليڪڪن کي اهو ئي ٻڌائيندس تہ توهان جو ڪتاب اهو ئي چڱيءَ طرح دل سان پڙهي ٿو جيڪو پنهنجو پئسو خرچ ڪري ڪتاب خريد ڪري ٿو .

منهنجا ڪتاب ڪو بہ پبلشر ڇپي سگهي ٿو، جنهن لاءِ مون طرفان نہ ڪنهن Royalty جي گهُر آهي ۽ نہ معاوضي جي . بس ايترو آهي تہ ڪيس سنا ڪتاب ڇپڻ جو تجربو هجي ۽ ڇپڻ کان اڳ، مونکي اطلاع ضرور ڪري . ڪاڇو پبليڪيشن جي مالڪ محمد علي ماجد جي ڪجهہ ڪتابن خريد ڪرڻ جو اتفاق ٿيو . سندس

ڇپائيءَ مارڪيٽنگ جو طريقو مونکي ايترو تہ پسند آيو جو مون پاڻ ڪيس فون ڪري چيو تہ هو جيڪڏهن منهنجا شروع وارا ڪتاب ڇپڻ چاهي تہ مونکي خوشي ٿيندي. جنهن نموني سان هو ڪم ڪري رهيو آهيءَ مون سان Co-ordinate ڪري رهيو آهي، ان مان متاثر آهيان. هو بيحد محنتي، آرگنائيزڊ، وقت جو پابندءَ Commitment جو پختو ثو لڳي. هي انهيءَ ئي سچائيءَ ءِ ادبي خدمت جي جذبي سان ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن سان علينواز گهانگهرو، فيروز ميمڻ ءِ نور احمد ميمڻ صاحب ڪم ڪري اڄ ملڪ جا بهترين پبلشر ثابت ٿيا آهن. هنن جي ڪتابن جي چونڊءِ ڇپائيءَ جو معيار، اعليٰ آهيءَ هنن جي مارڪيٽنگ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهي.

بهرحال هتي منهنجي هنن چاليهہ سال کان اڳ جي لکيل ڪتابن جي نئين سنئين ڇپائيءَ تي پڙهندڙن اڳيان اها ڳالهہ واضح ڪندس تہ هي سفرناما ان وقت جا لکيل آهن جڏهن آئون جهاز تي نئون نئون چڙهيو هوس. عهدي جي لحاظ کان آ ان ڊاڪٽ جو هيٺيون ڊاڪو هوس جنهن جو آخريءَ مٿاهون ڊاڪو چيف انجنير آهي. جونئر انجنير ڪري ڪم جو بہ پريشر زياده هو، ان ڪري ڪيترين ڳالهين فرصت نہ ملڻ ڪري تفصيلءَ تسلسل ۾ نہ آهن. ان وقت منهنجي عمر ڇويهہ ستاويهہ سال کن هئا. فقط پنهنجي انجنيرنگ کان ئي واقف هوس. دنيا جي ملڪنءِ قومن جي تاريخ، سياست، سماجيءَ معاشي حالتن بابت نہ برابر مطالعو هوم. ان ڪري هنن سفرنامن ۾ گهٽو ٿٽو غير سنجيده ءِ ترڙائپ واريون ئي ڳالهيون آهن. پر ان هوندي بہ اڄ هي ان دور جو ڳالهيون پڙهان ٿو تہ ڪٿي ڪٿي ڪل اچي ٿي تہ ڪٿي حيرت ٿئي ٿي تہ ان زماني ۾ دنيا جي ڇا حالت هئي يا اسان جي ڇا سوچ هئي. اڄ ٽي وي چئنلن، اليڪٽرانڪ ميڊيا، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽءَ هوائي جهازن جي سروس دنيا جون حالتون بدلائي ڇڏيون آهن. اڄ ڪو بہ ملڪ ڏورانهون ناهي. سڄي دنيا هڪ ڳوٺڙو ٿي پيو آهي.

بهرحال منهنجو پڙهندڙن کي اهوئي عرض آهي تہ هو هي منهنجيون لکڻيون ان دور جي تناظر ۾ پڙهن جڏهن اسان جي جواني جا ڏينهن هئا، ملڪ ۾ جهاز راني شروع ٿي رهي هئي. انگريزءَ يورپي جهاز هلائيندڙن جي جاءِ اسان، ملڪ جا شروع وارا گرئجوئيٽ، والاري رهيا هئاسين.

هميشہ وانگر پڙهندڙن جي فيڊ بئڪ جو انتظار رهندو.

**الطاف شيخ**، ١٢ ڊسمبر، ٢٠٠٩

## 4. ليڪڪ پاران نيو فيلڊس جي ڇاپي لاءِ مهاڳ........

هي ڪتاب 'بندر بازاريون' پڻ منهنجي شروعاتي سفرنامن مان هڪ آهي. جيڪو نيو فيلڊس وارن ٽيون دفعو ڇپرايو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن فيبروري ١٩٧٥ع ۾ ڇپيو يعني هي منهنجا سامونڊي سفر سال ١٩٧٤ع کان بہ اڳ جا آهن. ان وقتءَ اڄ جي تاريخ ۾ پاءُ صدي، يعني پنجويهہ کن سالن جو Gap اچي ويو آهي. ان عرصي ۾ دنيا. خاص ڪري سنگاپور، ٿائلنڊءَ ملائشيا (جنهن لاءِ هن ڪتاب ۾ هر وقت سنڌس پراڻو نالو 'ملايا' استعمال ڪيو اٿم) خبر ناهي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي نڪتي آهي. سنگاپورءِ ملائشيا جهڙن ملڪن جي ترقي اسان کي هيڪاندي گهٽي ان ڪري بہ لڳي ٿي جو اسان پاڻ وڌڻ بدران پٺتي هليا ويا آهيون.

ڪتاب جا پروف جانچڻ بهاني پنهنجي هن پراڻي ڪتاب پڙهڻ جو موقعو مليو اٿم. پڙهندڙن کي هن ڪتاب ۾ ڪي ڪي ڳالهيون عجيب لڳنديون. پنجويهہ سالن بعد مون کي پڻ عجيب لڳي رهيون آهن. خاص ڪري شين جا اگهہ. تن ڏينهن ۾ ملائشيا ۾ مزور جي ڏهاڙي ٽيهہ روپيا وڌي ڳالهہ سمجهبي هئيءَ اسان جي ملڪ کان بيڻ جيتري هئي. هينئر اسان وٽ ئي ڏيڊ سؤ روپيا ٿي وئي آهيءَ رازو واڌو تہ ٿي سؤ کان چار سؤ روپيا وٺي ٿو. مون کي ياد آهي تہ ١٩٦٩-٧٠ع وارن ڏينهن ۾ اسان وٽ سيمنٽ جي ڳوڻ جي قيمت ڇهہ روپيا هئي، جنهن جو جهاز پري اسان دبئي ويا هئاسين. اتي جي خريدار ٻڌايو تہ دبئي ۾ سيمنٽ جي هڪ ڳوڻ جي قيمت ٽيهہ

روپيا آهي. ان تي اسان کي حيرت ٿيڻ لڳي هئي ۽ هاڻ ١٩٩٧ع جي آخر ۾ اسان وٽ ئي في ڳوڻ ٻه سؤ روپيا ٿي وئي آهي. اهو ئي حساب پاڙن جو آهي. انهن ڏينهن ۾ ملائيشيا جي رڪشا جو ٻه روپيا پاڙو هو جيڪو اچ تمام گهٽ لڳي ٿو ۽ ان کان ٻه پندرهن سال اڳ، ١٩٦١ع ڌاري جڏهن اسان ڪاليج جي ’سي. اسڪائوٽ‘ طرفان ڪلڪتي ويا هئاسين ته اتي جي ٽئڪسين جو ان وقت جو چار آنا پاڙو جيتوڻيڪ اڄ تمام گهٽ لڳي ٿو پر انهن ڏينهن ۾ اهو تمام گهڻو هو ۽ ڪلڪتي جون ٽئڪسيون مهانگيون سمجهيون وينون ٿي. پر ان وقت سون جي تولي جي قيمت ٻه سؤ روپئي کان گهٽ هئي.

ملائيشيا جي ’بتروٽ‘ بندرگاهه ۾ هاران مليل ٻه چوڪرا ذڪريا ۽ هاشم جيڪي ان وقت اٺين يا نائين ڪلاس جا شاگرد هئا، ساڻن ملاقات پوءِ ٿيندي رهي. تعليم ختم ڪري انهن نوڪري ڪئي. هاشم ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ B.A يا M.A لاءِ به آيو. ٻنهي جون شاديون به ٿيون ۽ هاڻ ته ٻار به وڏا ٿي ويا اٿن ۽ خود اهي به اسڪول وڃن پيا. سندن مونسان دوستي اڄا هلندي اچي. نَوَ سال ملاڪا (ملائيشيا) ۾ رهائش دوران هو ٻارن سان مون وٽ گهمڻ ايندا هئا ۽ آءٌ پينانگ يا ٿائلنڊ جو شهر حاديه، ڪاريا ٽرين رستي ويندو هوس ته هاشم جي گهر ضرور ٽڪندو هوس.

١٩٧٣ع تائين، جن ڏينهن جي سفرن جو هن سفرنامي ۾ ذڪر آهي، ملائيشيا جي معاشي حالت اڄا ڪا خاص بهتر نه ٿي هئي. ڪافي حد تائين بيروزگاري هئي ۽ اتي جا ماڻهو نوڪري ۽ پورهئي لاءِ ڏاڍو پريشان هئا، جنهن جو بار بار ذڪر هن ڪتاب ۾ ڪيو اٿم. پر پوءِ لڳاتار محنت، سٺي ۽ ايماندار قيادت (Leadership) ۽ خدمت خلق جو جذبو رکندڙ سرڪاري ڪامورن ۽ سياستدانن ملائيشيا کي ٻن ڏهاڪن / ويهارو سالن ۾ جنهن اتاهين هنڌ تي پهچائي ڇڏيو آهي ان تي اسان جي ٽين دنيا جا ملڪ ته رشڪ ڪن ٿا پر ڪيترا يورپ جا ملڪ پڻ سڌون ڪن ٿا. سخت قاعدو قانون (۽ مٿس عمل پڻ)، تعليم جو اعليٰ معيار، غريب توڙي امير لاءِ عدل ۽ انصاف، صحت، صفائي، ڊيوٽي ۽ پورهئي ۾ ايمانداري، مختلف مذهبن ۽ زبانن جي ماڻهن جو هڪ ئي شهر، هڪ ئي محلي ۾ ڪير ڪندي ٿي رهڻ جو ٻيو نالو ملائيشيا ٿي پيو آهي.

منهنجو جهاز رستي ١٩٨٢ع تائين ملائيشيا ۾ اچڻ وڃڻ لڳو رهيو ان بعد ١٩٩٠ع تائين ملائيشيا جي هڪ شهر ملاڪا ۾ رهي پيس. ملاڪا ۾ لڳاتار رهڻ دوران مون کي سڄي ملائيشيا ۽ پر-وارن ملڪن، سنگاپور ۽ ٿائلنڊ کي اڄا ٻه ويجهڙائيءَ سان ڏسڻ جو موقعو مليو. ملائيشيا کي روز بروز نه فقط ترقي ڪندي ڏسڻ جو وجهه مليو پر انهن اصولن کي سمجهڻ جي چاڻ پڻ ٿي جن اصولن تي هلڻ سبب ملائيشيا ان اعليٰ درجي تي پهتو آهي. اڄڪلهه جي ملائيشيا جو ذڪر ’مڪلي کان ملاڪا‘، ’ڪوالالمپور ڪجهه ڪوهه‘ ۽ ’اي جرني ٽُ ٿائلنڊ‘ ڪتابن ۾ تفصيل ڏنو اٿم.

هي زمانو (جنهن ۾ ڪيل سفر جو ذڪر مون هن ڪتاب ۾ ڪيو آهي) اهو زمانو هو جنهن ۾ اڄا VCR ته عام نه ٿيو هو پر ٽيپ رڪارڊر به چرخي (Pool) وارو اڪائيءَ ۽ گرنڊنگ جو نظر ايندو هو. ڪيسٽ رڪارڊر جيتوڻيڪ نڪري چڪو هو پر مارڪيٽ ۾ عام نه ٿيو هو. مون به ان ٽرپ بعد ممباسا (ڪينيا) جي هڪ ڊيوٽي فري دڪان تان ڦيريون ڪئسٽ رڪارڊر ورتو هو، پر گانن جا ڪئسٽ اڄا به اڄ وانگر عام نه ٿيا هئا. ڪن خاص دڪانن تان ملندا هئا. ان ڪري فوني جا مالڪ خوش هئا ته سندن گراموفون (Record Player) لاءِ جتان ڪٿان رڪارڊ مليو وڃن. پورٽ ڪلانگ جي نائيٽ بازار، جنهن جو ذڪر ڪيو اٿم، ان ۾ به رڪارڊ عام وڪامي رهيا هئا جيڪي اسان ورتا. ميوزڪ جي دنيا ۾ ايتري ترقي ضرور ٿي هئي ته ٧٨ آر پي ايم جي ٺڪر وارن رڪارڊن بدران پلاسٽڪ جا 45-RPM جا رڪارڊ نڪتا هئا جيڪي قيمت ۾ سستا، سائيز ۾ ننڍا ۽ وزن ۾ هلڪا هئا ۽ جلدي نه ٽٽي پوندا.

پورٽ ڪلانگ ۽ ملائيشيا جي ٻين شهرن ۾ اڄ به اهي سستي اگهه واريون نائيٽ بازارون عام آهن جن کي ملئي زبان ۾ پاسار مالم (Pasar Malam) سڏجي ٿو. اهي مارڪيٽون ائين آهن جيئن پاڻ وٽ جمع مارڪيٽون، آچار مارڪيٽون يا منگل مارڪيٽون شروع ٿيون آهن. پر جيئن ته انهن ڏينهن ۾ اسان وٽ اهي مارڪيٽون شروع نه

ٿيون هيون سو هي ملائيشيا جون نائيٽ بازاريون اسان لاءِ نئين ۽ دلچسپ ڳالهه هئي. اڄ به ملائيشيا توڙي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور ۾ آ انهن مارڪيٽن مان خريداري ڪرڻ کي ترجيح ڏيان ٿو. انگلنڊ ۽ سئيڊن ۾ اهڙين مارڪيٽن جو نعم البدل پيني مارڪيٽون ۽ لوپس مارڪيٽون آهن.

ملائيشيا، سنگاپور، ٿائلنڊ ۾ ڀيون ڪيتريون ئي تبديليون آيون آهن. خاص ڪري معاشي ۽ اخلاقي طرح انهن ملڪن وڏي ترقي ڪئي آهي. عمارتون، تعليمي نظام، بزنيس، ڪارخانن ۾ هو اسان کان گهٽو اڳتي نڪري ويا آهن. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ انهن ڏينهن ۾ ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ عمارت (Peoples Park جهڙي) ٺماڙ نهي هئي نه ته Change Alley جهڙيون سوڙهيون گهٽيون هيون هاڻ ته سڄو ملڪُ بلڪ ٻيٽُ، سهٽين اتاهين عمارتن، پارڪن ۽ رستن سان ڀريو پيو آهي. سنگاپور ۾ ته خاص ڪري واپار جي نڳي ۽ چوري چڪاري ايتري هئي جو پبلڪ بسين، سئنيما گهرن ۽ بندرگاهه ۽ هوائي اڏي ته به جيب ڪترن کان خبردار ڪيو ويندو هو ۽ جتي ڪٿي هتي جي چئن زبانن، ملئي، تامل، چيني ۽ انگريزيءَ ۾ ان بابت لکيل هوندو هو ته ’جيب ڪترن ۽ چورن کان خبردار رهو.‘ هي اهو زمانو هو جڏهن اسان ڪانئن وڌيڪ مهذب هئاسين. ماڻهو نوابشاهه کان خيرپور يا حيدرآباد رات جو ٻارهين کان پوءِ به سلامتي سان سفر ڪندا هئا، ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ زالون اڪيلي سر فلم جو ٻيو شو ڏسي گهر اينديون هيون. گهرن جي ٻاهرن دروازن کي تالا نه لڳايا ويندا هئا. اڄ اسان وٽ الٽو حساب آهي. هوڏانهن اڄ جي سنگاپور جو ننڍو ٻار به بي ڊپو ٿي هلي ٿو. توهان جي ڪٿي وسري ويل هَڙ يا بئگ ٽن ڏينهن بعد به اتي ئي موجود نظر اچي ٿي. دنيا جا شاگرد سنگاپور، ملائيشيا، هانگ ڪانگ، ٿائلنڊ، مڪائو ۾ اعليٰ تعليم لاءِ وڃن ٿا. مائٽن کي خبر آهي ته انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ ته سندن ٻار ڪرجي سگهي ٿو پر سنگاپور جهڙي ملڪ ۾ هن لاءِ ايترو آسان نه آهي جو اسڪول ڪاليج کان ڀڇي، سگريٽ يا شراب پيئڻ جهڙا شوق ڪري سگهي.

سو يارو انهن ملڪن پنهنجي قسمت بدلائي ڇڏي آهي. هر هڪ تعليم يافته ٿي ويو آهي. هر هڪ ڪو نه ڪو هنر ڄاڻي ٿو، جنهن ذريعي هو روزگار ڪمائي سگهي ٿو. چانگي جهڙا ڳوٺ به ماڊرن ٿي ويا آهن ۽ ڪا به عورت خيرات نه ٿي وٺي، جسم جو سودو نه ٿي ڪري. چوڏاري ڪارخانا ۽ فئڪٽريون آهن. آفيسون ۽ بئنڪون آهن، جهاز ۽ جهازن جون ڪمپنيون آهن ۽ هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن حق حلال جي روزگار کي لڳل آهي. مسلمان، هندو، عيسائي ۽ ٻڌن جي باوجود هر ڪو خوش آهي. هر ڪو پنهنجي عبادتگاهه ۾ وڃي ٿو ۽ پنهنجو مذهبي ڏينهن ڌام ڌوم سان ملهائي ٿو. هڪ ٻئي جون خونريزيون ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي بالڪنيءَ مان بيهي پري کان ڪنهن کي ڪو بجو به نٿو ڏيکاري.

الطاف شيخ ڪراچي ١٩٩٧ع

## 5. هن اليڪٽرانڪ ايڊيشن لاءِ ڪُجهه لفظ

هن سفرنامي ’بندر بازاريون‘ جا ٽي چار ڇاپا ’نيو فيلڊس پبليڪيشن‘ وارا ڇپائي چُڪا آهن. هي پهريون دفعو آهي جو هي ڪتاب سکر جو نوجوان ليڪچرار ۽ سنڌي ادبي سنگت جو ڪارڪن ۽ ويب ڊزائيننگ ايڪسپرٽ عبداللطيف انصاري صاحب اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻي رهيو آهي. پروف چيڪ ڪندي گذريل زماني جا ڏينهن ۽ ڳالهيون مون کي عجيب لڳيون. پڙهندڙن کي اهو ڏيان ۾ رکڻ کپي ته هن سفرنامي (بندر بازاريون) ۾ منهنجي انهن سفرن جو احوال آهي جيڪي مون ستر جي شروع وارن سالن ۾ ڪيا. يعني ١٩٧١ع کان ١٩٧٣ع تائين ۽ ڪُجهه مهينا ١٩٧٤ع جا پڻ.

بهرحال اڄ کان ٤٠ سال اڳ کن جو زمانو اهو هو جڏهن اسان جو ملڪ، سنگاپور ۽ سريلنڪا، ملائيشيا ۽ ٿائلنڊ جهڙن ملڪن کان هر فيلڊ ۾ سڌريل ۽ تعليم يافته هو. هنن ملڪن جا نوجوان اسان جي ملڪ ۾ تعليم حاصل

ڪرڻ لاءِ ايندا هُئا. متين ملڪن ۾ اجا ايئر لائين شروع نہ ٿي هُئي ۽ اسان جي PIA ڪي هلندي ڏھ سال ٿي ويا هئا. سنگاپور، سريلنڪا ۽ ملائيشيا جهڙن ملڪن جي هوائي ڪمپني توڙي جهازران ڪمپنيون اسان جي پاڪستانين وجي شُروع ڪيون.

دنيا جي مقابلي ۾ اسان وٽ مهانگائي بہ نہ هُئي. ١٩٦٨ع ۽ ١٩٦٩ع ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت چار روپيا هئي ۽ ١٩٧٣ع ڌاري ڏھ روپيا وجي ٿي. آمريڪا ۾ حجام هيئر ڪٽ جا ۴ ڊالر يعني ۴٠ روپيا وٺندو هو تہ اسان ڪان رڳ نڪري ويندي هُئي جو اسان وٽ صدر جي ايئرڪنڊيشن دڪان ”ماڊرن هيئر ڊريسر“ وٽ بہ، ڪٽائي بہ روپيا هُئي. جپان ۾ هڪ ڊالر يعني ڏهن روپين ۾ ۴٠٠ يين ملندا هُئا. اسان جيتوڻيڪ جونيئر انجنيئر هئاسين، پگهار فقط ۴٠٠ روپيا هُئا. جنهن جو فقط اڌُ ٻاهر ملندو هو تہ بہ ٽئڪسين ۾ چڙهندا هئاسين. اڄ اسان جي ملڪ جي سڪي جو قدر ڪِرڻ ڪري جهاز جو هڪ چيف انجنيئر بہ جپان جهڙي ملڪ اندر بس ۾ چڙهندي بہ دفعا سوچي ٿو. آمريڪا ۾ سستي ۾ سستو حجام بہ ١٢ ڊالر وٺي ٿو يعني هڪ هزار روپيا. سنگاپور جو ڊالر جيڪو اڍائي روپيا هو ۽ پوءِ ١٩٧٣ع ۾ چار روپيا ٿيو اهو اڄ پنجاهہ ٿي وڃي پهتو آهي. جپان جو سڪو YEN ايڏو مٿاهون ٿي ويو آهي جو اڄ ڏهين روپئي ۾ ۴٠٠ بدران فقط ۴ يين ملن ٿا! سو ڪيتريون ڳالهيون اڄ جي پڙهندڙن کي هڪ خواب محسوس ٿيندو.

**الطاف شيخ**

**ڪراچي، ١۴ مارچ ٢٠٠٩**

# 6. جهاز بابت ڪجھ ڄاڻ

هن ڪتاب ۾ ڪجھ اهڙا ناڻا ۽ Terms استعمال ٿيا آهن جن جو واسطو جهازي دنيا سان آهي. عام ماڻهوءَ لاءِ انهن جي سمجهاڻي هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

**ڊيڪ** (Deck): جهاز جو مٿيون حصو. جهاز جي ڊاڪڻ چڙهي هن حصي تي پهچجي ٿو. هي جهاز جي اڳئين ڪنڌ کان آخري ڪنڌ تائين هڪڙو ئي حصو (پَٽُ) آهي. جهاز کي واٽر ٽائيٽ رکڻ لاءِ لوهي پليٽن جي هيٺين حصي کي ٻاهر، ساڄي ۽ کاٻي پاسي جي پليٽن کي Shell پليٽنگ ۽ مٿئين حصي کي ڊيڪ سڏجي ٿو. ڊيڪ جي هيٺان سامان رکڻ جا گودام، انجڻ روم، خلاصين جا ڪمرا تين. ڊيڪ جي مٿان به چار ماڙ جون ڇتيون تين ٿيون جن تي آفيسرن جا ڪمرا ۽ برج (جهاز جو ڪنٽرول روم) ٿئي. ڊيڪ جي مٿان وارا ڪمرا وڌيڪ هوادار ۽ سهڻا تين، جن جون دريون کولي ٻاهر جو نظارو به ڪري سگهجي ٿو. مسافرن جا فرسٽ ڪلاس ۽ ڊيلڪس ڪلاس ڪمرا به مٿي تين. ڪجھ ملڪن جي 'مسافر جهازن' تي گهٽ ڀاڙي وارا مسافر ڪٽڻ لاءِ ڊيڪ جي هيٺ سامان جي گدام ۾ هنڌ بسترا لڳايا ويندا آهن. ان ۾ رهندڙ مسافرن کي ڊيڪ ڪلاس پئسينجر سڏجي ٿو. اسان جي حاجين جي پراڻن جهازن؛ سفينه حجاج، سفينه عرب، سفينه شمس وغيره تي پڻ ڊيڪ ڪلاس هو جنهن کي اسان جي سنڌ جا حاجي 'ڊيگ' سڏيندا هئا. اونهاري جي ڏينهن ۾ بحر احمر (ڳاڙهي سمنڊ) جي سخت گرميءَ مان لنگهڻ وقت ڊيڪ ڪلاس جا مسافر پاڻ کي ديگ ۾ ئي محسوس ڪندا هئا.

**رڊر** (Rudder): جهاز جي پويان لڳل سکان کي رڊر سڏجي ٿو. جهاز کي ساڄي يا کاٻي موڙڻ لاءِ سکان کي موڙڻو پوي ٿو. ننڍين ٻيڙين جو سکان اسٽيرنگ ويل سان رسين ذريعي ٻڌل هوندو آهي. وڏن جهازن جو سکان (رڊر) تمام Complicated ٿئي ۽ هئڊرالڪ، اليڪٽرڪ يا نيوميٽڪ ذريعي Steering Wheel سان لاڳو ٿئي. ڪن جهازن تي اهي سڀ سسٽم گڏ تين ۽ اليڪٽرانڪ ۽ ڪمپيوٽر سسٽم به گڏ ٿئي، جنهن ذريعي جهاز کي آٽو تي رکي سگهجي ٿو. يعني بندرگاهه کان نڪرڻ بعد جيڏانهن جهاز کي وٺي هلڻو آهي اها Data ان ۾ وجهي ڇڏجي ۽ ماڻهوءَ جي مدد بنا اسٽيرنگ ويل سکان کي ڪنٽرول ڪري ٿو، جيئن هوائي جهاز جو پائلٽ جهاز کي Auto تي رکي پوءِ هلندو رهندو آهي.

**رڊار** (Radar): ٽي وي نما، گول اسڪرين وارو اوزار ٿئي جنهن تي ليڪن ۽ ڊبن جي صورت ۾ سامهون ايندڙ جهاز، ٻيٽ، زمين ۽ سمنڊ هيٺ ٽڪريون ۽ تباهه ٿيل جهاز نظر اچن ٿا. اتر اهن ملڪن ۾ هر وقت مينهن، برفباري ۽ اونده ڪري سامهون فرلانگ تائين به نظر نه پوندي آهي. پر رڊار جي شيشي تي ڇاليهه ميلن تائين بيٺل ۽ چرندڙ شيون ڏسي سگهجن ٿيون. سامهون ايندڙ جهازن جي رفتار ۽ رخ جي به خبر پئجي سگهي ٿي جنهن مان حساب ڪري اهو معلوم ڪري وٺبو آهي ته آيا سامهون ايندڙ جهاز پاسي کان لنگهي ويندا يا اسان کي پاسو ڪرڻو پوندو. اگر ڪرڻو پوندو ته ڪڏهن ۽ ڪهڙي هنڌ ته جيئن حادثو نه ٿئي.

**پورٽ هول**: جهاز جي ڪمري (ڪئبن) جي دريءَ کي Port Hole سڏجي ٿو. هي دريون هميشه واٽر ٽائيٽ ۽ ايئر ٽائيٽ هئڻ کپن ته جيئن خراب موسم ۾ يا اتر قطب جي ويجهو وارن ملڪن ۾ سمنڊ جو پاڻي يا ٿڌي هوا اندر نه اچي.

**گئنگ وي**: جهاز جي اها ڏاڪڻ جنهن ذريعي ڪناري تان چڙهي جهاز تي پهچجي ٿو Gang-Way سڏجي ٿي. لنگر ڪٽڻ مهل هيءَ ڏاڪڻ ڪرين ذريعي مٿي جهاز تي کڻئي ويندي آهي ۽ پاسيري ڪري رکبي آهي. هن ڏاڪڻ هيٺان ڦيٿا تين جنهن ذريعي سمنڊ جي چاڙهه ۽ لاهه وقت پاڻهي صحيح ٿي بيهي.

**ائلي وي**: جهاز جي گهٽين کي ائلي وي سڏجي ٿو.

**بٽلر** : بورچين جي مٿان وڏي بورچيءَ کي بٽلر سڏجي ٿو. روز جو کاڌو تيار ڪرائڻ ۽ ڊائننگ ٽيبل تائين پهچائڻ بٽلر جو ڪم آهي.

**پرسر**: سئلون ڊپارٽمينٽ جي انچارج کي پرسر سڏجي ٿو. جهاز جا بورچي، بٽرا، صفائي وارا Purser (پرسر) جي هٿ هيٺ ڪم ڪن. ڪجهه جهاز جا پرسر ريڊيو آفيسر کي پگهارون ڏيڻ ۾ بي ڏيتي ليتيءَ جي ڪمن ۾ پڻ مدد ڪن جن لاءِ کين جهاز جي مالڪن طرفان ڪجهه وڌيڪ پگهارُ ملي.

**سُڪاني** : انگريزيءَ ۾ ڪيس Quarter-Master سڏجي ٿو. سُڪاني اهو خلاصي آهي جيڪو ڪئپٽن يا ٻئي ڊيوٽيءَ تي موجود نيويگيٽر سان گڏ چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ چار ڪلاڪ رات جو ڊيوٽي ڪري. کليءَ سمنڊ ۾ هن جو ڪم سامهون ايندڙ جهازن تي نظر رکڻ ۽ ان بابت ڊيوٽي آفيسر کي ٻڌائڻ آهي، جيئن هو اڳوات پنهنجي جهاز لاءِ ڪو سلامتيءَ وارو رستو اختيار ڪري سگهي. بندرگاهه ۾ گهڙڻ يا نڪرڻ وقت سڪانيءَ جي ڊيوٽي Steering-Wheel وٽ هوندي آهي ۽ ڊيوٽي آفيسر (ڪئپٽن، چيف آفيسر) يا پائلٽ جي حڪم موجب جهاز کي اوترو ڊگريون ساڄي يا کاٻي موڙتو هوندو آهي.

**پائلٽ**: هوائي جهاز هلائيندڙ ڪئپٽن کي ته پائلٽ چئبو آهي پر پاڻيءَ جي جهاز هلائيندڙ ان ڪئپٽن کي به پائلٽ چئبو آهي جيڪو بندرگاهه جو واقف (سونهون) هجي. ڪنهن به ملڪ جي بندرگاهه ۾ گهڙڻ کان اڳ جهاز کي ان بندرگاهه کان ڏهه پندرهن ميل ٻاهر کليءَ سمنڊ ۾ بيهاريو ويندو آهي. بندرگاهه ۾ اندر وٺي هلڻ لاءِ بندرگاهه طرفان مقرر ڪئپٽن لانچ ۾ چڙهي ايندو آهي ۽ پوءِ جهاز کي اندر وٺي هلندو آهي. ان ڪئپٽن کي بندرگاهه جو پائلٽ تو سڏجي. هن کي بندرگاهه جي چپي چپي جي خبر هوندي آهي. ڪراچيءَ جي بندرگاهه کي به اهڙا اٺ ڏهه پائلٽ آهن جيڪي پنهنجي ۽ ڌارين ملڪن جي جهازن کي اندر وٺي ايندا آهن يا رواني ٽيڻ وقت بندرگاهه کان ٻاهر کليءَ سمنڊ تائين اماٽي ايندا آهن. بندرگاهه ۾ جهاز هلائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي، جيڪو هر بندرگاهه جا مڪاني پائلٽ سرانجام ڏين. ان ڪم جي في بندرگاهه وارا جهازران ڪمپنيءَ کان وٺن جنهن کي Pilotage-Fee سڏجي ٿو.

**نارٿ سي پائلٽ** : ڪي ڪي بندرگاهه، خاص ڪري يورپ جا يا جپان ڪوريا جا ايترو ويجهو ٿين جو اهو ئي هڪڙو پائلٽ هڪ بندرگاهه مان جهاز کي ڪڍي ٻئي بندرگاهه اندر پهچائي ايندو آهي. اتر يورپ جي ملڪن وارو سمنڊ 'North-Sea' خاص ڪري سياري ۾ اهڙو ته خراب ۽ اونداهو هوندو آهي جو جهازران ڪمپنين جا مالڪ جيترا ڏينهن جهاز اتر انگلنڊ، پولنڊ، ڊئنمارڪ، جرمني جهڙن ملڪن ۾ هوندو آهي ته يڪو هڪ پائلٽ رکندا آهن، جيڪو 'نارٿ سي' پائلٽ سڏجي ٿو. جهاز جي ڪئپٽن کي جهاز جي مالڪن طرفان Instructions هوندا آهن ته سياري ۾ نارٿ سي ۾ جيڪڏهن جهاز هلائي سگهو ٿا ته توهان جي مرضي پر جي ٿورو به شڪ يا ڊپُ ڊاءُ محسوس ڪريو ته مهرباني ڪري 'نارٿ سي پائلٽ' Hire ڪريو. نارٿ سي پائلٽ جي في جيتوڻيڪ لکن ۾ ٿئي ٿي پر جهاز جي سلامتيءَ ڪارڻ مالڪ اهو ڦاهو ڦڪيندا آهن. يورپ ڏي هلندڙ جهازن ۾ ان قسم جي پائلٽن جي رهائش لاءِ هڪ وڌيڪ ڪئبن پڻ هوندي آهي جنهن کي **'پائلٽ ڪئبن'** سڏجي ٿو.

**خلاصي**: جهاز هلائيندڙ مٿيون عملو آفيسر سڏجي ٿو ۽ هيٺيون اسٽاف خلاصي (Crew) سڏجي ٿو. خلاصين ۾ ڪي انجڻ روم جا خلاصي سڏبا آهن ته ٻيا ڊيڪ ۽ گئلي وي (بورچيخاني) جا. ڊيڪ وارن خلاصين جو ڪم جهاز جي لوهي پليٽن کي سمنڊ جي پاڻيءَ سبب زنگ لڳڻ کان بچائڻ لاءِ صاف رکڻ، رنگ لڳائڻ ۽ رسا چڪڻ ۽ سڪانيءَ جي ڊيوٽي ڪرڻ آهي. انجڻ روم جا خلاصي تيل وارا ۽ آگ وارا سڏبا آهن. گئلي وي جي ڊيوٽي ۾ اسٽيورڊ (بٽرا)، بورچي، ڀنڊاري (ٻاچي چلڻ وارا) ۽ ٽوپس (ڀنگي) اچي وڃن ٿا.

**ٿرڊ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، سيڪنڊ آفيسر، چيف آفيسر وغيره وغيره** : جهاز هلائيندڙ عملي جا ٻه اهم حصا آهن. هڪ نيويگيٽر (جن کي ڊيڪ آفيسر به سڏجي ٿو) ۽ ٻيو انجنيئر. ڊيڪ آفيسر (Navigators) جو ڪم سمنڊ تي رستو ڳولهڻ ۽ جهاز کي ان رخ ۾ وٺي هلڻ آهي. منڊن، موسمن، سمنڊن ۽ هوائن جي چاڻ رکڻ ۽ ان جي نقصان کان جهاز کي بچائڻ، بندرگاهه ۾ ڪارگو (سامان) رکڻ ۽ لاهڻ آهي. انجنيئرن جو ڪم جهاز جي

انجڻين کي هلائڻ ۽ انهن جي نگهباني ڪرڻ آهي . جهاز هڪ شهر مثل آهي، جنهن ۾ نه فقط جهاز هلائڻ جي انجڻ آهي، پر اليڪٽرسٽي پيدا ڪرڻ، پاڻيءَ ۽ تيل جا ڪيترا ئي پمپ هلائڻ، بئالر، جنريٽر ۽ ٻيون مشينون پڻ آهن . ڊيڪ آفيسرن جو سڀ ۾ وڏو باس ڪئپٽن آهي . ڊيڪ ڪئڊٽ سڀ ۾ جونئر ڊيڪ آفيسر آهي . اهڙيءَ طرح انجنيئرن ۾ سڀ کان ننڍو، انجنيئرنگ ڪئڊٽ يا جونئر انجنيئر سڏجي ٿو . ان بعد ففٿ انجنيئر، فورٿ انجنيئر، ٿرڊ انجنيئر، سيڪنڊ انجنيئر ۽ آخر ۾ سڀ کان مٿانهون چيف انجنيئر آهي .

دنيا جي هر ملڪ جي هر جهاز تي انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جون ڊيوٽيون مقرر آهن . مثال طور ٿرڊ انجنيئر جي ڊيوٽي رات جو ۽ ڏينهن جو ٻارهين ڪان چئين تائين جهاز هلائڻو آهي ۽ بندرگاهه ۾ سندس ڪم جنريٽرن جي سار سنڀال آهي . ٿرڊ انجنيئر سان گڏ واري ڊيوٽي، ڊيڪ آفيسرن مان سيڪنڊ آفيسر ڪندو آهي . هڪ ئي وقت جاڳي ڊيوٽي ڪرڻ ڪري هر جهاز جي ٿرڊ انجنيئر ۽ سيڪنڊ آفيسر جي سٺي دوستي رهي ٿي . اهڙيءَ طرح ٻين انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي ڊيوٽي مقرر آهي .

**ريڊيو آفيسر**: انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن کان علاوه هر جهاز تي هڪ ريڊيو آفيسر پڻ هوندو آهي . ريڊيو آفيسر جو ڪم ريڊيو ذريعي جهاز ۽ بندرگاهه وارن ڏي نياپا موڪلڻ ۽ وٺڻ آهي . جهاز تي ڪم ڪندڙ آفيسرن ۽ خلاصين جي پگهارن جو حساب ڪتاب ۽ مختلف ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ Visa ۽ ٻيون ڪاغذي ڪاروايون پوريون ڪرڻ پڻ ريڊيو آفيسر جو ڪم آهي .

**اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ فرج انجنيئر**: مٿين انجنيئرن (جيڪي مئرين انجنيئر آهن) کان علاوه جهاز تي ٻه ڪن اليڪٽريڪل انجنيئر ۽ هڪ فرج انجنيئر پڻ ٿئي . جن جو خاص ڪري اليڪٽرسٽي ۽ ريفريجريشن جو ڪم هوندو آهي . اهي انجنيئر سيڪنڊ انجنيئر ۽ چيف انجنيئرن جي هٿ هيٺ ڪم ڪن ٿا .

**نيويگيشن**: سمنڊ تي رستو ڳولڻ جي هنر کي Navigation سڏجي ٿو . سمنڊ تي خشڪيءَ جي رستن وانگر رستا نه آهن . سمنڊ تي رستو ڳولڻ ۽ لڳندڙ هوائن ۽ لهرن کان فائدو وٺي يا بچاءُ ڪري جهاز هلائڻ، نيويگيٽرن (ڊيڪ آفيسرن) جو ڪم آهي . نه فقط جهاز هلائڻ پر ڏينهن ۾ ٽي چار دفعا سج، چنڊ ۽ تارن جي مدد سان جانچڻو پوندو آهي ته جهاز واقعي صحيح رستي ۽ رخ ۾ هلي پيو يا نه . البت هاڻ ڪجهه اهڙا اوزار نڪتا آهن جن ذريعي وقت بوقت اها خبر پوندي رهي ٿي ته جهاز ڌرتيءَ جي گولي تي ڪهڙي هنڌ آهي . ان اوزار کي Satellite Navigator سڏجي ٿو . هونءَ Seaman ۽ Sailor نيوي جنگي جهاز تي هيٺين عملي جون Ranks پڻ آهن .

**سيڪيورٽي انجنيئر**: بندرگاهه ۾ موڪل ڪرڻ وقت هڪ سينيئر انجنيئر ضرور جهاز تي ڇڏبو آهي، جيئن هو ٻاهه لڳڻ جهڙي ايمرجنسي کي منهن ڏئي سگهي . ان انجنيئر يا ڊيڪ آفيسر کي سيڪيورٽي انجنيئر يا سيڪيورٽي آفيسر سڏجي ٿو . سيڪيورٽي انجنيئر سان گڏ هڪ ياٻه جونئر انجنيئر يا ففٿ انجنيئر به هوندو آهي، جنهن کي انجڻ روم ۾ رهڻو پوندو آهي .

**انجڻ روم**: جهاز جي انجڻ روم سمجهو ته پنج ڇهه ماڙ پلازا يا بلڊنگ آهي، جنهن جي هر فلور تي ڪيتريون ئي مشينون آهن، جهاز جو پنکو Propeller هلائڻ واري مشين Main Engine سڏجي ٿي . جيڪا ٽي چار ماڙ ٿئي، جنهن جو هڪ هڪ سلينڊر ايترو ته وڏو ٿئي جنهن ۾ ٽي ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ۽ اٺ نَوَ فوٽ ڊگهو ٿئي . مين انجڻ کان علاوه ٻيون اهم مشينون هي آهن . جنريٽر، پمپ، پيوريفائر، بئالر، ايئر ڪمپريسر، ايوو پريٽر، ڪولر، هيٽر، Sewage پلانٽ وغيره .

**پروپيلر**: جهاز جي پٺئين پاسي ٻاهر لڳل پنکي کي Propeller سڏجي ٿو . جهاز کي ڦيتا نه ٿين . پنکي هلڻ سان جهاز اڳيان پويان وڃي ٿو . جهاز جي پنکي هلائڻ واري انجڻ کي مين انجڻ سڏجي ٿو .

**سيلنگ بوٽ**: جيڪا ٻيڙي سڙهه (Sail) تي هلي ان کي Sailing Boat سڏجي ٿو . انجڻ جي ايجاد ٿيڻ کان اڳ پاڻيءَ جا جهاز سڙهن تي هلندا هئا ۽ Sailing Ships سڏبا هئا . جيڪي ٻيڙيون ڪاٺ جي چپن سان هلن ٿيون اهي Rowing Boats سڏجن ٿيون .

**ڊراءِ ڊاڪنگ** : لڳاتار سمنڊ ۾ بيهڻ ڪري جهاز جي تري تي سپون ۽ ٻيون سامونڊي شيون (Sea Growth) چهٽيو وڃن، جيڪي جهاز جي لس هلڻ ۾ رخنو وجهن ٿيون ۽ رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ لڳي ٿي. جهاز جي تري جي صفائي ۽ چڪاس لاءِ جهاز کي خشڪ گوديءَ ۾ اچي بيهاربو آهي جنهن کي ڊراءِ ڊاڪ (Dry-Dock) سڏجي ٿو. ڊراءِ ڊاڪ ۾ ڪيل صفائي، رنگ روغن ۽ مرمت کي Dry-Docking سڏجي ٿو. هر ڪارگو جهاز لاءِ ضروري آهي ته ٻن سالن ۾ هڪ دفعو ڊراءِ ڊاڪنگ ڪرائي ۽ مسافر جهاز لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضروري آهي.

**جيٽي** : بندرگاهه جو ڏڪو، جنهن سان جهاز لڳي بيهي ٿو، جيٽي سڏجي ٿي. ڪن جهازن کي بندرگاهن ۾ جيٽي نه ملندي آهي ته پوءِ جيٽيءَ سان لڳل جهاز جي پر سان ٿي بيهندا آهن. اهڙي صورت ۾ چئبو آهي ته اسان جو جهاز فلاڻي جيٽيءَ تي بيٺل فلاڻي جهاز جي Alongside آهي. هانگ ڪانگ، سنگاپور جهڙن مشغول بندرگاهن ۾ جهازن کي عام طرح 'الانگ سائيڊ' نه بيهاريو وڃي ٿو. اهڙي صورت ۾ جهاز جو ڪارگو ڪناري بدران سمنڊ واري پاسي بيٺل بارجز ۾ لاهڻو پوندو آهي. بارجز (Barges) تانگهي ۽ بنا انجڻ واري ٻيڙي ٿئي جنهن کي 'ٽگ بوٽ' يا عام لانچ ڇڪي.

**ڊيرڪون** : جهاز تي سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ بندرگاهه تي ڪرينون (Cranes) ٿين. ڪن بندرگاهن ۾ اهي نه ٿين ۽ جهاز تي لڳل ڪرينن ذريعي سامان لاٿو ويندو آهي. جهاز جي Cranes کي ڊيرڪ Derrick سڏجي ٿو.

**ڪئبن**: جهاز تي رهائشي ڪمرا ڪئبنون (Cabins) سڏجن ٿيون.

**ڊيوٽي ميس** : جهاز کي هڪ وڏي ميس ٿئي جنهن کي Dinning Saloon سڏجي ٿو، جنهن ۾ سپ آفيسر، گهٽو ڪري يونيفارم ۾ ماني کائين. سئلون کان علاوه هڪ ننڍڙي ڊيوٽي ميس ٿئي جنهن ۾ ڊيوٽي وارا انجنيئر ۽ ڊيڪ آفيسر ماني کائين. ڊيوٽي ميس خبرن ۽ ڪچهريءَ کان مشهور ٿئي جتي هر ڪو فري اسٽائيل ۾ ٻٽاڪ سٽاڪ هڻندو آهي. ٻئرن ۽ وڏن آفيسرن جي اچ وڃ نه هجڻ ڪري ناقابل اشاعت لطيفا، شعر و شاعري ۽ پنهنجا پراوا Scandal آزادانه نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

**برج روم** : جهاز جي ڪنٽرول روم کي برج سڏجي ٿو. برج جو هڪ حصو چارٽ روم هوندو آهي. جنهن ۾ هلڪي روشنيءَ جو بندوبست ٿيل هوندو آهي، جيئن مختلف سمنڊن جا چارٽ ڏسي ۽ ماپي سگهجن. باقي حصي ۾ اونداهه ڪئي ويندي آهي جيئن رات جو سامهون ايندڙ جهاز ڏسي سگهجن. برج جي کاٻي ۽ ساڄي پاسي واري حصي کي Wing سڏجي ٿو.

**بل ورڪ**: جهاز جي چوڌاري ڏنل ٻنوڙي کي Bulwark سڏجي ٿو.

**بنڪر** : جهاز جون مشينون هلائڻ لاءِ جيڪو تيل ونجي ٿو ان کي Bunker سڏجي ٿو. بنڪر وٺڻ وارو سڄو ڏينهن يا رات انجنيئرن لاءِ ڊوڙ ڊوڙان جو هوندو آهي. جهاز لاءِ هڪ قسم جو تيل نه پر ڪيترن ئي قسمن جو تيل ٽنن جي حساب سان ونجي ٿو. جنهن کي مختلف ۽ مقرر تيل ٽانڪين ۾ جمع ڪيو وڃي ٿو. هڪ ويهه هزار ڪن ٽن جهاز لاءِ اٽڪل هي تيل وٺبا آهن. جيڪي مهينو ڪن هلن.

**هيوي فيول H.F.O**. ٻارهن سؤ ڪن ٽن

**مئرين ڊيزل آئل**. چار سؤ ٽن

**ڪرئنڪيس آئل**. چار هزار گئلن

**سلينڊر آئل**. ٻه هزار گئلن

**ٽربائين آئل**. هڪ هزار گئلن وغيره وغيره.

**ائنڪر**: جهاز جي اڳئين منهن وٽ لنگر (Anchor) ٿئي ٿو جيڪو سمنڊ ۾ جهاز کي بيهارڻ مهل هيٺ زمين تي ڪيرايو ويندو آهي. ائنڪر زمين جي تري ۾ وڃي ڦاسندو آهي ۽ جهاز کي اڳيان وڌڻ نه ڏيندو آهي. وري جڏهن جهاز کي هلڻو هوندو آهي ته ونڊلس مشين ذريعي لنگر کي ٻاهر ڇڪي ڪڍبو آهي. بندرگاهه ۾

جيتيءَ پرسان جاءِ ملڻ تي لنگر کيرائڻ بدران جهاز کي جيتيءَ تي ڪتل ڪلي سان ٻڌو وڃي ٿو. لنگر (Anchor) لاءِ مشهور ڳجهارت آهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن جي ڄڏهن ضرورت پوندي آهي ته اڇلائي ويندي آهي ۽ جڏهن ضرورت نه هوندي آهي ته پٽ تان کڻي رکي ويندي آهي.

ائنڪريج: جهاز سڄو سفر پورو ڪري جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ پهچي ٿو ته هن کي اجازت نه آهي ته بندرگاهه ۾ يڪدم گهڙي پوي. بندرگاهه ۾ اچڻ کان اڳ ڪلئي سمنڊ ۾ لنگر Anchor ڪيرائڻو پوي ٿو. پوءِ بندرگاهه اٿارٽيءَ طرفان ان ملڪ جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جو عملو ڪلئي سمنڊ ۾ جهاز تي پهچي جهاز جي عملي ۽ مسافرن وغيره جي ڪاغذن جي چڪاس ڪري ٿو. ان بعد بندرگاهه طرفان پائلٽ اچي ٿو، جيڪو جهاز کي آهستي آهستي ڪري اندر بندرگاهه ۾ مقرر ڪيل جيتيءَ تي اچيو بيهاري.

هر بندرگاهه جي ٻاهران، ڪلئي سمنڊ جو اهو حصو جتي جهاز کي ائنڪر ڪيرائي اندر اچڻ جو انتظار ڪرڻو پوي ٿو، ان کي Anchorage (ائنڪريج) سڏجي ٿو. ائنڪريج تي بيهڻ وارو وقت جهازيءَ لاءِ آرام ۽ انتظار جو هوندو آهي. آرام جو ان ڪري جو ائنڪريج تي نه جهاز هلائڻ جي ڊيوٽي ڪرڻي پوي ٿي نه ڪا مشينري کولي ان جي مرمت (Overhauling) ڪرڻي پوي ٿي. سو مسافريءَ جو ٿڪ ڀڃڻ ۽ آرام لاءِ ائنڪريج سٺو آهي. ساڳئي وقت انتظار به ڪرڻو پوي ٿو ته خبر نه آهي جهاز کي ڪڏهن اندر گهرائن. جيئن ڪناري تي پير رکي سگهجن ۽ گهمي ڦري سگهجي. اڄڪلهه ڪيترائي بندرگاهه ماڊرن ٿي ويا آهن ۽ ڏينهن اڌ جي انتظار بعد اندر گهرايو وڃي ٿو. هڪ اهڙو به سفر ياد اٿم جنهن ۾ ڪراچيءَ کان ڪيوبا سفر ۾ مهينو لڳو. ان بعد ڪيوبا جي ائنڪريج تي مهيني کان به مٿي انتظار ڪرڻو پيو. ان بعد مهيني کن پوءِ جهاز جيئن بندرگاهه ۾ گهڙيو ته ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت اسان کي ڪناري تي پير رکڻ جي هڪ ڏينهن جي به اجازت نه ڏني.

ائنڪريج کي ڪڏهن ڪڏهن فقط ائنڪر به چيو وڃي ٿو. ڇي اسان جو جهاز چار ڏينهن ائنڪر تي بيٺو ان بعد اندر سڏايو ويو.

ڊوميسٽڪ فرج: جهاز تي به ٿي ڪمرا، گوشت، مڇيءَ ۽ ڀاڄيءَ ميوي کي ٿڌو رکڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ڪمرن کي جنهن مشين ذريعي ريفريجريٽر وانگر ٿڌو رکيو ويندو آهي ان کي 'ڊوميسٽڪ فرج' سڏجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻن ٽن مهينن جي سفر جو راشن اٽڪل چاليهه کن رڍون، ٻڪريون ۽ ڍڳيون هونديون آهن. ان خيال کان ڊوميسٽڪ فرج مشين تمام اهم سمجهي وڃي ٿي، جنهن جي خراب ٿيڻ تي سڄو گوشت خراب ٿي سگهي ٿو. جنهن کي پوءِ سمنڊ ۾ ئي اڇلائڻو پوي ٿو ۽ نئين گوشت لاءِ ويجهي بندرگاهه جو رُخ رکڻو پوي ٿو.

## 7. سفر جي شروعات

سيڪنڊ انجنيئري جو امتحان پاس ڪري جيئن ئي ڪراچيءَ پنهنجي آفيس پهتس، ته ان ئي ڏينهن مون کي 'عزيز پٽي' جهاز تي في الحال ٿرڊ انجنيئر جي حيثيت سان Sail ڪرڻ لاءِ چيو ويو جو ان جهاز جو ٿرڊ انجنيئر ڳپل مهينن کان موڪل لاءِ واجهائي رهيو هو.

جهاز جي هڪ ڳالهه آهي ته هر جهاز تي هڪ مقرر عملو ٿئي ٿو، جنهن کان سواءِ جهاز جو هلڻ مشڪل آهي. هونءَ ئي اسان وٽ، "مئرين انجنيئرن"، جهازن تي سخت ضرورت هئي، ويتر جو بنگلاديش ٺهڻ بعد مڙيئي بنگالي هليا ويا ته، ڪيترن جهازن تي اسٽاف جي کوٽ ٿي پئي ۽ موڪلن تي ويلن کي به واپس ڊيوٽيءَ لاءِ گهرائي، جن جن ملڪن ۾ پاڪستاني جهاز بيٺا هئا، انهن کي ٻاءِ ايئر موڪليو پئي ويو.

'عزيز پٽي' تي پهتس ته معلوم ٿيو ته، اهو جرمنيءَ جو ٺهيل جهاز آهي ۽ انجڻ پڻ جرمن M.A.N اٿس. هيءَ انجڻ منهنجي لاءِ نئين هئي. ان کان اڳ مون فقط سلزر انجڻ وارا جهاز هلايا هئا. جهاز جو انجنيئر، جنهن

ڪي اهو جهاز چڏڻو هو، سو منهنجو ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جو دوست سعيد سليمان هو. اسان ٻئي پيٽارو ۾ گڏ روم ميٽ هئاسين. (ان کان پوءِ مئرين اڪيڊمي چٽگانگ ۾ پڻ)، انجڻ جي چارج ڏيندي، آگرين تي چميون ڏئي چوڻ لڳو: ”انجڻ هن جهاز جي، پٽ اٿئي پت! ٿورو به خيال رکندين ته جرمن زالن وانگر، هرو ڀرو دوکو نه ڏيندءِ. ڪٿي ائٽلانٽڪ سمنڊ هجي يا بي آف بسڪي. هر شيءِ آٽوميٽڪ اٿئي.“ پوءِ جنريٽرن وٽ بيهي وري آگرين تي چمي ڏئي چوڻ لڳو: ”جنريٽر فرسٽ ڪلاس، پمپ فرسٽ ڪلاس ۽ جونئر اسٽاف سڄو قابل اٿئي. تو کي ڪنهن به قسم جي سمنڊ يا بندرگاهه تي پريشاني نه ٿيندي.“

”بس، بس. تو تي اعتبار آهي. تون پلي موڪل ڪر. پر اهو ٻڌاءِ، هن جهاز جي ’روٽ‘ ڪهڙي آهي. انگلنڊ يا آمريڪا ته نه اٿس؟“

”چوپلا؟ اوڏانهن ڪنهن چوريءَ ڪي شاديءَ جو ڏٿو ڏئي آيو آهين ڇا؟“ هن مون کي گهُوريندي چيو.

”نه يار، اوڏانهن مونکي هر دفعي موڪليو اٿن. هن دفعي آءٌ اهو سوچي سامونڊي نوڪريءَ لاءِ نڪتو آهيان ته ڏور اوڀر ڏي ڪو جهاز ويو ته ويندس. جو اهو ئي دنيا جو حصو منهنجو ڏٺل ناهي.“

”پارٽنر، ويري ساري! هي جهاز ته انگلنڊ ۽ يورپ ٿو وڃي.“ سعيد ٻڌايو ۽ آءٌ مات ٿي ويس.

سال کن اڳ سامونڊي نوڪريءَ مان تنگ ٿي جڏهن ڇڏيم ته ظفر حسن، استاد بخاري، ناريجو ۽ هادي بخش جهڙن اديب دوستن چيو: ”تنهنجي نوڪريءَ مان گهٽ ۾ گهٽ اسان کي مختلف ملڪن جا سفرناما پڙهڻ لاءِ پيا ملندا هئا. آغا سليم، قمر شهباز ۽ امر جليل جهڙن دوستن جڏهن پهرين سفرنامن جي همت افزائي ڪئي ته آءٌ اهو سوچي وري سمنڊ ڏي ڇڪجي آيس ته گهٽ ۾ گهٽ رهيل ملڪ، خاص ڪري اوڀر پاسي جا ضرور ڏسڻ کپن، جتي جادوءَ ڀريو جپان آهي. پراسرار چين ۽ ڪوريا، سهڻو سهڻو سنگاپور ۽ ملايا آهي، هانگ ڪانگ آهي ۽ ٿائلنڊ آهي. پر افسوس جو جيڪو جهاز ملي رهيو هو، سو اوڏانهن ويو ٿي جتي اڳ به ڪيترا دفعا وڃي چڪو هوس. سامهون بندرگاهه ۾ پيا به نئشنل شپنگ ڪارپوريشن جا جهاز بيٺا هئا. اهي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا. انهن سان منهنجو ڪو سروڪار نه هو. مون کي پنهنجي جهاز سان رهڻو هو جيڪو هفتي کن کان پوءِ ڪويت ۽ ممباسا کان ٿيندو لنڊن وڃڻو هو. اتان پوءِ هر دفعي وانگر جرمني، فرانس، بيلجم ۽ پولنڊ جي بندرگاهن ۾ وڃڻو هو. اسان جي سامهون ’سرفراز رفيقي‘ نالي جهاز بيٺو هو، جو ٻئي ڏينهن تي ڪراچيءَ کان لنگر کڻڻ جي تيارين ۾ هو.“

”يار هي جهاز سرفراز رفيقي به عجيب آهي. سندس انجڻ بلڪل پٺيان هئڻ ڪري، سمنڊ تي ڏاڍو لڏي ٿو.“ هڪ انجنيئر ٻڌايو.

”انجڻ پٺيان هئڻ ڪري ته لڏي ٿو پر هونءَ به لڏڻ سندس عادت آهي. شل نه ٿوري تکي هوا لڳي يا سمنڊ ۾ ڪا وڏي ڇولي اچي، پوءِ پنهنجو پاڻ سنڀالڻ ۾ ئي پورو هوندو آهي.“ ٻئي چيو.

آءٌ اهو سوچڻ لڳس ته اهڙو گهٽو لڏڻو جهاز به مصيبت آهي، جيڪو ٿوري جهڪ، ٿوري سامونڊي چاڙهه تي ئي مست ٿي ڪُڏڻ لڳي. هونءَ به مون کي اهي جهاز نه وڻندا آهن جن جي پُڇ ۾ انجڻ هجي. جي رهائش ۽ انجڻ وغيره وچ ۾ آهي ته ايترو لوڏو محسوس نٿو ٿئي. ڪنهن به ڏگهي ڪاٺيءَ کي وچ تي جهلي پاسن کان هيٺ مٿي ڪري ڏسبو ته پُڇڙين جي مقابلي ۾ وچ ذري گهٽ هڪ هنڌ رهندو ۽ اهڙيءَ طرح لوڏن وقت جهاز جي پاسن تي رهندڙ هيٺ مٿي ٿا ٿين ۽ وچ وارن کي گهٽ لوڏا اچن ٿا.

اسان جهاز جا ڪجهه آفيسر ان ئي ڏينهن شام جو چانهه تي جهاز جي ڊيڪ تي اچي گڏ ويٺا سين ته اتي آفيس جو پٽيوالو، جهاز جي ڏاڪڻ چڙهندي نظر آيو. خطن جي ڀري هٿن ۾ هيس سا اچي مونکي ڏنائين. مختلف واسطيدارن لاءِ ساڳئي خط جا نقل هئا ۽ مون ڏي پڻ، جنهن ۾ لکيل هو ته ’عزيز پٽي‘ جهاز کي ڇڏي سرفراز رفيقي جهاز تي هينئر جو هينئر وڃي چڙهان، جو اتي جي انجنيئر جو حادثو ٿي پيو آهي. هيٺان نوٽ لکيل هو ته: ’جهاز سڀاڻي ڏهين وڳي ڪراچي ڇڏي رهيو آهي.‘

واچ ۾ نهاريم. ان وقت شام جا پنج وڄي چُڪا هئا. سيني دوستن خط پڙهي تعجب ڪاڏو ته هي ڪهڙو نادرشاهي حڪم آهي جو چوويهه ڪلاڪن جي به وچ ۾ مهلت ڪانهي. ڪو چوڻ لڳو ته بيمار ٿي پئُ. ڪو صلاح ڏيڻ لڳو ته: چئين ته يونيفارم تيار نه آهي. مون کي ته اڳهين ان جهاز تي وڃڻ لاءِ دل ڪوٺي هئي سو عذرن جي آجيان ڪندي فيصلو ڪيم ته اهڙو نمونو اختيار ڪندس، جو ٻئي ڪنهن کي رکي ڇڏين ۽ جهاز نڪري وڃي. پر ان هوندي به احتياط خاطر ڪراچيءَ جي دوستن کان موڪلائڻ لڳس. سڀ ايترو جلد روانو ٿيڻ تي تعجب ڪائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا: ”يار تو سان اها حالت پئي ٿئي، جا گمنام سپاهيءَ سان دفن وقت ٿيندي آهي. بنا ڪنهن روئڻ جي، بنا ڪنهن جنازي نماز جي، بنا ڪنهن دعوت جي روانو ٿي رهيو آهين.“

ٻئي ڏينهن آفيس مان صبح ساڍ اڇي جهازن جو ٽائيم ٽيبل ورتم. سرفراز رفيقي جهاز جي وڃڻ جا هنڌ پڙهي ڪٽي ڏسان ته مار! اهي ئي هنڌ، جيڏانهن آءٌ وڃڻ ٿو چاهيان... ملايا، چين، سنگاپور، ٿائلنڊ، هانگ ڪانگ، جپان. نه فقط ايترو پر جپان کان پوءِ جهاز کي آمريڪا جي اولهه ڪناري جي شهرن لاس اينجلس، سئن ڊياگو، وئنڪوئر پڻ وڃڻو آهي. مونکي باقي ڇا ٿي کپتو. جهاز جون ٻيون سڀ اوٽايون وساري، يڪدم سامان ٻڌي، ٽئڪسي ڊوڙائي، اندر بندرگاهه ۾ پهتس، ٽائيم سوا ڏهه ٿيو هو. پائلٽ جهاز تي پهچي چڪو هو. جهاز جي ڏاڪڻ ڪڇي چڪي هئي، جلدي جلدي ڪرين ذريعي مونکي ۽ منهنجي سامان کي جهاز تي چاڙهيو ويو ۽ جهاز ڪراچيءَ جي بندرگاهه مان ٻاهر نڪرڻ لڳو. منهوڙي کان پر-ڀرو جهاز کي پڄائي، پائلٽ الوداع ڪئي. انجڻ روم جي ٽيليگرام جي سُئي Full Ahead تي پهچڻ سان، جهاز پنهنجي سچي رفتار سان ڏکڻ طرف ڀرين ويجهي بندرگاهه ڪولمبو ڏي وڌڻ لڳو. پنيان ڪراچيءَ جون اڇيون عمارتون ميرانجهڙيون ٿينديون ٿينديون غائب ٿي ويون ۽ هاڻ چوڏاري سمنڊ ئي سمنڊ، پاڻي ئي پاڻي ۽ انجڻ ۽ ڇولين جو آواز رهجي ويو آهيءِ آ وينو حال اوريان.

جهاز، سلون ٽائين ڏکڻ ڏي وڃي پوءِ اتان ايرندي طرف رُخ رکندو. ستن ڏينهن کان پوءِ ملائيشيا جي مشهور بندرگاهه پينانگ ۾ پهچندو.

## 8. سي سڪنيس ۽ نشي وارا بسڪيٽ

ڪنهن سچ چيو آهي ته طوفان نه آهن ته وچ سمنڊ تي به نه آهن ۽ جي قسمت ۾ آهن ته ڪناري تي به ٻچيو نٿو سگهجي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته آمريڪا ويندي ائٽلانٽڪ سمنڊ، جيڪو خوفناڪ سمنڊن ۾ وڏي ۾ وڏو سمجهيو وڃي ٿو، (پڪيڙ جي لحاظ کان وڏي ۾ وڏو سمنڊ پئسفڪ آهي.) اهو به سچي وات، ڏهه ئي ڏينهن ڪن، آفريڪا جي ڪيپ آف گڊهوپ کان وٺي، نيويارڪ (آمريڪا) يا ويسٽ انڊيز تائين اهڙو ماٺو ملندو آهي جهڙي آرسي هجي ۽ محسوس ئي نه ٿيندو آهي ته ڪو جهاز هلي پيو. فرلانگن جا فرلانگ جهاز، پنيان پاڻيءَ تي لينگهو ٺاهيندو ويندو آهي، جيئن واريءَ تي ڪنهن ڪي گهلڻ جا نشان بيهن. ڪڏهن ته وري اهڙي حالت، جا هن دفعي ٿي. ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪتاسين ئي مس ته موسم ۽ سمنڊ خراب مليو. جهاز اڳهين هلڪو هو. چاڪاڻ ته خالي پئي ويو، سو ائين ڳڌه وانگر ڪڏائڻ لڳو جو سيني ڪي الٽين جو ڦهڪو هو. لاٽون ڦري ڦري، ڪرڻ وقت جيئن آخري به چار چڪر پاسيرا هٽندو آهي، ڪجهه اهڙي ئي انداز سان اسان جو جهاز لڳاتار لڏي رهيو هو. سڄو ڏينهن گذري ويو. منهنجو سامان ڪئبن ۾ ائين ئي رکيو هو. آخر پئنٽري مئن (ميس جي اسٽيورڊ ۽ بئائز جي انچارج) کان پڇيم: ”منهنجو ڪهڙو بئاءِ آهي. نه سامان ٺاهيو اٿس نه چادرون مٽايون اٿس.“ پئنٽري مئن چوڻ لڳو: ”سائين بئائز سڀ نوان آيل آهن ۽ سيني کي سي سڪنيس (Sea-Sickness) پئي ٿئي. ڊائننگ سلون ۾ به آءٌ اڪيلو ڪم ڪري رهيو آهيان.“

ٿوري دير کان پوءِ نڪاءَ سان دڙ ڪليو. مون ته سمجهيو الائي ڪنهن مست سانَ در کي ٿونو هنيو. گهنجيل قميص ۽ وڪريل وارن ۾ هڪ ڇوڪرو ائين اچي اڳيان ٽنگون ڦاڙي بيٺو، ڄڻ ڪو موالي پيئڻ کان پوءِ پئسا نه ڏيڻ ڪري، شراب خاني مان ڌڪا ڏئي ڪڍيو ويو هجي.

”سر، مون کي نديم چون ٿا. آءٌ توهان جو بئاءِ آهيان.“

”ڇو خير ته آهي؟ سي سڪنيس پئي ٿئي ڇا؟ اها ته سيني کي ٿيندي آهي.“ مون کيس سمجهائيندي چيو: ”ان جو اهو مطلب نه آهي ته ڊيوٽي نه ڪجي. تنهنجي ته ڊيوٽِي ڪا ڏکي ناهي. اسان جي ڏس ڪيتري ڏکي ۽ جوابداريءَ واري آهي ۽ يڪا چار چار ڪلاڪ ڏينهن جو ۽ رات جو بيٺي پير، انجڻ روم ۾ گرميءَ ۾ ڪم ڪريون ٿا.“

پاڻ نئون آيو هو، سو ٿوري دل وڏي ڪرڻ ٿي چاهيمانس. مون کي پڪ هئي ته جيئن ئي موسم صاف ٿي يا ڪو بندرگاهه اچي ويو ته ڪيس سڀ کان وڌيڪ ساموندي نوڪري وڻندي.

سي سڪنيس بابت اڳين ڪتابن ۾ پڙهي چڪو آهيان ته هيءَ بيماري موسم خراب ٿيڻ ڪري يا سمنڊ ۾ جوش اچڻ ڪري، جهاز جي لڏڻ سان ڦيريءَ وانگر محسوس ٿئي ٿي. پئسينجر جهاز ڪجهه اهڙي نموني سان ٺاهيا وڃن ٿا، جو گهٽ لڏن، پر مال بردار (ڪارگو) ۽ تيل کڻڻ وارا جهاز (ٽئنڪر) گهڻو لڏن ۽ گهٽي ڦيري ٿئي.

سمنڊ ۾ گهٽ جوش هوندو آهي ته سي سڪنيس به تمام ٿوري ٿيندي آهي. ان حالت ۾ صرف اڪيون ڳريون ٿين ۽ ننڊ جو گهيرٽ محسوس ٿئي. پر جي سمنڊ ۾ گهڻو جوش هوندو آهي ۽ ويتر موسم به خراب ٿي پوي ته پوءِ گهٽي ٿيندي آهي ۽ الٽيون پڻ اچن. هونءَ اڄ تائين ان بيماريءَ جي ڪا اهڙي دوا ايجاد نه ٿي سگهي آهي، جا هن کي سدائينءَ لاءِ ختم ڪري. گهٽائڻ لاءِ اپاءَ آهن، جهڙوڪ: پاڻيٺ واريون شيون، مثال طور: چانهه، شربت، رٻَ گهٽ وڃن. ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ پاڻ کي رڌل رکجي. ڪمري جون دريون کولي تازي هوا کائجي. سمنڊ ڏي نه ڏسجي، ۽ ڪوشش ڪري ڪائيندو رهجي. جيتوڻيڪ ان وقت ڪا شيءِ نه ٿي وڻي، پر زوريءَ به کائجي. ڇو جو خراب حالت ويتر تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن ڪو خالي پيٽ تي الٽيون ڪرڻ چاهي ٿو. ان ڪري

حاجين ۾ بين مسافرن جي جهاز تي کين زوريءَ بسڪيٽ کارايا ويندا آهن. ڪن پوڙهن حاجين جي واتان ٻڌبو آهي ته هو ان بيماريءَ جو ڪارڻ ئي اهي بسڪيٽ سمجهندا آهن ۽ کائڻ کان نٽائيندا آهن. وطن موٽڻ تي ٻڌائيندا: ”جهاز تي اسان کي زوريءَ بسڪيٽ کائڻ لاءِ ڏيندا هئا، جيئن نشي وارا بسڪيٽ کائي ستا پيا هجون. اسان ٻه ان وقت ته بسڪيٽ وٺندا هئاسين، پر جهڙو ئي آفيسر پٺيرو ٿيندو هو ته سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيندا هئاسي.“

هونءَ سي سڪنيس دوري مثال آهي. ان وقت زندگيءَ مان بيزاري محسوس ٿيندي آهي. ڪا شيءِ نه وڻندي آهي ۽ ڊيوٽي به لاچار ڪرڻي پوندي آهي. ان کان پوءِ هنڌ حوالي. ڇا کاڻ ته سمهڻ سان وري به فرحت محسوس ٿئي ٿي ۽ الٽي جهَڪي ٿئي ٿي. حالت اها هوندي آهي جو سامهون سامان ڪرندو رهندو، پر دل نه چوندي ته بستري تان اٿي ڪٽي ريڊيو يا ريفريجريٽر کي پڇڻ کان بچائجي. ريڊيو يا ريفريجريٽر ته ڇا، دل چوندي آهي ته سڄو جهاز پلي پڇي پُري يا ٻڏي ته جيئن هن يڪي عذاب مان جان ڇُٽي. اهوئي سبب آهي، جو اڳئين زماني ۾ جڏهن ننڍڙا جهاز هئا (جن ۾ هيڪاندو گهڻو سي سڪنيس ٿئي) غلام قيدين کان زوريءَ ماري ڪٽي چپُن ۽ ونجهن سان هلرايا ويندا هئا، پوءِ جڏهن سمنڊ خراب ٿيندو هو ۽ ’سي سڪنيسس‘ کين تنگ ڪندي هئي ته هو پنهنجي جان تان به هٿ ڪٽي، پاڻ کي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪري انت آڻيندا هئا. ان ڪري کين سنگهرن سان ٻڌو ويندو هو. پر هاڻي، هڪ ته جهاز عمدي قسم جا آهن، هر هڪ پنهنجي خوشيءَ ۽ شوق سان اچي ٿو ۽ ٻيو ته جهاز تي ڪم ڪندڙن کي جيتريون سهوليتون آهن ٻئي ڪنهن نوڪريءَ واري کي مليل نه آهن.

اسان جو جهاز ڪراچيءَ کان نڪرڻ بعد ٻه ڏينهن جوشيلي سمنڊ جو شڪار رهيو. آءٌ ٻه ٻين وانگر سوچيندو رهيس ته بس جهاز رڳو ڪٿي پهچي ته هيءَ نوڪري ڇڏي ڪناري تي ڏکي سکي، گهٽ پگهار تي ئي سهي، ڪا نوڪري ڪبي، پر هيءَ نه. هھڙي نوڪريءَ کي باھه ڏجي. جهاز تي رهڻ لاءِ ايئرڪنڊيشنڊ جاءِ آهي ته ڇا، کائڻ لاءِ اوچو کاڌو ملي ٿو ته ڪهڙي ڪم جو، پگهار گهڻو آهي ته اهڙو پئسو ڇا ڪبو. ماڻهو ته اهو ٻه سوچيندا هوندا ته اسان سڄي دنيا گهمون ٿا پر ڪين ڪهڙي خبر ته اهڙي دنيا ڏسڻ کان ته هيءَ ڇئن ڏينهن جي زندگي گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ يا ٻئي ڪنهن اهڙي غير رومانوي ڳوٺ ۾ ئي گذاري ڇڏڻ بهتر آهي. اهڙا ۽ ان جهڙا ڪئين خيال، جي زندگيءَ مان ڪڪ ٿيڻ جي حمايت ڪن ٿا، دماغ ۾ سي سڪنيس وقت ايندا آهن. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي جڏهن سمنڊ اوچتو ماٺو ٿيندو آهي، موسم صاف ٿي ويندي آهي ۽ بئرا ميٽر جو ڪانٽو نارمل ڏي وڌڻ لڳندو آهي ته ڳالهه وسري ويندي آهي ته ڪجهه گهڙيون اڳ ڪيڏي مونجهه ۽ آنڌ مانڌ هئي. ڇا حالت ۽ ڇا سوچ هئي. پنهنجين پراڻين ڳالهين تي کِل ايندي آهي. سو اسان جي جهاز کي به ٻن ڏينهن کان پوءِ جيئن ئي سمنڊ ماٺو مليو ته سڀني جا مرڪندڙ منهن ڊائننگ سلون، ائلي وي (جهاز جي گهٽين)، سموڪ روم (جهاز جي ڊرائنگ روم) ۽ ڊيڪ (عرشي) تي نظر آيا. پوءِ خبر پئي ته هن ٻيڙي تي ٻيا ڪير ڪير سفر ڪري رهيا آهن. ڏسندي ئي ڏسندي سڄي جهاز تي کل خوشي ۽ ٺهڪ ڇوڏاري پکڙجي ويا. ٽيبل تي ڏسان ته استعيفيٰ جي درخواست رکي آهي جا سي سڪنيس جي حالت ۾ نوڪريءَ کان ورچي لکي هيم. ان کي، ان وقت ئي ڦاڙيم. ڇڱو جو سمنڊ تي پوسٽ جا دٻا ڪونهن، نه ته خبر ناهي ڪيترن جهازين جون استعيفائون هر سال هيڊ آفيس پهچنديون رهن.

هونءَ هي منهنجو سفرنامو اهي نوجوان، جن کي سامونڊي نوڪري ڪرڻ جو ارادو آهي، پڙهي شايد ويچار ۾ پئجي وڃن ته هيءَ جهاز تي ڪهڙي بلا، سي سڪنيس جي روپ ۾ نازل ٿئي ٿي. انهن لاءِ ايترو عرض ڪندس ته ان لاءِ ڪا گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي. اهڙا خراب ڏينهن سمنڊ تي روز روز ڪو نه ٿا اچن. منهنجي هيستائين جي سامونڊي زندگيءَ ۾ اهو اندازو آهي ته اهڙا ڏينهن سراسري مهيني ۾ هڪ يا ٻه ٿا ٿين. ڪڏهن ڪڏهن ته ڇهن ستن مهينن جي سفر ۾ ڪٿي هڪ ڏينهن به اهڙو نه آيو هوندو. وري ساڳئي وقت سي سڪنيس سڀني کي هڪ جيتري به ڪا نه ٿي ٿئي. ڪن کي وري برداشت جو مادو تمام گهڻو آهي ۽ ڪيڏي به موسم خراب هجي، پر

ڪين ذرو بہ اثر نٿو ٿئي. ڪن ڪي وري پهريون مهينو بہ ٿئي، ان بعد صفا نہ ٿئي يا تمام ٿورڙي سي سڪنيس ٿئي. بهرحال اها ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي، جنهن ڪري ڪو سامونڊي نوڪريءَ کي ڏڪاري.
نوڪريءَ لاءِ هر جهاز تي بہ طبقا ٿين. هڪ ’خلاصين‘ جو، جيڪي هيلپر نموني جو ڪم ڪن ۽ ٻيو جهاز هلائيندڙ عملو، جن جي ڏينهن رات جي ڊيوٽي ٿئي ۽ جوابداري پڻ. انهن ۾ ڊيڪ آفيسر (نيويگيٽر) ۽ انجنيئر اچي وڃن ٿا. انجنيئرن ۽ ڊيڪ آفيسرن جي چونڊ انٽر سائنس (فزڪس ۽ مئٿس) ڪان پوءِ ٿيندي آهي ۽ انهن کي مئرين اڪيڊميءَ ۾ ٻن سالن لاءِ ڪئڊٽ رکيو ويندو آهي. انجنيئريءَ جو پنجن سالن جو ڪورس هوندو آهي. جو انجنيئرنگ ڪئڊٽس کي وڏيڪ ٽي سال ڪنهن شپ يارڊ ۾ ’يارڊ جاب‘ ڪرڻو پوي ٿو. هي چونڊ جا مقابلي وارا امتحان مئرين اڪيڊمي وارا انٽر جي امتحان ڪان چار پنج مهينا اڳ جن لاءِ ’ڪمانڊنٽ مئرين اڪيڊمي، ماريپور روڊ ڪراچي‘ ڪان فارم گهرائي ڀرڻا پوندا آهن جن جي سؤ ڏيڍ سؤ روپيہ ڪن في ٿئي. اسان جي ڏينهن ۾ هيءَ اڪيڊمي چٽگانگ جي ڀرسان ’جلديا‘ نالي ٻيٽ تي هئي، پر هاڻ ڪراچيءَ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي.
خلاصين ۾ بورچي، وادا، بي هنر، مشينري جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ آڳ وارا، تيل وارا، ٻئرا وغيره اچي وڃن ٿا. انهن جي چونڊ ڪراچيءَ ۾ ’مرڪنٽائيل مئرين ڊپارٽمينٽ، ڪياماڙي‘ ۽ ’شپنگ آفيس‘ سنڌ سيڪريٽريٽ ويجهو ٿيندي آهي. پوءِ اهي آفيسون خلاصين کي مختلف ڪمپنين جي جهازن تي موڪلينديون آهن.
جهازن جا مکيہ ٽي قسم آهن. مسافر بردار جهاز، مال بردار جهاز ۽ تيل کڻڻ وارا جهاز. مال بردار جهازن ۾ اهو مزو هوندو آهي تہ اهي ڪيترن ئي بندرگاهن تي، گهٽا ئي ڏينهن، اجا بہ هفتن جا هفتا بيٺا هوندا آهن. مسافر بردار جهازن تي ٻين جهازن ڪان پگهار ڏهہ سيڪڙو ڪن مٿي ٿئي، پر هميشہ مسافرن جو گوڙ متل هوندو آهي ۽ چند مقرر بندرگاهن تي ڏينهن اڌ مس ترسن. تيل کڻڻ وارن جهاز تي پڻ پگهار ٻين جهازن ڪان وڌيڪ آهي، پر اهي جهاز بہ فقط ٻن يا ٽن بندرگاهن ۾ وڃن. هڪ گهڻو ڪري ايراني نار يا ’وچ اوڀر‘ جو بندرگاهہ جتان تيل کڻڻو هوندو اٿن ۽ ٻيو اهو، جتي ڇڏڻو هوندو اٿن. جنهن جهاز تي منهنجو سفر ٿي رهيو آهي اهو مال بردار (Cargo) جهاز آهي ۽ چوڏهن هزار ٽن مال کڻي سگهي ٿو. منجهس ريفريجريٽيڊ سامان، جهڙوڪ: ميوا، مڇيون، گانگٽ وغيره جن کي خراب ٿيڻ ڪان بچائڻ لاءِ برف ڪان بہ گهڻو ٿڌو رکڻ گهرجي، پڻ کڻي سگهجي ٿو. هي جهاز جرمنيءَ ۾ ١٩٦٦ع ۾ ٺهيو ۽ اٺ سال پراڻو آهي.

## 9. ملايا[1] جو لباس ۽ چار قومي زبانون

جهاز ٽئين ڏينهن سلون جي ويجهو پهتو ۽ سنڌس ڪنارو بنا دوربين جي نظر اچڻ لڳو. ان ڪان پوءِ سلون ٻيٽ جو هيٺان ڦيرو ڪري جهاز جو رخ اڀرندي طرف موڙيو ويو، جو بلڪل سامهون اوڀر ۾ ملايا آهي، جيڪا اسان جي پهرين منزل هئي ۽ ڪراچي ڇڏڻ بعد پوري ستين ڏينهن ملايا جي بندرگاهہ ۽ ٻيٽ ’پينانگ‘ ۾ جهاز کي پهچڻو هو.
ملايا ۾ پهچڻ ڪان بہ ڏينهن اڳ، آءُ اهو سوچي رهيو هوس تہ خبر ناهي ملايا جا ماڻهو ڪهڙي قد بُت ۽ رنگ روپ جا هوندا. آمريڪا، يورپ ۽ آفريڪا گهمندي ٻين ملڪن جا ماڻهو تہ اڪثر ڏٺل هئا، پر ڪڏهن بہ اهڙو همراهہ نٿي سُجهيو جو ملايا جو هجي ۽ نہ وري ڪٿي انهن بابت پڙهيو هوم. سنڌن اڳوٽي وزيراعظم، تنڪو عبدالرحمان، جو نالو سو ٻڌل هو. جنهن مان ايترو اندازو هوم تہ اتي مسلمان پڻ هوندا. ٻيا ڪهڙن مذهبن ۽

[1] (هاڻ ملايا جو ملڪ ملائيشيا سڏجي ٿو ۽ چئن زبانن بدران هڪ قومي زبان ملئي آهي جنهن کي ڀاسا ملائيشيا سڏين ٿا.)

ڏرمن جا ماڻهو، کهڙيون ٻوليون ۽ لباس پائين ٿا، ان بابت ڪا معلومات نه هئي سو پينانگ جهاز پهچڻ تائين آءٌ ملايا جي ماڻهن بابت سوچيندو رهيس.

هينئر آءٌ پينانگ ٻيٽ ۽ ملايا جي سرزمين جي وچ ۾ هلندڙ فيريءَ ۾ چڙهي پينانگ ٻيٽ تي وڃي رهيو آهيان. منهنجي پرسان ۽ اڳين پوين بينچن تي ڪيترا ئي مرد، عورتون، ٻار ۽ ڇوڪرا ڇوڪريون ويٺا آهن. ڪي ڪٽڪ رنگا، ته ڪي پيلاءِ ڪارسرا. اڇي گوري ۽ پيلي رنگ جا، چيني آهن، چيني ڇوڪرين ڪي اسڪرٽ پيل آهن. سانوري رنگ جا پر ٿورو سُونهن ۾ سرسُ، نڪُ چينين جهڙو ئي مِنو، پر ٿورو وڏيڪ ڇپيل، ملئي آهن، جيڪي ملايا جا اصلي رهاڪو آهن. انهن جي عورتن جي پوشاڪ بشرٽ ۽ گوڏ آهي پر اڄڪلهه جا نوجوان ڇوڪرا پينٽ پائين، باقي ڇوڪريون ساڳي ڊريس ڪي ڇهٽيو اڇن. گوڏ لاءِ مختلف رنگ ۽ اوڇو ڪپڙو استعمال ڪن، خاص ڪري گُلن وارو يا شنگهائي سلڪ. بشرٽ ۽ گوڏ ٻن جدا رنگن جي استعمال ڪن، پر ڪي ڇوڪريون جيڪي ساڳيو رنگ استعمال ڪن، اهي ٿڌي رنگ کي ترجيح ڏين ٿيون. انهن جي زبان ملئي آهي ۽ مسلمان آهن. چيني، عيسائيت ۽ ٻڌ ڌرم سان واسطو رکن ٿا. ڪي ٿورا منجهن مسلمان پڻ آهن ۽ ڪي چيني پراڻي مذهبن جي پيروي ڪن ٿا. سامهون جيڪو انڊونيشي نموني جي ڪاري ٽوپي ۾ ويٺو آهي سو پڻ ملئي آهي، مون سمجهيو شايد انڊونيشي آهي، پر پڇا تي معلوم ٿيو ته ملايا ۾ ٽوپي پائڻ نيازمنديءَ جي نشاني آهي.

ملايا ۾ چپي چپي تي توهان کي ڏکڻ هندستان جون ساڙهيءَ ۾ ڍڪيل، سنهڙيون، ڪاريون ڇوڪريون، تامل زبان ڳالهائيندي نظر اينديون. انهن ۾ مسلمان به آهن ته هندو به. سندن مردن جو لباس، اڇي گوڏ، سا وري گوڏن وٽان مٿي وريل هوندي. ملايا جون چار قومي زبانون آهن؛ انگريزي، ملئي، چيني ۽ تامل. انگريزي گهٽو ڪري هر ڪو ڳالهائي ۽ سمجهي. رڪشا وارو يا اٽيڙهيل دڪاندار به توهان سان انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪري ويندو. ڏکڻ ۾ مڙئي اتر کان وڏيڪ انگريزن جو اثر ڇڏيل ٿو ڏسجي. فيري ويهن منٽن ۾ پينانگ پهچي ٿي. سڀ لهن ٿا ۽ پينانگ ٻيٽ گهمڻ لاءِ ٽيڙي پڪڙي وڃن ٿا.

ماڻهن ۽ موٽر لارين کي، درياءَ جي هڪ پر تان ٻي پر تائين پهچائڻ لاءِ يا سمنڊ جو ننڍڙو ٽڪرو اڪارڻ لاءِ هڪ ويڪرو ننڍڙو جهاز، يا وڏي ٻيڙي، انجڻ تي هلندڙ ٿئي. جنهن کي عام طور فيري سڏجي ٿو. اهڙو سسٽم ڪيترن ئي ملڪن ۾ آهي. جيئن لورپول ۾ برڪن هيڊ ۽ پيئر هيڊ جي وچ ۾ فيري هلي ٿي، يا هانگ ڪانگ کان ڪولون، ڪولون کان مڪائو وغيره. ڍاڪا، چٽگانگ، ڪلنا ۾ اهو فيري سسٽم عام آهي. اسان وٽ پڻ موري ۽ دادوءَ وچ ۾ جڏهن ۽ جيسين پُل نهي، فيريءَ جي ڪري اچ وڃ جي سهوليت پيدا ڪري سگهجي ٿي. اهڙي نموني درياءَ جي ٻين ڪيترن هنڌن تي ٻن ڪنارن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ هي طريقو وڏو ڪارآمد ثابت ٿيو آهي. فيريءَ جو هيٺيون ڊيڪ موٽرن/ لارين بيهڻ لاءِ هوندو آهي ۽ مٿيون مسافرن لاءِ.

## 10. ستمر ڪندو رهه ستمگر

پينانگ ٻيٽ، ملائيشيا جي سرزمين کان ٿورو ئي پري، ٻه ميل ڪن ٿيندو، جنهن جي چؤڌاري سمنڊ آهي. هونءَ هي سڄو علائقو ننڍن وڏن ٻيٽن سان ڇانيو پيو آهي ۽ سوين انڊونيشيا ۽ ملايا جا ٻيٽ هڪ ٻئي سان گڏيا پيا آهن. ڪي ته اهڙا به ننڍا ٻيٽ آهن جن تي ڪو رهي به ڪو نه ٿو. ملايا کي پنهنجون يارهن رياستون آهن. ١٩٦٣ع ۾ انهن رياستن: اتر بورنيو (جنهن کي اڄڪلهه سراواڪ ۽ سباح سڏجي ٿو)، گڏجي پنهنجي ائسوسيئيشن ٺاهي ۽ سڀ پاڻ کي گڏجي 'ملائيشيا' سڏائڻ لڳا. پر پوءِ سنگاپور ٩ آگسٽ ١٩٦٥ع تي انهن کان ڌار ٿي، الڳ ملڪ جي حيثيت اختيار ڪئي آهي. ملائيشيا جو وڏو شهر ۽ گاديءَ جو هنڌ ڪوالالمپور آهي، پر هڪ سياح لاءِ پينانگ ٻيٽ به وڏي ڪشش رکي ٿو، جيڪو بقول سندن هڪ ننڍڙو 'ملائيشيا' آهي، جنهن ۾ توهان کي هر اها شيءِ ملندي، جيڪا سڄي ملائيشيا ۾ آهي.

اسان جي جهاز پينانگ ۾ اچڻ بدران ملائيشيا جي سرزمين جي آخري ريلوي اسٽيشن واري شهر ’بٽرورٿ‘ ۾ اچي لنگر ڪيرايو. اسان کي هتان جهاز ۾ آمريڪا لاءِ رڳو ٻه ڏينهن ترسڻو هو. جيئن ته پينانگ ۾ بٽرورٿ جي وچ ۾ هر اڌ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ فيري هلي ٿي. پينانگ وڃڻ لاءِ ڪا ٽڪيٽ ناهي، پر موٽڻ تي ٽڪيٽ وٺڻي پوي ٿي. پينانگ ۾ هر شيءِ بنا ٽئڪس جي وڪامي پر اها شيءِ پينانگ کان ٻاهر ڪڍڻ تي ٿورو گهڻو ٽئڪس لڳي ٿو. پينانگ ۾ دنيا جي هر شيءِ تمام سستي ملڻ ڪري، ٻاهرون ٻين ڌارين مسافرن ۽ ملڪي ماڻهن جو ميلو لڳو پيو آهي. جتي خريداريءَ جهڙو ڪم هجي اتي عورت ذات جو هجڻ تمام ضروري سمجهڻ کپي، ڇو ته خريداري، عورت جي دلپسند وندر آهي. ٻين ڳالهين لاءِ وٽس وقت هجي يا نه پر خريداريءَ لاءِ ضرور هوندو اٿس. پهرئين ڏينهن مون کي خبر نه هئي ته ڪو پينانگ ’ٽئڪس فري پورٽ‘ آهي. جتي ڪٿي، لاس پاماس (Canary ٻيٽ) ۽ ٽرنيداڊ ٻيٽن (ويسٽ انڊيز) جيان، ڇوڪريون ئي ڇوڪريون نظر پئي آيون. دڪانن تي ميڙ، گهٽين ۾ ميڙ ۽ هوٽلن ۾ سامان جي پرين سان گڏ عورتون. ٽيبل جي چوڌاري ٻن ڪرسين تي پاڻ ويٺيون آهن ته ٻه سامان سان سٽيون پيون آهن. ڪپڙن جا پارسل، ڪوڙن زيورن جون دٻليون، سئنڊلن ۽ رومالن جا ڪوڪا. آءٌ سوچيندو رهيس ته ڳالهه ڇا آهي. اڄ ڪو خاص ڏينهن آهي جيئن حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي سئنيمائن ۾ چڙيا گهرن ۾ هڪ ڏينهن فقط عورتن لاءِ هوندو آهي. اهڙو ڪو هتي به نمونو آهي، جو مرد ورلي نظر اچن ٿا! يا ته ڪو هتي ويجهڙائيءَ ۾ ڇوڪرين ۽ عورتن جا ڪاليج آهن جو موڪل بعد خريداري لاءِ نڪري پيون آهن. پر پوءِ هتي جي معلومات پڙهڻ بعد خبر پئي ته پينانگ ڊيوٽي فري پورٽ آهي جتي هر شيءِ اصلي اگهه تي (يعني ڪارخاني جي اگهه تي) ملي ٿي. پينانگ کان ٻاهر، ملائيشيا جي سرزمين تي آڻڻ لاءِ معمولي ٽئڪس آهي، جيڪو فقط ملائيشيا جي ئي ماڻهن کي ڏيڻو پوي ٿو ۽ اهو ٽئڪس وري سندن ئي ملڪ کي سجائڻ ۽ سندن سُک لاءِ ڪم ۾ آندو وڃي ٿو.

واپسيءَ تي فيريءَ ۾ هڪ محترم منهنجي پرسان ويٺي هئي. صحت ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي صحتمند هئي ۽ سندس لاءِ سندس جسم ڍوئڻ ئي ڪافي هو، پر سامان پنهنجي تور کان به ڀيٽو ڪنيو هٿائين. پاسي کان ڪڇُن مان ڪڍي ڪو پاڪيٽ ڪريو تي پيس ڪڍهن ڪو ديو. منهنجي پاسي وارا ڪرنڊ ٽيڙ ڏري ڏري مون تي ڪٽي ڏنس ۽ ٻئي پاسي جا سندس ٻئي پاڙيسريءَ. اٿڻ مهل شڪريو چوڻ وقت منهنجي منهن ۾ چتائي، پڇڻ لڳي:
”ڇا فارينر (پرديسي) آهين؟“

چيومانس: ”ها. ڪراچيءَ کان آيو آهيان.“ منهنجي هٿ ۾ رڳو رسالا ڏسي چوڻ لڳي: ”توهان ڌارين لاءِ ته هتي معمولي ٽئڪس به معاف آهي پوءِ به تو پينانگ مان ڪجهه نه ورتو آهي. پينانگ کان وڌيڪ سستائي ته چنڊ تي به نه هوندي.“

مون مُرڪي ڪٽي مات ڪئي. هاڻ محترم کي ڪير سمجهائي، ته اسان لاءِ جيڪي خدائي فوجدار ڪسٽم آفيسرن جي روپ ۾ ڪراچيءَ ۾ انتظار ڪري رهيا آهن ته رڳو پڇون ته ابتي ڪل لاهين، انهن کان ڪير بچائيندو. پاڪستاني ڪسٽم آفيسرن وٽ اگهي ته ڪچ نه ته ماڻڪن موت وارو حساب! جي راڻا ريجهيل هجن ته پلي ڪو ڏينهن ڏني جو هاتي به ڪاهي وڃي ته به پرواهه نه آهي، نه ته ڪوشش اها ڪندا ته ٻاهران آيل مسافر کان ڇا ڪليٽن جي پئڪٽ تي به ٽئڪس جو ٻڏائي، هيسائجي ۽ ڪجهه ڪڍجي. خبر ناهي ڪراچيءَ ڪسٽم جو ايترو سخت رويو ڇو آهي؟ جيڪر اهو ورتاءُ فقط پنهنجن تائين محدود آهي ته پوءِ گهر جي ڳالهه آهي، تون ستمر ڪندو رهه ستمگر. پر جيڪڏهن ڌارين آيل مسافرن ۽ سياحن سان به اهڙو غير قانوني رويو تور ڪيو وڃي ته اها ملڪ لاءِ ناموس نه آهي. ان سان ڌارين تي ملڪ بابت غلط اثر پوي ٿو، ڇو ته هر ڌاريو ماڻهو، سياح، مسافر يا واپاري ڪنهن به ملڪ ۾ گهڙڻ سان پهرين پهرين ڪسٽم جي عملي سان ملي ٿو ۽ چوندا آهن ته:
First impression is the last impression.

ان ڏس ۾ اسان جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جي عملي کي ملڪ جي ناموس لاءِ ڏارين آيلن سان، حدڪان وڌيڪ سٺي ۽ آڌرڀاءَ واري لهجي ۾ ڳالهائڻ کپي ۽ نيڪ نيتي سان فرض پورو ڪرڻ سان ڌارئين آيل تي ملڪ بابت سٺو اثر وهي ٿو.

## .11 هٿ جي هُنر جو ٻاهرمانُ

اسان جي جهاز کي پينانگ (ملايا) ۾ رڳو هڪ ڏينهن بيهڻو هو. ملايا مان اسان کي ربڙ کٽڻو هو، پر پڇڻ سان معلوم ٿيو ته پنج سؤ ٽن مڇي به کڻڻي آهي. جهاز تي اهڙين شين لاءِ الڳ پاندا (Hatches) ٺهيل آهن، جن کي ايترو ٿڌو رکي سگهجي ٿو جو گوشت مڇيءَ جهڙيون شيون خراب نه ٿين. هر شيءِ لاءِ هڪ اهڙو ٽيمپريچر ٿئي ٿو جنهن تي رکڻ سان اها خراب نٿي ٿئي. اهو تعليم دوران ’ريفريجريشن ۽ ايئرڪنڊيشنگ‘ سبجيڪٽن ۾ پڙهايو ويندو آهي. مثال طور برف جو ٽيمپريچر زيرو ڊگري آهي، پر مڇيءَ کي مهينن جا مهينا سٺي حالتن ۾ رکڻ لاءِ ضروري آهي ته ٽيمپريچر برف کان به ويهه ڊگريون وڌيڪ ٿڌو رکجي، يعني ڪاٽو ويهه ڊگريون. هونءَ ڳوٺن يا شهرن ۾ مڇيءَ کي خراب ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ برف جي سرن اندر وجهي رکندا آهن. ائين ڪرڻ سان ڏينهن ٻن لاءِ صحيح آهي پر مهينن جا مهينا کائڻ لائق حالت ۾ رکڻ لاءِ مڇيءَ کي ان کان به وڌيڪ ٿڌو رکجي. اهڙي طرح گوشت لاءِ ڪاٽو ڏهه کن ڊگريون ڪافي آهن. ڀاڄين ۽ ميون لاءِ واڌو پنج ڊگريون. گهرو ريفريجريٽرن جي مٿئين خاني (چيمبر) جي ٿڌاڻ، مڇيءَ ۽ گوشت کي سٺو رکڻ لاءِ ڪافي آهي پر هڪ خيال رکڻ کپي ته گوشت ۽ مڇيءَ کي ضرورت موجب ڌار ڌار حصا اڳواٽ ڪري رکجن. يڪي گوشت کي روز ڳاري، رڌڻ لاءِ ٽڪرو ڪڍي باقي کي وري چيمبر ۾ ٿڌو رکڻ غلط آهي. هڪ دفعو گوشت يا مڇي، فرج خراب ٿيڻ ڪري، يا ٻاهر ڪڍڻ ڪري، روم ٽيمپريچر تي پهچي وئي ته ان بعد يڪدم استعمال ڪرڻ کپي. ٻيو دفعو وري ٿڌو رکڻ صحيح نه آهي.

ڀاڄيون ۽ ميوا، ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇڏين ٿا، سو ان لاءِ ضروري آهي ته اهي شيون پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ بند ڪري رکجن يا ريفريجريٽر جي هيٺئين ڊڪيل خاني ۾ رکجن. جهاز يا ٻين هنڌ گهڻي مقدار ۾ ميوا يا ڀاڄيون رکڻ وارين جاين تي پکا (بلوئر) لڳائڻ ضروري آهن، جيئن خراب گئس ٻاهر ڪڍي سگهجي ۽ ٿڌاڻ پڻ چؤڌاري هڪ جيتري ورهائجي.

اسان کي جيئن ته ان ڪارگو جي اڳواٽ خبر نه هئي سو ان وقت اهڙو بندوبست نه هو. بهرحال پاندن کي ان مقرر ٽيمپريچر جيترو ٿڌو ڪرڻ لاءِ يڪدم ان جون مشينون Refrigerating Compressors هلايا سين. ان ۾ به ڏينهن لڳي ويا. ان کان پوءِ ٽي ڏينهن ٽي راتيون لڳاتار، ملايا جا بندرا مزور پنهنجي قد کان به ڊگهيون مڇيون جهاز تي چاڙهيندا رهيا ۽ اسان کي ايترو وقت ملڻ ڪري، نه رڳو پينانگ پر سؤ ميل ڏورانهون شهر پورٽ ڪلانگ، جيڪو اڳ ۾ پورٽ سوئيٽن هام سڏبو هو، پڻ ڏسڻ لاءِ ملي ويو.

جيڪا مڇي هتان کٽي رهيا آهيون سا مون پهريون دفعو ڏٺي آهي. هڪ هڪ مڇي ڇهه فٽن جي ڊگهي آهي. ٽرڪن ۾ ڪچي جهاز وٽ پهچايون وڃن ٿيون. اتان وڏين چارين ۾ وجهي ڪرينن رستي جهاز جي ڊيڪ تي رکيون وڃن ٿيون. جتان به مزور مڇيءَ کي اندر کٽي پاندن ۾ رکن ٿا. اهو ڪارگو لاس اينجلس، آمريڪا لاءِ آهي. هاٽي اتي ڏسجي ته آمريڪي کهڙي نموني سان جلد جلد ٿا لاهين جو انهن وٽ هر ڪم لاءِ اهڙا طريقا آهن جو ٻين ملڪن کان ترتُ ۽ سقل آهن. هيءَ مڇي اتي ٽڪرا ٽڪرا ڪري کائڻ لاءِ ننڍن دٻن ۾ بند ڪئي ويندي يا دوائن وغيره ۾ پڻ ڪم ايندي. بهرحال ملايا جا ماڻهو ۽ سندن حڪومت اهڙين شين کي ٻاهرين ملڪن ڏي موڪلي چڱو ناڻو ڪمائي رهيا آهن ۽ سندن سڪي جو ڏسندي ئي ڏسندي اگهه وڌي رهيو آهي. هتي هڪ عام مزور به ملايا جا اٺ ڊالر، ٻٽيهه روپيا پاڪستاني، روز ڪمائي ٿو، جڏهن ته پاڻ وٽ ان جي اڌ جيترو به ناهي.

هتان ملايا مان ٻاهرين ملڪن ۾ وڪري لاءِ شيون موڪلڻ تي ڪا به جهل پل يا ڪو ٻيو ڪٽراڳ ناهي ۽ نه لائسنس جي ضرورت آهي ۽ نه ئي آفيسن جا ڦيرا ۽ ٻيا جهنجهٽ آهن. پاڻ سرڪار به همت افزائي ڪري ٿي ۽ سهولت ڏئي ٿي ته جيئن ماڻهو ملڪ جي نهيل سامان جي ٻاهرين ملڪن ۾ مارڪيٽ ٺاهي ڌارين ملڪن جو ناڻو ڪمائين، جنهن مان ملڪ کي پڻ فائدو رسي. اسان جي ملڪ مان پڻ مڇي ۽ گانگٽ، يورپ ۽ آمريڪا جي ملڪن ۾ موڪليا وڃن ٿا. اڳ ۾ ته چٽگانگ ۽ چالنا مان ڏيڍر به موڪليا ويندا هئا. آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾، خاص ڪري بيلجم ۾ ڏيڍرن جون ٽنگون ماڻهو وڏي شوق سان کائين ٿا ۽ انهن لاءِ اها شيءِ ائين لذيذ ۽ اٽلي آهي جيئن پاڻ وٽ تتريا ڪنيپيون.
جنهن پاڪستانيءَ پهرين ڏيڍر ٻاهر موڪلي يورپ جي مارڪيٽ تي قبضو ڪيو هو، ان کي سابق صدر ايوب خان همت افزائي خاطر انعام پڻ ڏنو هو. جيڪڏهن ٻاهريون ناڻو اسان وٽ اچي وڃي ته اسان جي رپئي جي قيمت پاڻهي وڌي وڃي. رپئي جي قيمت جي وڌڻ سان گهٽ ڪمائڻ وارو به سکي زندگي گذاري سگهي ٿو، ڇو جو شين جي قيمت پوءِ گهٽ لڳندي.
اسان جي ملڪن جا ماڻهو هٿ جي هنر ۾ پڙُ آهن ۽ هٿ جي هنرن، جهڙوڪ: جنڊي، ڪاشي، اوڇو، ڀرت، ڇُر، ٽُڪ وغيره جي آمريڪا ۽ يورپ ۾ اڄڪلهه تمام گهٽو ڪپُ آهي. پهريون دفعو نيويارڪ جي ٻهڪندڙ علائقي ٽائيمس اسڪائر ۾ هڪ آمريڪن ڇوڪريءَ کي ڀرت جو گج پاتل ڏسي ڏاڍو تعجب لڳم. ان کان پوءِ ته ڪيترن ئي کي سنڌي ڀرت جا چولا ۽ گج ڏٺا. هڪ دڪان تان گج جي قيمت پڇايم ته ڇهه ڊالر ٻڌايائون حالانڪ اهڙو ساڳيو گجُ انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺن ۾ ڇهين ستين روپئي ۾ ٿي مليو ۽ جيڪي عورتون اهي ٺاهين ٿيون انهن کي انهن جو اجورو ان جي به اڌ جيترو ملي ٿو. پڇا تي معلوم ٿيو ته اهو سامان پاڪستان مان ايندڙ ڪجهه اتي رهندڙ آمريڪين ۽ هڪ ٻه پاڪستاني ڪوجا ۽ ميمڻ واپاري موڪلين ٿا. ساڳيو قدر جنڊيءَ/ ڪاشيءَ جي سامان، سوسي ۽ ڪاڏيءَ جي ڪپڙي جو ٿي سگهي ٿو. اهڙن ڳوٺن جي ڀورهيتن کي گهرجي ته هو گڏجي ڪا سوسائٽي/ انجمن ٺاهي، پاڻمرادو سامان موڪلي پاڻ وڌيڪ ناڻو ڪمائي پنهنجون حالتون وڌيڪ بهتر بڻائين. پنهنجي هٿ جي ائٽ ۽ کڏيءَ کي مشينريءَ ۾ بدلائين. اجا به وڌيڪ سامان ٺاهي ملڪ کي به فائدو رسائين ته پنهنجو پاڻ کي به.

## 12. هتي جون رنگين مڇيون ۽ پکي دنيا ۾ مشهور آهن

هتي ملايا ۾ هڪ خاص ڳالهه اها آهي جو هر وقت جهُڙ لڳو پيو آهي ۽ بارش جام پوي ٿي. اها پڻ سٺي ڳالهه آهي جو اڪثر رات جو پوي ٿي. بارش ۽ جهُڙ ڪري ايتري گرمي محسوس نٿي ٿئي. نه ته خط استوا جي ويجهو ملڪن ۾ صبح جا اٺ ئي مس ٿيندا ته سجُ ذري گهٽ چوٽيءَ تي بيٺو هوندو. هنن ملڪن ۾ جي خيرپور جو همراهه هجي ها ته وڌيڪ دلشڪستو ٿئي ها جنهن بابت نجم قاضي، هاڻ آرمي ۾ ميجر، قصو ٻڌائيندو آهي ته سنڌس ڳوٺ خيرپور جي هن همراهه پهريون دفعو روزو رکيو ۽ ڪيس ٻڌايو ويو ته سج جڏهن وڃي الهندي طرف لهندو تڏهن روزو ڇوڙبو. اهو همراهه سج ايرڻ سان ذري ذري سج طرف ڏسڻ لڳو ته ڪيترو اڳتي وڌيو ۽ باقي ڪيترو پنڌ اٿس. سجُ ٻارهين وڳي ڌاري پورو جوش ڏيکارڻ لڳو ۽ چوٽ تي پهچي ڇُرڻ جو نالو نه پئي ورتائين. اسان جي هيري جڏهن ڏٺو ته سج چرڻ جو نالو نه پيو وٺي ته ڪاوڙ ۾ اچي، چيلهه تي هٿ رکي، سج کي چيو، "ٻڌُ ٽڪ! ٻڌ ٽڪ!" سو خط استوا جي ملڪن ۾ ته سج نائين ڏهين ڪان ٽِڪَ ٻڌي بيهي ٿو.
ملايا ۾ بارش ۽ گرميءَ ڪري گهاٽا ٻيلا آهن. جن ۾ جهنگلي جانور ۽ پکي جام ٿين. هونءَ به سنگاپور، انڊونيشيا ۽ هتي جا پکي ۽ رنگبرنگي مڇيون مشهور آهن. ڪراچيءَ جي ماهي خاني ۾ اڌ کان وڌيڪ مڇيون مٿين ملڪن جون آهن. ٻيلن جي هئڻ ڪري ڪاٺ سستو آهي. ان ڪري ڪيترائي گهر ڪاٺ جا نهيل نظر اچن

تا. ان کان علاوه فرنيچر پڻ سستو ملي ٿو. ملايا جي خاص پوک ربڙ آهي. جتي ڪٿي، چؤڏاري ربڙ جا ڏگها ڏگها وڻ ۽ انهن مان هتي جون عورتون ربڙ ڪڍندي نظر اچن ٿيون. معدنيات ۾ شيهو جام ٿئي ٿو ۽ سڄي دنيا مان هتان درآمد ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هنن ملڪن جهڙوڪ: ملايا، انڊونيشيا، سينگاپور، سلون ۾ گرم مصالحو، ڪارا مرچ، لونگ، ڦوٽا، ادرڪ ۽ ڪاچا تمام گهٽا سستا آهن. ملايا ۾ ته پهچڻ سان پان ڪائيندڙن لاءِ عيش ٿي ويو. هتي جا پان شايد ڍاڪا جي پانن کان به سٺا آهن جو جنهن تي ڪاٿو ٺنهن تعريف تي ڪئي، چا ته لاجواب پان آهي، بلڪل نرم ۽ ملائم.

هتي ملايا ۾ ڪجهه ته تمام وڏيون هوٽلون آهن؛ جيئن پينانگ ۾ هوٽل ائمبيسيڊر، هوٽل ڪانٽينينٽل، هوٽل ملائيشيا، هوٽل مئنڊارن، هوٽل مرلين، هوٽل پام بيچ وغيره جيڪي ڪراچيءَ جي ڪانٽينينٽل، ميٽروپول ۽ جبيس جهڙيون آهن. انهن هوٽلن بابت وڌيڪ اجايو لکي پڙهندڙن کي بور نه ڪندس. وسعت سارو رهائش لاءِ ڪنهن هوٽل کي گولڊ اڇڪلهه جي ٽريول ايجنسين آسان ڪري ڇڏيو آهي. هنن وٽ ۽ هر ملڪ جي هوائي اڏي يا بندرگاهه تي توهان کي ان ملڪ جي هوٽلن بابت معلومات ملي سگهي ٿي. اسان ته رهون جهاز تي، پر ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري طرح هوٽل ۾ رهڻو پوندو آهي، جڏهن هڪ جهاز تان بيٺي جهاز تي بدلي لاءِ هوائي جهاز رستي بيٺي ملڪ ۾ موڪليندا آهن. يا نئون جهاز خريد ڪرڻ لاءِ، جهاز جي تياريءَ کان اڳ هوٽل ۾ رهڻو پوندو آهي. يا ڪڏهن ڪڏهن جهاز تي جيتن جڙن کي مارڻ (Fumigation) لاءِ زهريلي دوا ڇنڪاري ويندي آهي ته ان صورت ۾ جهاز جو سڄو عملو هوٽل ۾ وڃي رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جهاز تي ڳري مرمت پئي هلندي آهي (جنهن ۾ آواز ۽ گوڙ شور ٿئي) تڏهن به هوٽل ۾ رهندا آهيون. يا پئسا وني پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن پيئنگ گيسٽ هائوس ۾ وڃي رهندا آهيون جو وڏين هوٽلن کان اهڙا گهر سستا پون ٿا. اهڙي نموني سان ڇڱن ملڪن جي هوٽلن ۾ رهڻ ٿيو آهي پر جتي به رهيو آهيان، اهو اندازو لڳايو اٿم ته ان قسم جون وڏيون ۽ پُرتڪلف هوٽلون، پئسي ڪمائڻ جا اڏا آهن ۽ انهن جو خرچ، هڪ عام سياح، خاص ڪري ايشيا جي اسان جهڙن غريب ملڪن جو رهاڪو، برداشت نه ٿو ڪري سگهي. امير ملڪن جا باشندا ۽ واپاري يا آفيسر ته برداشت ڪري سگهن ٿا. باقي بين عام سياحن ۽ شاگردن لاءِ جيڪي پئسي کي به خيال ۾ رکن ٿا، انهن لاءِ پيئنگ گيسٽ هائوس، مختلف هاسٽلون ۽ ائسوسيئيشن جون جڳهيون بهتر ۽ سستيون آهن.

ملايا ۾ ڪاڏي پيتي جون ننڍيون هوٽلون، ايراني نموني جون يا بولٽن مارڪيٽ ۾ هڪ هندوءَ جي تاج هوٽل جهڙيون هوٽلون، چينين يا مدراسين جون جام ملنديون. چيني هوٽلون فقط پاڪستان ۾ ئي خوبصورت، صفائي واريون ۽ لذيذ کاڌو پيش ڪندڙ ٿين، جو هو اسان جي طرز جو، اسان جي سواد مطابق مرچ مصالحو وجهي کاڌو رڌين ٿا. باقي هتي جي چيني هوٽلن ۾ گندگي ۽ بدبوءِ تمام گهٽي آهي. اجا مدراسين جون هوٽلون مڙيئي بهتر آهن ۽ کاڌو به سوادي اٿن. ايتري قدر جو ڪيترا چيني ۽ ملئي ماڻهو به انهن هوٽلن ۾ پاڪستاني ۽ هندستاني کاڌا کائيندي نظر ايندا. هتي ڪوپري جو تيل ۽ آسٽريليا کان ايندڙ گيهه جو استعمال عام ٿئي ٿو. کاڌو ڪافي سستو آهي. اُڦراٺا ۽ مانيون ميدي جون به ناهين ته اٽي جون به. ان کان علاوه چانور ۽ نوڊلس (Noodles) (سئيون) گهٽيون کاڌيون وڃن ٿيون.

## 13. پورٽ ڪلانگ جي هوٽل جي ماني

ملايا جي بيٺي شهر، پورٽ ڪلانگ ۾ دائود هوٽل ۾ مانيءَ جي ارادي سان اندر گهڙياسين. عام ٽيبل ۽ ڪرسيون پيون هيون. هڪ ڏکڻ هندستان جو ڪارو سنهو ماڻهو ڪاڌو پڇڻ لاءِ آيو. ساڻس اردو ۾ ڳالهايوسين ته وائڙن وانگر نهارڻ لڳو، جو هتي سڀ ڏکڻ هندستان جا باشندا تامل زبان ڳالهائين ۽ اڙدو ته ڇا پر هندي به ڪو نه سمجهن. ريڊيو سلون تان شام جو سادي ڇهين کان اڳ جنهن زبان ۾ پروگرام ايندو آهي، اها تامل

آهي. پهرين اهو سوچيندو هوس ته تامل زبان ته فقط مدراس، بئنگلور پاسي ڳالهائي وڃي ٿي، ان کي ايتري اهميت ڇو آهي. هتي اچي معلوم ٿيو آهي ته ملائيشيا ۽ سنگاپور پاسي تامل ڳالهائيندڙ تمام گهڻا آهن. ان کان علاوه انگريزي پڻ عام ڳالهائي وڃي ٿي. اسان جي اڙدو ڳالهائڻ تي هو اسان کان پڇڻ لڳا ته اسان اها کهڙي زبان پيا ڳالهايون. اسان کين ٻڌايو ته اها اڙدو آهي ته وائڙن وانگر نهارڻ لڳا. ٻئي کان پڇيوسين ته،

”مادري زبان ڇا اٿئي.“ چوڻ لڳو ته: ”هندي“ اسان چيس؛ ”پر تون اڙدو ته تمام صاف ڳالهائي سگهين ٿو.“

”اڙدو ؟!“ هو اسان کي گهورڻ لڳو. ”اڙدو ته مونکي ڪانه ٿي اچي!“

”اها هينئر جا اڙدو ڳالهائي!“ اسان چيس.

”اوهه! اها ته هندي زبان آهي.“ اسان جي بيوقوفيءَ تي کلڻ لڳو. ڪاڏي لاءِ اسان ٽنهي دوستن مختلف آرڊر ڏنا. هڪ چڪن فرائي، ٻئي سادا چانور ۽ ڀوڄ، ٽئين ماني ۽ ڀوڄ. هو پنهنجي اچي ڏوتيءَ جو پلئُه نيڪ ڪندو ويو ۽ پهرين سلاد ڪٽي آيو. جنهن ۾ ونگن، ٽماٽن ۽ بصرن جي ڪاتر هئي ۽ مٿان ٽماٽو ساس پيل هئي. پاڻيءَ بدران هتي مانيءَ تي ڪوڪا ڪولا، ناريل يا ڪمند جو رسُ پيئن. پاڻيءَ لاءِ اسان جتي به گهر ڪئي ٿي ته بيدليءَ سان تازو پاڻي آٽي اڳيان ٿي رکيائون. ٽڌي پاڻيءَ لاءِ چار آنا الڳ. ڪاڏو اسان سيني کي تمام گهٽو وٽيو. ٿي سگهي ٿو ته سڄي ڏينهن جي بُک هئيسين، انڪري. ڪڪڙ جو هتي سڄو ٽڪر ڏيڻ بدران، ان جا ننڍڙا ننڍڙا ٽڪرا چانورن سان گڏ فراءِ ڪري ڏنا وڃن ٿا. ان کان علاوه گانگٽن ۽ آمليٽ جا ٽڪر، ساوا مرچ ۽ ڏاٽا پڻ چانورن سان مليل هئا. ڪنڌ تي وڏي ٿئي تي هڪ همراهه اقراٽا پچائي رهيو هو. سندس اڳيان ڪوپري ۽ گيهه جا ڏار ڏار ڏبا هئا ۽ گراهڪ جي مرضيءَ مطابق استعمال ڪري رهيو هو. اٽي جا به پيڙا ڪٽي، الڳ الڳ مانيون ٺاهي ملايائين ڪو نه ٿي، پر هڪ ئي لپي مان تمام وڏي قطر جو سنهو تهه ٺاهي، ان جا پاسا ورائي، اوڏي ماني ٿي ٺاهيائين. جيڏي اسان وٽ عام آهي. ان اقراٽي جا اٺ آنا. چڪن رائيس جا ٽي روپيا، نوڊلس ٿالهيءَ جا ٻه روپيا. ان کان علاوه مدراسي ۽ هندو گوشت نه کائيندڙ، چانور کائي رهيا هئا. انهن کي چانورن مٿان ٿورو رسُ ۽ ڀاڃي رکي ٿي ڏنائون. جنهن جو روپيو کن ورتو ويو ٿي. ناريل يا ڪمند جو رسُ به چئين آني مليو ٿي، پر هتي جو ڪمند ۽ ناريل تمام لذيذ آهي. پڙهندڙ سوچي رهيا هوندا ته مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو اڄڪلهه قيمتون به لکندو وڃان.

ڪراچي ڇڏڻ وقت ’هلال پاڪستان‘ جي ايڊيٽر سراج الحق چيو هو ته: ”يار سفرنامي کي اڃا ڪجهه تفصيل سان لکُ، ٿي سگهي ته شين جون قيمتون به ڏي، جيئن اسان کي اندازو ٿئي. ان کان علاوه ٻين ملڪن جي شادين مُرادين ۽ مرڻي پرڻي جون رسمون ۽ رواج پڻ لکندو ڪر.“

سو جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ اگهن جي لسٽ يا اڳتي ڪٿي بنا دعوت جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جو احوال پڙهي بور ٿئي ته سراج صاحب کي ئي شڪايت جو خط لکي سگهي ٿو، جو ان ۾ منهنجو ڏوهه ڪونهي.

## 14. ملايا جي رڪشا جڳ کان نرالي

ملايا جي شهر بٽرورٿ، پورٽ ڪلانگ يا پينانگ ۾ جا خاص شيءِ، جنهن تي پهرين ڏيان اسان جي ملڪ جي ماڻهن جو ڇڪبو، سا آهي هتي جي سائيڪل رڪشا، جنهن کي ’ٽراءِ رڪشا‘ سڏين. ڪنهن زماني ۾ ڪراچيءَ ۾ به اهڙيون سائيڪل رڪشائون هلنديون هيون، جن کي اڳيان هلائڻ وارو سائيڪل تي ويهي هلائيندو هو، پر پوءِ ١٩٥٥ع ۾ بند ٿي ويون ۽ ان جي جاءِ آٽو رڪشا (Auto-Rickshaw) ورتي، جنهن ۾ اڳيان موٽر سائيڪل آهي. هتي ملايا ۾ آٽو رڪشا ته بلڪل نظر ڪا نه ٿي اچي، باقي سائيڪل رڪشا عام آهي. ان ۾ خاص ڳالهه اها آهي ته هلائڻ وارو اڳيان نه هوندو آهي، پر پئسينجر اڳيان ويهن ۽ سائيڪل پٺيان هوندي آهي. هن کي اڪثر چيني هلائين. ڪو ڪو ڊرائيور سک به نظر اچي ٿو. هڪ چيني ڊرائيور کي چيم: ”اسان جي ملڪ ۾ ته رڪشا هلائڻ وارو اڳيان ويهندو آهي ۽ پئسينجر پٺيان.“ تعجب مان نهاري، ڪجهه سوچي چوڻ لڳو: ”نه بابا نه. اهڙو جوکو اسان کٽي نه ٿا سگهون. حادثو ٿئي ته رڪشا به اسان جي پچيءَ مرون به پهرين اسان.“

مزي جي ڳالهه اها ته پئسينجر جي حالت خراب تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن اوچتي خطري جي حالت ۾ ڊرائيور ڪٽي بريڪ هڻندو آهي ۽ اڳيان ويٺل سڄو اڇلجي ويندو آهي ۽ ذري گهٽ هيٺ ڪرڻ تي هوندو آهي. باقي هتي ٽئڪسي ڊرائيور سک نظر ايندا. ان کان علاوه هر بئنڪ اڳيان يا ڪنهن هوائي ڪمپني، انشورنس ڪمپني جي اڳيان پوڙها سک چوڪيدار نظر ايندا. ائين سمجهڻ کپي ته سک معنيٰ چوڪيدار ۽ چوڪيدار معنيٰ سکُ. جيئن اسان وٽ اڪثر پٺاڻ چوڪيدار، بئنڪن جي اڳيان نظر اچن ٿا.

هڪ ڏينهن فيريءَ جي انتظار ۾ هوس. پر سان هڪ ننڍڙو ٻارڙو پڻ بيٺو هو. ڪانئس پڇيم: ”توهان جي ملڪ ۾ ڪهڙيون قومون رهن ٿيون.“ چوڻ لڳو: ”چيني، ملئي، انڊين ۽ پنجابي“

”پنجابي؟ مون کي ته ڪو پنجابي ائين ظاهر ظهور نظر نٿو اچي ۽ پنجابي، سنڌي، گجراتي، ڪوجا، سڀ انڊين ۾ اچيو وڃن.“

سامهون به سک، پنهنجي زالن ۽ ٻارن جي ٽيم سان پئي آيا. ٻار انهن طرف اشارو ڪري چيو: ”اهي آهن پنجابي“ سک پاڻ طرف اسان کي نهاريندو ۽ اشارو ڪندو ڏسي، اچي اسان جي پاسي ۾ بيٺا ۽ حال احوال وٺڻ لڳا. پاڻ ملايا جا ئي شهري هئا. ڏاڏيو مان ته ڪراچيءَ کان آيو آهيان. چوڻ لڳا ته: ”هتي ملايا ۾ ته پاڪستاني ڪو ورلي نظر اچي ٿو. باقي هندستانين سان پريو پيو آهي. انهن مان ڪي هتي جا پراڻا رهاڪو آهن ۽ ٻيا ويجهڙائيءَ ۾ نوڪرين خاطر ڊاڪٽر، انجنيئر، ڊرائيور، مزور هندستان کان آيا آهن ۽ ايندا رهن ٿا.“ پاڻ پنجابيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. هتي اڪثر سک جتي ڪٿي نظر اچن ٿا. هوٽلن ۾، سئنيمائن ۾، رستن تي گس پنڌ ملاقات ٿيندي رهي ٿي. سک پري کان ئي پڌرو. سندس وڏي ڏاڙهي ۽ خاص انداز جو پٽڪو نشانيون آهن. هڪ سئنيما ۾ ٽن نوجوان سکن سان ملاقات ٿي. ڪين منهنجي سنڌي ٽوپي پسند اچي وئي ۽ مون کي سندن پٽڪا، سونموني خاطر هڪ گروپ فوٽو ڪڍايو سين.

هڪ دفعي پينانگ کان واپس ’بٽرورٿ‘ فيري ۾ پهتس. اسان جو جهاز، بٽرورٿ شهر جي فيري اسٽيشن کان به فرلانگ کن پري بيٺل هو. مون وٽ پاڻ سان گڏ ڏوبيءَ وٽان ڪنيل ڪپڙا ۽ ڪجهه اخبارن ۽ رسالن جو پارسل هو. رڪشا ۾ ئي وڃڻ چاهيم ٿي، پر رڪشا وارا به مون کي ڏاريو سمجهي گهٽي پاڙي ڪڍڻ جي آسري تي ورائي ويا. سڀ ڏه روپين کان مٿي پاڙي جي گهُر ڪرڻ لڳا. پنهنجي ملڪ ۾ ڪيترو به ماڻهو خرچ ڪندي فڪرمند نه ٿو رهي جو ضرورت وقت وري به دوستن مائٽن کان اوڌر جو آسرو رهي ٿو يا ڪمائي سگهجي ٿو، پر گهمڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن ۾ مقرر زرمبادلي (ناڻي) مان ئي سڀ ڪجهه ڪرڻو پوي ٿو ۽ حساب ڪتاب اهڙو رکڻو پوي ٿو، جو آخري ڏينهن اهو ملڪ ڇڏڻ وقت ان ملڪ جو نه سڪو بچي ۽ نه ان کان اڳ ختم ٿي وڃي.

رڪشا وارن چينين ڏنو تہ مرغو واھہ جو ڦاٿو آهي، پنڌ ڪٽي ويجهو اٿس پر سامان اٿس، سو ضرور رڪشا ۾ هلندو. اتي هڪ سک، ٽئڪسي ڊرائيورن جي ورديءَ ۾ نظر آيو. تنهن کي چيم: ”مون کي ڪا رڪشا ياڙي تي ڪري ڏي. آءٌ تہ هنن سان ياڙو طئي نہ ٿو ڪري سگهان.“ تنهن چيو: ”منهنجي ٽئڪسي خراب آهي نہ تہ ان خدمت لاءِ حاضر آهيان.“ مڙئي پنهنجي نئڙت واري انداز ۾ چوڻ لڳو. پوءِ اڳتي وڌي هڪ رڪشا واري کي ملئي زبان ۾ ڪجهہ چيائين ۽ مون کي ٻڌايائين تہ ڪيس فقط ٻہ روپيا ڏيان. رڪشا وارو اڳتي هلي بندرگاهہ جي دروٽ اڇي بيهي رهيو. چيومانس: ”اندر جهاز تائين هل اجا اڌ ڪان وڌيڪ پنڌ رهجيو ٿو وڃي.“ چوڻ لڳو: ”اندر رڪشا کي وڃڻ جي اجازت ڪانهي“ سو چيم تہ اهڙي ڳالهہ اڳ ۾ ڪري ها تہ ٽڪر رستي لاءِ آءٌ پاڻهي پنڌ ڪري وڃان ها. پڪ ڪرڻ لاءِ گيٽ تي بيٺل پوليس واري کان پڇيم تہ رڪشا کي اندر اچڻ جي جهَل آهي ڇا؟

”ها، شام جي وقت رڪشا يا ٽئڪسي کي اندر بندرگاهہ ۾ وڃڻ جي اجازت ناهي.“

”عجيب ڳالهہ آهي. هي تہ سامان گهٽ آهي، جي گهڻو هجي ها تہ جهاز تائين ڪيئن کڻي سگهجي ها.“ مون چيو.

”ان صورت ۾ اسان رعايت ڪريون ها.“

”يا سامان ٻہ نہ آهي، پر ڪو چاق ناهي. تہ پوءِ.“

”ان صورت ۾ بہ اسان رعايت ڪريون ها.“ پوليس واري کلي جوابُ ڏنو.

”تہ پوءِ سمجهو تہ آءٌ بيمار آهيان. هلي نہ ٿو سگهان.“

”تہ ان صورت ۾ سائين توهان ٻاهر گهمڻ نہ وڃو ها. جهاز تي ئي آرام ڪريو ها.“ هو وري مون تي کلڻ لڳو.

## 15. سکن جو ذڪر

هڪ دفعي ملايا جي شهر ڪلانگ ۾ دوائن جي دڪان تان مٿي جي سور جون گوريون وٺڻ نڪتس. دوائن جو دڪان بند هوءِ بئي ڪنهن هنڌان ملڻ جي اميد گهٽ هئي. اسان جي ملڪ ۾ بي ڪا شيءِ ملي يا نہ ملي پر هوٽل ۽ پان ٻيڙيءَ جي پيڊيءَ تان مٿي جي سور جون گوريون سارڊان، ڪوڊو پائرين، انلجين وغيره ضرور ملنديون. اهي نہ تہ ائسپرو يا ڊسپرو تہ هر هنڌان ملي سگهنديون. پر ملايا ۾ مٿي جي سور منجهائي ڇڏيو. پر ۾ هڪ بئنڪ اڳيان هڪ ’سک سردار جي‘ بيٺو هو. ڪيس پنهنجي من جي منشا ٻڌايم تہ ڪو ائسپرو ڊسپرو جو ڏس ڏي. پنهنجي مخصوص ادا ۾ چوڻ لڳو: ”او سرڪار، مون چيو، گهبرايو جو تا. هي غريب بندو ڪڏهن ڪم ايندو.“ بئنڪ جي پاسي ۾ سندس هڪ ننڍڙو ڪاٺ جو ڪمرو هو، تنهن کي کولي، ملايا ۾ واپرائڻ ۾ ايندڙ گوريون ’ڊيوسل‘ ڏنائين. سندس سچو ڪمرو چوڪرين جي ڪئلينڊرن سان پريو پيو هو.

مون سان گڏ جهاز جو ريفريجريشن انجنيئر محمود پڻ هو. تنهن چرچي ۾ چيس تہ: ”سردار جي ڪمرو ننڍو اٿئي پر چوڪريون سڄي دنيا جون پالي رکيون اٿئي“

جواب ۾ کلي پڇڻ لڳو: ”ڪجهہ ڪئلينڊر کپن؟“

محمود چيس: ”چرچا پيا ڪريون.“ پر سردار جي ڪٽي مڙڻ وارو هو. ڪئلينڊر هڪ هڪ ڪري لاهيندو ويو. اسان پيا ’بس بس‘ ڪريون پر هي چوڻ لڳو: ”منهنجي هونءَ ئي بدلي تي ڇُڪي آهي. هن ڪمري تي ڪو ڏاريو، هتي جو چيني يا ملئي اچي قبضو ڪري، تنهن کان توهان کي چو نہ ڏئي ڇڏيان.“ اسان سندس ان حرڪت تي ڪلندا رهياسين. ٽيبل تي گرو نانڪ جون ٻہ وڏيون تصويرون رکيل هيون. هڪ کٽي اها بہ ڏيڻ لڳو. محمود چيس: ”اها نہ کپي“ مون ڏنو تہ سردار جي جو منهن ئي لهي ويو. مون ڪانئس اها بہ تصوير وٺي چيو: ”اها بہ برابر کپي.“

متي سکن جو ذڪر ڪرڻ مان منهنجو مقصد فقط اهو آهي ته مون کي اڪثر جيڪي سک مليا، تن سان ملي اندازو لڳايو اٿم ته هو ٻين هندستانين کان، خاص ڪري واپارين کان گهٽو مختلف ۽ دل جا صاف آهن ۽ ان کان علاوه خوش مزاج ۽ چرچائي پڻ آهن. ساڳئي وقت مون کي ١٩٦١ع کان سکن جو نفسياتي خوف ويٺل هو، سو پڻ ملايا پهچڻ سان دور ٿي ويو. ١٩٦١ع ۾ اسان نائين ڪلاس ۾ هئاسين ۽ ڪئڊٽ ڪاليج طرفان 'سي اسڪائوٽنگ' جي سلسلي ۾ انڊيا جي مختلف شهرن آگره، لکنو، دهلي، امرتسر ۽ ڪلڪتي ويا هئاسين. تن ڏينهن ۾ اجاميٽرن واريون ٽئڪسيون نه نڪتيون هيون يا ڪٽي نڪتيون به هيون ته ڪراچيءَ ۾ هجن، پر هيڏانهن اسان ڏي حيدرآباد ۾ نه هيون جو ڏسي سگهجن.

ڪلڪتي ۾ علي رضا ميمڻ، نصير قاضي، نجم انصاري، هاڻ پاڪستان نيوي ۾ ڪمانڊر، ۽ آءٌ گڏ گهمڻ لاءِ نڪتاسين. واپسي تي رستو ڀلجي وياسين، سو هڪ سک ٽئڪسي ڊرائيور کي هلڻ لاءِ چيوسين. هو ٽئڪسيءَ جو ميٽر ڪيرائي هاڻ هلڻ وارو هو ته مون به ساڳيو عمل ورجايو يعني ميٽر کي مٿي ڪري وري هيٺ موڙيو. منهنجي ائين ڪرڻ تي سک سڄو ڳاڙهو ٿي ويو. ٽئڪسيءَ مان نڪري، اکيون ڦاڙي دانهن ڪري چوڻ لڳو: "هي ڇا ڪيئي؟ هي ڇا ڪيئي؟ هي ٽئڪسي منهنجي مالڪ جي آهي. هاڻ هو مون کان وڌيڪ پئسا وٺندو."

آءٌ گهٻرائجي ويس ۽ سوچڻ لڳس ته شايد ائين ڪرڻ سان هن جو ميٽر پڇي رکيو اٿم ۽ دل ۾ سوچڻ لڳس ته جيڪي مون وٽ سؤ روپيا آهن، انهن مان هن جو ڪم ٿي وڃي ۽ منهنجي جان ڇٽي. آخر دل ٻڌي چيومانس، "ڪيترا پئسا تو کي مالڪ کي وڌيڪ ڏيڻا پوندا؟"

چوڻ لڳو: "چار آنا."

آءٌ سندس هٿ تي روپيو رکي اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺس. پر ۾ علي رضا ويٺو هو، تنهن چيو: "يار، همراهه دانهون اهڙيون ڪيون، جو اسان به گهٻرائجي وياسين ته متان سڄي موٽر جا پئسا پرائي نه وٺي."

پوءِ معلوم ٿيو ته ميٽر کي هيٺ ڪرڻ سان شروعات جو 'گهٽ ۾ گهٽ' پاڙو چار آنا وڌي ٿو ۽ ٻين پئسن سان جوڙ ٿيو وڃي، جنهن موجب سڄي ڏينهن جو حساب، مالڪ ڊرائيورن کان وٺن ٿا ۽ ان مطابق ٿي ڪين پگهار يا ڪميشن ڏين ٿا.

## 16. ملايا جي مسجد ۾

بٽرورٿ شهر کان جهاز تي ايندي رستي تي بندرگاهه وٽ هڪ ننڍڙي مسجد اچي ٿي. هڪ ڏينهن رڪشا بيهاري ان کي ڏسڻ ويس. هتي جي بندرگاهه وارو علائقو ٻهراڙي وارو علائقو آهي، جتي گهر به ڪاٺ جا آهن ۽ چٽگانگ وارو نمونو لڳي ٿو. برسات ڪري ڇوڏاري ڊگهو ڊگهو گاهه، پيرن اگهاڙا ٻار ۽ جهوپڙيون آهن. مسجد ان رستي جي ڪپر تي آهي. صبح جا نَو ٿيا هئا. هڪ همراهه ٻهاري ڏئي رهيو هو. انگريزيءَ ۾ ٻڌايائين ته پاڻ ملئي (ملايا جو اصل باشندو) آهي ۽ ملايا ۾ سڀ ملئي، مسلمان آهن.

ملايا جي چينين ۾ ڪي ڪرسچن آهن، ڪي ٻڌ، ڪن کي پنهنجا پراڻا چيني مذهب آهن ۽ ڪي ٿورا منجهن مسلمان به آهن. ڏور اوير جي هنن ملڪن ۾ چوٿين صديءَ ۾ انڊين اچي هندو ڌرم ۽ ٻُڌ ڌرم پکيڙيو. اسلام جو پرچار پنڌرهين صديءَ ۾ عرب واپارين ۽ تبليغ وارن پهرين ملاڪا رياست ۾ ڪيو ۽ ١٤٥٠ع ڌاري سڄي ملاڪا مسلمان رياست بنجي وئي. ملاڪا، ملائيشيا ۾ سڀ کان جهونو شهر ليکيو وڃي ٿو. پينانگ ٻيٽ کان ساڍا ٽي سؤ ميل ۽ سينگاپور کان به سؤ کن ميل جي مفاصلي تي آهي. هيءَ رياست چانور، رٻڙ ۽ ناريل جي پوک کان مشهور آهي.

ملايا جي ڳوٺ جي مٿئين مسجد جيڪا بٽرورٿ جي بندرگاهه پر ۾ آهي، ڪافي ڪشادي ۽ خوبصورت لڳي. اندر ٽائلس جو فرش آهي ۽ ملايا جون عمدي قسم جي سنهن ڪکن مان ٺهل نکون وڇايل هيون. اندرئين دروٺ

بورڊ ٽنگيل هو، جنهن تي نماز جا ٽائيم انگريزيءَ عربي زبان ۾ لکيل نظر آيا. ظهر نماز جو وقت ڪجهه اسان جي وقت کان اڳيرو لکيل هو. شايد منو هڪ يا ساڍا ٻارهن هو. پوڙهو امام مون کان پڇڻ لڳو: ”تون به مسلمان آهين ڇا؟“
وراڻيومانس: ”ها. الحمدلله“
پڇڻ لڳو: ”ڪهڙو مسلمان آهين؟“
”ڇو، مسلمانن جا به قسم آهن ڇا؟“ مون چيو.
”منهنجو مطلب آهي ته حنفي آهين يا شافعي؟“ انگريزيءَ ۾ پڇندو رهيو.

آءٌ مُنجهي پيس. هو سوال ڪي شايد آسان ڪري وري پڇڻ لڳو: ”نماز وقت هٿ مٿيرو ٻڌندو آهين يا هيٺ تي؟ فاتحه سورت کان پوءِ آمين آهستي چوندو آهين يا ڏاڍيان؟“
چيومانس، ”اسان جي ڳوٺ ۾ انصارين جي مسجد ۾ ويندو آهيان ته هٿ مٿيرو ڪري ٻڌندو آهيان. ڪڪن جي مسجد ۾ ويندو آهيان ته ٻيو ڪو ٽوڪي ان ڪان اڳ سٽڻ جا ور ڇڪي مرين تائين آڻي، نماز پڙهندو آهيان. بيروت ۽ قاهره جي مسجدن ۾ بنا ٽوپيءَ جي به نماز پڙهي اٿم. سينيگال ۽ دوحا قطر جي مسجدن ۾ سوٽ ڪوٽ ۾ به نماز پڙهي اٿم. پر هر هنڌ منهنجي ڏيان ۾ هڪڙوئي خدا رهيو آهي، جو تنهنجو، منهنجو ۽ اسان سڀني جو پالڻهار آهي.“
پوڙهي کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هو دل ئي دل ۾ مون کي بيوقوف قرار ڏئي، مون تي کلڻ لڳو.
پڇيومانس: ”نماز تي ڪيتري خلق ايندي آهي؟“
”هونءَ روزانو به ڪن صفون مس ٿينديون آهن. پر جمعي نماز تي هيءَ مسجد پر جي ويندي آهي ۽ ٻاهر به صفون ٻڌبيون آهن. هتي مسلمان ڪافي رهن ٿا.“
سامهون ڪاٺ جي گهرن ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين: ”هي سڀ ملئي (Malay) مسلمانن جا گهر آهن.“
مسجد جي پرسان چانهه پاڻيءَ جون ڪچيون هوٽلون هيون ۽ ڪُجهه ننڍڙا دڪان پڻ. ملايا ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن کي انهن ڏينهن ۾ موڪلون هئڻ ڪري انهن هوٽلن اڳيان ڪيترائي شاگرد ڦري رهيا هئا. هڪ ڏارئي کي مسجد اڳيان ڏسي، ڪين تجسس ٿيو ۽ ڪجهه نوجوان وڌي پڇڻ لڳا ته ڪٿي جو آهيان ۽ ڇا ڪندو آهيان. انهن مان به ڇٽا ذڪريا ۽ هاشم الدين چانهه لاءِ زور ڪرڻ لڳا. پر آءٌ جلديءَ ۾ هوس. مون ڪانئن رستو پڇيو ته ڪٿان ٽئڪسي ملي سگهندي جيئن آءُ پينانگ ويندڙ فيريءَ ۾، اوڏانهن وڃي سگهان. سندن گهر مسجد جي پٺيان هو. سائيڪلون اتي ڇڏي مون سان گڏ هلڻ لڳا.

## 17. پڙهيل بک مري سگهي ٿو پر پور هيٺ نه!

هاشم ۽ ذڪريا جا گهر ڪاٺ جا ٺهيل هئا ۽ ٿنين جي ذريعي زمين کان ٽي چار فٽ ڪن مٿي ڪنيل هئا. گهر هيٺ، ٺهيل پاڻڊي ۾ ڪاٺيون، ٽوڪرا ۽ بيڪار سامان پيل هو ۽ ڪجهه ڪُڪڙيون ۽ بدڪون ڇُڳي رهيون هيون. ذڪريا ٻڌايو ته هتي ملايا ۾ مسلمانن جي ڳوٺن ۾ هڙا گهر آهن، باقي چينين جا سِرن جا پڪا يا جي ڪاٺ جا آهن ته سندن بنياد عام گهرن وانگر پٽ سان مليل آهي. ذڪريا جو پيءُ ڪنهن ڪارخاني ۾ مستري هو ۽ هاڻي پوڙهو هجڻ ڪري رٽائرڊ ٿي چڪو آهي. سندس پيءُ ۽ ماءُ در وٽ ئي مليا. هن ڪين ملئي زبان ۾ ئي سمجهايو ته آءٌ ٻئي ملڪ مان آيو آهيان. ان بعد ٻن ٽن گهرن کان پوءِ هاشم جو گهر هو. هاشم جو پيءُ گذاري چڪو آهي ۽ گهر ۾ ماءُ ۽ ڀينرن سان رهي ٿو. پاڻ ٻڌايائين ته سندس به وڏا ڀائر شاديءَ بعد ٻين شهرن ۾ رهن ٿا ۽ هڪ، هندستاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. سندس هڪ ڀيڻ جي شادي ٿيل آهي. پر هوءَ مڙس سان گڏ هنن سان رهي ٿي. سندس ڀينرون ۽ ماءُ به در تي بيهي مون کي اندر اچڻ لاءِ چوڻ لڳيون. اوسي پاسي جي

گهرن جون عورتون ۽ ٻار پڻ نڪري ڏسڻ لڳا ته هي ڌاريو ڪٿي جو آهي. جيئن اسان وٽ ڪراچي ته وڏو شهر آهي جتي دنيا جي هر ملڪ ۽ قوم جا ماڻهو هميشه نظر اچن ٿا. اتي ڪنهن ٻئي ملڪ جي ماڻهوءَ جي اچڻ يا وڃڻ سان ڪو فرق نٿو پوي. پر ذرا سوچيو ٽنڊي قيصر يا ٽنڊي حيدر جهڙي ڳوٺ جي بازار مان ڪا آمريڪن ڇوڪري مني اسڪرٽ ۾ اچي لنگهي يا بختيارپور يا قلچي جهڙي ڳوٺ جي مارڪيٽ مان ڪو نائيجيريا جو شيدي مختلف رنگن جي ڊگهي چوغي ۾ اچي لنگهي ته سڀ دڪاندار ۽ واٽهڙو، ننڍا توڙي وڏا ڪجهه گهڙين لاءِ ٻڪ ٻيا ڪم ڇڏي ان کي ڏسندا ۽ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ته اهو ڪٿي جو آهي ۽ ڪيئن آيو آهي. ساڳيو عالم هتي مون سان هو.

ملايا جي ڳوٺن ۾ چيني عورتون ۽ ڇوڪريون بشرٽ ۽ پجاما اهڙي نموني جا پائين جهڙا اسان وٽ سليپنگ سوٽ ٿين. ملئي وڏي عمر جون عورتون، ڪڇي، ميمڻ ۽ کوجا عورتن جي چولن سان ملندڙ جلندڙ ڊگها چولا پيرن تائين پائين. ننڍي عمر جون عورتون ۽ ڇوڪريون گهرن ۾ ڪم ڪار وقت هڪ ئي رنگين ڪوڏ سان جسم کي ائين ويڙهين جيئن سندن بدن ڇاتيءَ کان گوڏن تائين ڍڪجي سگهي ۽ ڪوڏ جو مٿيون پلئُ سيني جي وچ ۾ اٽڪائين.

اهڙِي ڊريس ۾ هڪ ڇوڪري، جنهن کي انگريزي به ٿوري گهڻِي آئي ٿي، هاشم کي اچي چيو ته مون کان پڇي ته اسان جي ملڪ ۾ عورتون ڪهڙي ڊريس پائين ٿيون.

”هر قسم جون پائين. پر اهڙي ڊريس (فقط ڪوڏ) چٽگانگ ۽ سلهٽ جي جابلو علائقن ۾ چڪمي ٻُڌ ۽ بنگالي ڇوڪريون پائين.“

اسان ٽئي ڇٽا پوءِ گهمڻ لاءِ نڪتاسين. ذڪريا ۽ هاشم سڄو ڏينهن مون سان گڏ هئا ۽ گائيڊ جو ڪم ڪندا رهيا. شام جو وري جهاز تي مانيءَ جي دعوت ڏنيمان. ڪانئن ملايا بابت چڱي معلومات حاصل ٿي، پر سندن وات تي هر وقت اها ڳالهه هئي جا هر هر هنن ڪئي ٿي. ساڳي ڳالهه ملايا جي ٻين نوجوانن جي وات تي به هئي، جيڪي جيڪي مون سان مليا، اها هئي نوڪري ۽ روزگار بابت. هنن اها ئي شڪايت ٿي ڪئي ته هتي نوڪري ڪانهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن مان ته پڙهيو ٿا نڪرون پر نوڪري نه ٿي ملي. ڪا جڳهه ئي خالي ڪانهي. هر ڪنهن ٿي پڇيو ته پاڪستان ۾ جي اسان اچون ته اتي نوڪري آسانيءَ سان ملي سگهندي.

اڄڪلهه سڄي دنيا ۾ بيروزگاري وڌي وئي آهي. چاهي آمريڪا هجي يا يورپ، آفريڪا هجي يا ايشيا. خاص ڪري ڪرسي ٽيبل واري نوڪري White Collared Job ته ملڻ مشڪل ٿي پئي آهي. ان ڪري اهي جيڪي تعليم، علم خاطر نه پر نوڪريءَ خاطر وٺي رهيا آهن، انهن کي ڪافي دلشڪستو ٿيڻو پوي ٿو. باقي هٿ جو پورهيو ڄاڻندڙ لاءِ جتي ڪٿي قدر ۽ ضرورت آهي ۽ هر روز دنيا جي هر ملڪ ۾ هر پورهئي جي قيمت وڌندي وڃي پوءِ اهو ڏنڌو ڪٿي درزڪو هجي يا ڏوٻڪو، رازڪو هجي يا واڍڪو. اڄڪلهه هڪ پڙهيل، ڌارين ملڪن ۾ بڪ مري ويندو پر ڪنهن پورهيت کي اهڙي تڪليف درپيش نه ايندي، چاهي هن کي ان ملڪ جي زبان سمجهه ۾ اچي يا نه. آمريڪا ۽ يورپ ۾ ته اهي ڏينهن ڪڏهوڪو اچي ويا آهن جو هڪ پورهيت، آفيس ۾ ڪم ڪرڻ واري کان گهڻو ڪمائي ٿو ۽ سکيو ستابو رهي ٿو. هتي ملايا ۾ اصل باشندن/ ملئين کان وڌيڪ چيني سکيا نظر اچن ٿا، جن پوءِ اچي رهائش اختيار ڪئي، ڇاڪاڻ جو هو هنرمند آهن. هڪ پوڙهي چيني درزيءَ ٻڌايو: ”منهنجو پُٽ يونيورسٽيءَ ۾ ايم. اي پيو ڪري، موڪلن ۾ مون کي مدد ڪرائيندو آهي. ڇيو اٺمانس جيڪو وٽنئي سو پڙهه پر پڙهائي بعد ڏنڌو ڪرڻو اٿئي، ابا ٽويا ٻيو پر پورهيو ڪرڻو اٿئي.“

هونءَ هتان جا چيني تمام گهڻو پورهيت نظر اچن ٿا. سندن گهر اهڙا آهن جو ان جو اڳيون حصو دڪان، پويون حصو رهڻ لاءِ آهي. بوٽن جو دڪان هوندو ته ڏسبو ته سڄو گهر زال مڙس، ٻار ٻچا جوتن ٺاهڻ ۾ لڳا پيا هوندا. درزيءَ جو دڪان هوندو ته به ساڳيو عالم. ايتريقدر جو ڪو ورڪشاپ هوندو ته ان ۾ به مڙس ويلڊنگ پيو ڪندو، زال ڊينٽ پئي ڪڍندي ته ڌيءُ يا پُٽ پالش پيو ڪندو. ٻيو ڪو ننڍو ٻار پاڻيءَ سان ڌوئيندو پيو ۽ صبح کان رات جو دير تائين ڪم ۾ رڌل رهندا. اهڙي محنت ۽ سڄاڳي ڪنهن ملڪ ۾ اچي وڃي ته اهو ڪڏهن به

پنتي نٿو وڃي سگهي. ڏسندي ئي ڏسندي هي ملڪ جيڪي ٻي جنگ عظيم تائين ڪجهه به نه هئا، يا جيڪي ڪجهه هئڻ سو وڃائي ويٺا هئا سي هاڻ يورپ جي ملڪن سان ڪلهو هٽڻ جهڙا ٿي ويا آهن. هونءَ جيتوڻيڪ هتي ڪيترن ئي مذهبن ۽ ٻولين جا باشندا رهن ٿا، پر سڀني جو مقصد هڪ آهي: ديس لاءِ محنت ڪرڻ ۽ ديس کي سکيو ستابو بنائڻ.

## 18. ڇا اڃا سنڌي سنڌ ۾ رهن ٿا؟

ملايا ۾ اسان جي شام، ڪا نه ڪا فلم ڏسڻ لاءِ هوندي هئي. ملايا ۾ ڪيترين ئي زبانن جون فلمون ڏيکاريون وڃن ٿيون، جهڙوڪ: انگريزي، ملئي، چيني، انڊين وغيره. انڊين ۾ ٻن زبانن جون ڏيکاريون وڃن ٿيون: تامل ۽ هندي (جنهن کي پاڻ اڙدو چئون ٿا. فرق صرف ڪجهه سنسڪرت ۽ فارسي عربي لفظن جو معلوم ٿو ٿئي) آفريڪا ۽ يورپ ۾ هندي فلمن جي سٺي مارڪيٽ آهي ۽ اتي جا شيدي ۽ گورا پڻ اهي فلمون ڏسن. اتي ڪڏهن ته ايتري رش ٿئي ٿي جو ٽڪيٽ بليڪ تي وڪامندي آهي. هتي پينانگ ۾ پهريون ڏينهن هندي فلم، هاٿي ميري ساٿي، ڏسڻ وياسين. پهريون دفعو خبر پئي ته هندستاني ۽ پاڪستاني ائڪٽرن کان جانور سٺي ائڪٽنگ ڪن ٿا. سڄو هال تقريبًا خالي هو. ڪجهه انڊين ڪنڊ پاسي ۾ ويٺل نظر آيا ٻيو مڙيئي خير. جيتوڻيڪ رنگين ۽ نئين فلم هئي ۽ اڃا پهريون هفتو ملايا ۾ هوس. ساڳيو عالم ٻيو دفعو انڊين فلم 'رام اور شيام' ڏسڻ سان ٿيو. پوءِ خبر پئي ته هتي به ڪنهن زماني ۾ انڊين فلمون اوڄ تي هيون، پر ويجهڙائيءَ ۾ چيني فلمون گوءِ کٽي ويون آهن ۽ مختلف زبانن جا ترجما فلم سان گڏ ڏيکارڻ ڪري چيني زبان نه ڄاڻندڙ به اهي فلمون ڏسڻ لڳا آهن. ان ڪري هندي فلمن جي مارڪيٽ ڪري پئي آهي.
هتي ملايا ۽ سنگاپور ۾ ته اسان وانگر 'سنڌي شو' صبح جو ٿئي ۽ ٻيو مڊنائيٽ شو ٿئي. اهو فقط آچر رات ٻارهين کان پوءِ شروع ٿئي. ٻيا فلم شو روزانا چار ٿين. ٻارهين کان ٽي، ٽن کان ڇهه، ڇهن کان نَوَ ۽ چوٿون نائين کان ٻارهين تائين.
پينانگ ٻيٽ تي ڪيترا ئي هندو سنڌين جا به دڪان آهن، پر ڪنهن سان به چڱيءَ طرح ملاقات نه ٿي سگهي جو موقعو ئي ڪو نه ٿي مليو. هڪ دفعو ٽرانسسٽر خريد ڪرڻ لاءِ ڪجهه دوست ٨۶ بشاپ گهٽيءَ ۾ 'ڪي. ڊي. واسواڻي ۽ ڪمپني' نالي دڪان تي چڙهياسين. هڪ ارڙهن اوڻيهن سالن جو ڇوڪرو ويٺو هو. اسان پڇيس:
"سنڌي آهين؟"
چوڻ لڳو: "ها."
ٻڌايوسينس ته: "اسان سنڌ کان پيا اچون. تنهنجا وڏا سنڌ جي ڪهڙي شهر سان تعلق رکن ٿا."
"الائي مون کي ته خبر ناهي!" هن جواب ڏنو ۽ وري ٿورو وقت ترسي اسان کان سوال ڪيو: "ڇا اڃا سنڌ ۾ سنڌي رهن ٿا؟ ۽ ڪو سنڌي زبان ڳالهائي؟"
سندس گهٽ معلومات ۽ عقل تي تعجب لڳو، پر پوءِ سوچيم ته ان غلط ڳالهه ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهه، جيڪو سنڌ کان هزارين ميل پري رهي ٿو. پاڪستان کان ٻاهر ورلي ڪو هوندو جنهن کي خبر هوندي ته سنڌ ۽ سنڌي زبان جهڙيون شيون به پاڪستان ۾ آهن. پاڪستان جي ٻين ريڊيو اسٽيشنن تان ئي فارين سروسز جي پروگرام ۾ ڪهڙو سنڌي پروگرام ٿو اچي، جو ٻاهر جي دنيا کي خبر پوي ته هن ملڪ ۾ هڪ ڪروڙ کان مٿي اهڙا ساهه کڻندڙ انسان به رهن ٿا، جن جي مادري زبان سنڌي آهي. جن جي هزارها سال پراڻي تهذيب ۽ ثقافت هر لحاظ کان شاهوڪار ۽ مالامال آهي. وڏي ۾ وڏو ڇيهه ٿيندو ته مهيني ڏيڍ ۾ ڪو هڪ دفعو روبينا جي آواز ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو: "ڏاڍي واليان موڙ مهاڳ وي." اسان جون ڪهڙيون سنڌي فلمون يا رسالا ٻاهر وڃن ٿا. ڪهڙي ملڪ ۾ اسان جي ملڪ جو سفارتخانو سنڌي ٻولي يا ان جي ثقافت جي پرچار ڪري ٿو، جو ڌارين کي خبر پوي. اسان

جي ٻوليءَ کي جنهن نموني سان زنده دفن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي سا شايد دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ سان ٿي هجي. پر ان هوندي به سنڌي ٻولي امر آهي، زنده آهي ۽ پڪاري رهي آهي:

مونکي جيئرو پوريو ٿو وڃي، تنهنکري پيوت آهيان مان،
سنڌ جي هڪ ڪروڙ ماڻهن جي، زندگيءَ جو ثبوت آهيان مان.

استاد بخاري

۽ سنڌين پنهنجي زبان کي وڏڻ ويجهڻ لاءِ هميشه پنهنجا سر به صدقي ڪيا آهن، جيل ۾ جبر کي به ڪڏهن نه ليکيو آهي.

تون چئه نه لچان، تون چئه نه ڪُچان، پر تو ڪان هڪڙي ڳالهه پچان،
تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين مان نه رُڪو.

اياز

## 19. ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾

ملايا ۾ اسان کي جڏهن به واندڪائي ملندي هئي ته ڪاٽي. وي يا ريڊيو اسٽيشن کولي ويهندا هئاسين. اهي هنڌ جتي چار پنج ننڍڙا ملڪ گڏ هجن يا جتي ٻن ٽن ملڪن جو بارڊر اچي ملي ٿو، اتي ٽي. وي ۽ ريڊيو جو مزو ٿو رهي. جيئن هتي ملايا ۾ ته فقط هڪ ٽي. وي اسٽيشن آهي، پر سينگاپور ۽ انڊونيشيا ملڪ به پر ۾ هجڻ ڪري انهن ملڪن جون ٽي. وي اسٽيشنون به ڏسي سگهجن ٿيون. ساڳيءَ طرح هڪ دفعي جڏهن اسان يوگوسلاويا جي شهر رائيڪا ۾ هئاسين ته اتي پڻ اٽليءَ ۽ فرانس جي شهرن جون ٽي. وي اسٽيشنون چٽيون نظر آيون ٿي ۽ اتي جا رهاڪو ان مان چڱو مزو وٺندا هئا. اسان جي پاسي ان معاملي ۾ جاگرافي ڪجهه ايتري نامهربان آهي، جو ڪراچي جا ماڻهو فقط ڪراچي ٽي. وي جو هڪ ئي چئنل ڏسي سگهن ٿا، جو اوسي پاسي ڪان ٻيا ملڪ نه پر سمنڊ آهي.

بهرحال هتي جهاز تي شام جي وقت واندا ٿي جهاز جون ٻئي ٽيليويزنون هڪ ئي وقت کولي ڏسندا آهيون، جيڪي سموڪ روم ۾ رکيل آهن. جهاز جيئن ئي ڪراچيءَ کان نڪتو ته پهرئين چنچر تي بوٽ ڊرل (Boat Drill) پرئڪٽس لاءِ جهاز جي ڊيڪ تي اچي بيٺاسين. ٽي وي جو اينٽينا سموڪ روم جي مٿان ٽنگيل ڏسي پر ۾ بيٺل اليڪٽريڪل انجنيئر کان پڇيم: ”پنهنجي جهاز تي ٽِي. وي به آهي ڇا؟“ کلي چيائين: ”هڪ به نه، پر ٻه! يڪيون به!“

”به ڪهڙي خوشيءَ ۾؟“

”بس اهو ملايا پهچي ڏسجانءِ ته ٻن ڪانسواءِ ڪم نه هلي سگهندو.“ پوءِ جڏهن ملايا ۾ ٽي وي کوليسين ته گونگي! رڳو تصويرون پئي آيون. وري ٻي کوليسين ته رڳو آواز پيو اچي- تصويرون غائب. انڪري ٻئي کولٽيون پيون ٿي: هڪ تصوير لاءِ، ٻي آواز لاءِ.

ملايا ۾ ملئي، اصلي رهاڪو، سڀ مسلمان آهن، پر پڙدي جو رواج بلڪل ڪونهي. ان هوندي به منجهن مغربي بي حيائي يا بي باڪي ايتري ناهي. چيني ڇوڪريون بين جي پيٽ ۾ ڪافي سمارٽ ۽ بي باڪ آهن. باقي ملئي ڇوڪريون ڏارين سان ڳالهائيندي شرمائن ٿيون. آمريڪا ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ کي فوٽوءَ لاءِ چئبو ته يڪدم پوز ناهي بيهندي. پر هتي مختلف ماحول آهي. ملايا ۾ پهچڻ کان ٻئي ڏينهن پاڻ سان ڪئميرا ڪڻي فوٽن لاءِ نڪتس. هڪ رڪشا هلائيندڙ چينيءَ جو فوٽو ورتم. هڪ سئنيما اڳيان بيٺل ميڙ جو فوٽو ڪڍيم، جيڪي اڳيان ڪجهه چيني پوسٽر ڏسي رهيا هئا. هڪ ملئي اخبارون وڪڻندڙ ڇوڪري جو فوٽو ڪڍيم.

سئنيما جي ڪنڊ وٽ پٽ تي ڪو مڪئي جا سنگ، ڪو پيڱرا ۽ چڻا وڪڻي رهيو هو، هڪ فالودو نموني سيوين وارو ملڪ روز وڪڻي رهيو هو ۽ اسڪولي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ميڙ ڪري بيٺا هئا. هڪ ڪار ڊل شيءِ، شايد ٻه يا ٽي ٽانا وڪڻي رهيو هو جنهن ڪان ڪجهه ٻار ونئي، چاپ اسٽڪس Chop-Sticks (تيلين) سان ڪائي رهيا هئا، جيڪي هنن ملڪن ۾ ۽ چين جپان ۾ ماڻهو ڪانٽن ڇرين بدران استعمال ڪن ٿا. انهن جو فوٽو ورتم. باقي ڪنهن جو رهيو؟ ڪنهن جو رهيو؟ ڪنهن ملئي ڇوڪريءَ جو فوٽو تمام ضروري آهي، جا هُجي به ڪنهن سهڻيءَ گوڏ ۾، جيئن ٻين کي هتي جي ماڻهن ۽ لباس جي چڱيءَ طرح خبر پئجي سگهي. اجهو سامهون فوٽ پاٿ تان ٻين جي ميڙ ۾ چار ڇوڪريون اچن پيون. فوٽوءَ لاءِ چوان يا نه چوان، ڇا سوچينديون. ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه پئجي وڃن. اجا مون کي هن ملڪ جي تهذيب، رسم ۽ رواج جي چڱيءَ طرح واقفيت ناهي. ائين ائين ٻهرو نه ٿيان جيڪر. جي انڪار ڪيائون ته ڪيڏو خراب لڳندو. اجهو هو بلڪل ويجهو اچي پهتيون آهن ۽ لنگهي به وڃن ٿيون. آءٌ ڊبل مائينڊيڊ، آءٌ سودائي، آءٌ غريب ايشيائي، احساس ڪمتري ۾ ٻڏل، منهنجي سوچ ۽ فيصلي جي رفتار، انهن نازڪ، ننڍا قدم کڻي هلندڙ ملئي ڇوڪرين کان به سست ثابت ٿي. آءٌ ٻيا واٿهڙو ڏسان ٿو. ان پويان چيني، ان پويان هڪ سڪ ڇوڪري سوڙهي پجامي ۽ ململ جي پهراڻ ۾ ماءُ سان گڏ لنگهي ٿي. ان پويان به ڇوڪريون ساڙهين ۾ لنگهن ٿيون. پڪ سنڌي هونديون. پرسان گذرڻ وقت آءٌ ڪن ڏيان ٿو. ڪجهه سنڌي جملا ٻڌي، مونکي شڪ ٿو ٿئي ته ملايا ۾ آهيان يا سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس ڊپارٽمينٽ جي ورانڊي ۾؟ سامهون ٻرندڙ وسامندڙ چيني اکر ڏسي پڪ ٿي ٿئيم ته ملايا جي شهر پينانگ ۾ آهيان. اسڪرٽن جي ملڪ ۾ ڪو اوچتو شلوار يا پجامو نظر ٿو اچي وڃي ته عجيب ٿو لڳي. حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ تان ڪا ڇوڪري مني اسڪرٽ يا هاٽ پئنٽ (Hot Pant) ۾ اچي لنگهي ته ايترو عجيب لڳي جيترو هتي ڪا ڇوڪري شلوار يا تنگ پجامي ۾. ان غير معمولي تصوير جو سوچي، ڪنهن ساڙهيءَ واري ڇوڪريءَ جو فوٽو ڪڍڻ جو سوچيان ٿو. پر پنهنجي وطن لاءِ ته اها هڪ عام ڊريس آهي. ڪا نئين ڳالهه ناهي. ان ڪري مون کي ڪنهن ملئي ڇوڪريءَ جي ئي هتي جي قومي لباس، گوڏ ۾ فوٽو ڪڍڻ کپي. اجها سامهون هڪ ڇگيرڙي شڪل جي ملئي ڇوڪري، خوبصورت ڪڙتي ۽ رنگين گوڏ ۾ پنهنجي دوست سان گڏ پئي اچي. ڇا سندس صفائيءَ سان ٿيل ميڪ اپ آهي ۽ ڇا ناز جي هلڻي اٿس. ناز ته خير ڪيس ڪرڻ ڄڳائي. هن جهڙي سهڻي ڇوڪري ناز نه ڪندي ته ٻيو ڪير ڪندي.

”معاف ڪجو، آءٌ توهان جو فوٽو ڪڍي سگهان ٿو؟ مون ساڻس گڏ ڇوڪري کان پڇيو.“

ٻنهي رڳو مُرڪيو. مون سندن همت افزائي ڪرڻ لاءِ ۽ متان ٿوري به دير ڪرڻ سان خيال بدلائين، جلدي جلدي ڪين پروسوڏنو ۽ اعتماد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي.

”آءٌ ڪراچيءَ کان اچان پيو. سفرناما لکندو آهيان. اتي جي هڪ اخبار لاءِ ملئي لباس ۾ ماڻهوءَ جي فوٽي جي ضرورت اٿم. جي توهان کي اعتراض نه هجي ته تنهنجو ۽ هيءَ... ڇا ٿئي تنهنجي...؟“

”گرل فرينڊ.“ هن چپ کوليا.

”... تنهنجي خوبصورت گرل فرينڊ جو فوٽو وٺان؟“

ڇوڪرو ۽ ڇوڪري سورهن سالن جا مس ٿيندا. هڪٻئي سان ملئي زبان ۾ مشورو ڪرڻ لڳا. ڇوڪري تيار ٿي ڏٺي، پر ڇوڪري جي دل گهڙيال جي لڏڪڻيءَ وانگر، ٿوري ساعت لڏي، پوءِ انڪار واري پاسي بيهي رهي.

”ساري! منهنجي گرل فرينڊ کي اعتراض آهي.“ ان وقت سندس گرل فرينڊ هٿ سان اشارو ڪيو ته مون کي نه هن کي اعتراض آهي. مون ٿورو مرڪيو ۽ ڪين چيم: ”ٺيڪ آهي. اٽ از پرفيڪٽلي اوڪي.“ جرنلزم ۽ فوٽو گرافيءَ ۾ اهي عام ڳالهيون آهن. آءٌ پاڻ کي پڪو ٿو ڪريان.

اڳتي وڌي هڪ چيني عورت جو فوٽو ڪڍيم جا ايتري ته ڪراڙي هئي جو ڏڪي رهي هئي. پر ان هوندي به رستي تي رَڏل سيوين جو ٿالهه رکي وڪڻي رهي هئي. ٻار پني ۾ اهي لوڻ مرچ پيل سيويون وٺي، ليمي جو رسُ وجهي چاپ اسٽڪ سان ڪائي رهيا هئا. ٿورو اڳتي وڌيس ته ڪنڊ وٽ هڪ ملئي مڙس ڪکن مان عجيب نموني

جاڪارا ۽ چيبون ٺاهي رهيو هو. انهن وٽ نڊڙ چيبن ۾ سنڌس ناھڻ جي نموني جو فوٽو ونڻ لاءِ تورو پري بيهي، مختلف ڪنڊن تان فوٽي جي صفائي ۽ چٽائي جاچڻ لڳس ته ايتري ۾ ڪنهن جي نرم آڱرين جو ڇُهاءُ ڪلهي تي محسوس ٿيو. پنيان مُڙي ڏسان ته ساڳي ملئي ڇوڪريءِ سنڌس بواءِ فرينڊ بيٺا آهن.

”ايڪسڪيوز مي،“ رڱو مرڪڻ بدران هن دفعي هن چپ به کولي ڳالهايو: ”تون منهنجو فوٽو ڪڍي سگهين ٿو.“ سنڌس ڳالهائڻ ۾ عزم ۽ سوپ جا جذبا محسوس ٿي رهيا هئا. مون سنڌس بواءِ فرينڊ ڏي نهاري چيو: ”چئبو ته ڪلوپيٽرا سيزر کي مچائي ڇڏيو.“

هونءَ ملئي ڇوڪريون سهٽيون نه آهن. جيتوٽيڪ سونهن ۾ ليمڪ ۾ چيني ڇوڪرين کان وڌيڪ آهن. پر اها سونهن رڳو هڪ خاص عمر تائين جي ڇوڪرين ۾ نظر اچي ٿي. چينيءِ ملئي ڇوڪريون باوجود مِني، پينل نڪ ۽ تلهن چپن جي سراسري پنڌرهن کان ويهن سالن جي عمر اندر ڪجهه حسين لڳن ٿيون. اها عمر اورانگهڻ بعد بقول اسان جي ريفريجريٽر انجنيئر جي ڪدو لڳن ٿيون. پر نه، ڪدو ته صرف سواد ۾ بي ڍنگو ٿيندو آهي، شڪل ۾ ته لسوءِ خوبصورت ٿيندو آهي. عمر ٽپڻ بعد چينيءِ ملئي عورتون شڪل ۾ ڪليڪٽر انب لڳن ٿين. سچو بدن، گهٽ ۾ گهٽ جيڪو سنڌن مختلف لباس مان نظر اچي ٿو، ڳوڙها ڳوڙها لڳي ٿو.

## 20. ولايتي نوڪريءَ ۽ ڇوڪريءَ جي ڳولها ۾

هيستائين جن مغربي ملڪن، آمريڪا ۽ يورپ، طرف رهيو آهيان، انهن کان هيڏانهن ڏُور اوڀر جي ملڪن ۾ بلڪل مختلف تهذيب ۽ رسم رواج آهي. ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ ٿائيلنڊ پاسي ڏي پنهنجي ملڪ جهڙو ئي مشرقي ماحول آهي ۽ بيحد پنهنجائپ وارو لڳي ٿو. مغرب پاسي ماديت ۽ مشين واري زندگي گهٽي آهي، پر هن طرف روحانيت ۽ مذهب تي زور آهي.

ملايا ۾ مختلف مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ جتي ڪٿي مسجدون، مندر، تڪاٽا نظر اچن ٿا. پينانگ ٻيٽ تي پنجن قبن واري مسجد ۽ هڪ هزار ٻڌ پڪشوئن جو مندر آهي. هتي جا چيني عبادت گهر ۽ ڪليسائون ڏسڻ وٽان آهن. سڀ کان عجيب ۽ حيران ڪندڙ پينانگ جو ’نانگ مندر‘ آهي. هن مندر ۾ هڪ نانگ ديوتا جو بتُ ٺهيل آهي. مندر ۾ هزارن جي تعداد ۾ نانگ پيا هلن. انهن ۾ ڪيترائي زهريلا نانگ پڻ آهن، پر ڪنهن کي چڪ نٿا هڻن. ايترا نانگ ۽ اُهي آزاد نموني سان گهمندا ڦرندا ڏسي خوف محسوس ٿئي ٿو. مندر ۾ اندر گهڙڻ سان مندر جو پائو هڪ ڪري نانگ سياحن جي هٿن تي ڏيندو ويو. ڪي ننگن ۾ ويڙهڻ لڳا ته ڪي هٿن ٻانهن تي، ان وقت منهنجي دل جي حالت عجيب هئي پر ٻاهر مسڪرائٽو پيو.

پينانگ ٻيٽ تي ڪي ته تمام وڻندڙ جڳهيون آهن، جيئن ته پينانگ جو باغيچو (Botanic Garden)، هتي جون (Beaches) سمنڊ جا ڪناڪا ڪنارا جتي سچو سچو ڏينهن ماڻهو ترندا نظر اچن ٿا. خاص ڪري انهن ملڪن جا، جن ۾ سج هميشه ڪڪرن ۾ لڪل رهي ٿو. هڪ ڏينهن جهاز جو سيڪنڊ آفيسر احمد حسين مخدوم، مون کي ۽ ريفريجريشن انجنيئر محمود کي سمنڊ جي ڪناري تي وٺي آيو. محمود، جنهن جا چرچا سچي جهاز تي مشهور آهن، تنهن مٿي تي هٿ هڻي مخدوم کي چيو: ”پيارا ڪٿي وٺي آيو آهين؟ هي سمنڊ انهن لاءِ آهي جن ڏٺو نه هجي، سچو سچو ڏينهن سمنڊ تي ڊيوٽي ڪرڻ بعد وري اڪين اڳيان سمنڊ.“

ان بعد مخدوم مانيءَ لاءِ هتي جي مشهور هوٽل ’ميرلين‘ ۾ وٺي آيو. هوٽلن ۽ نائيٽ ڪلبن جي معلومات لاءِ مخدوم ڊڪشنري يا ڊئريڪٽري سمجهڻ ڪپي. اهڙين اهڙين هوٽلن ۾ وٺي ايندو جو پيٽ پرجي يا نه پر کيسو ترت خالي ٿي ويندو.

ميرلين هوٽل جي ڇت تي ٺهيل گول ڦرندڙ ريسٽورنٽ (Revolving Restaurant) ۾ اچي ويٺاسين. ان هوٽل جي اها خاصيت آهي ته هوءَ پنهنجي محور جي چوڌاري ڦرندي رهي ٿي ۽ اهو چڪر هڪ ڪلاڪ ۾ پورو ڪري

تي. توهان ڪٽي هوٽل جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويهو. ڪلاڪ اندر ويني ويني سڄي پينانگ ٻيٽ جو نظارو ڪري سگهندا. ؤ.
ان هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ ملئي ڇوڪريون جڏهن ڪاڏو ڪٽي آيون ته اسان اکين سان انهن کي ڏسندا ۽ وات سان ڪاڏو کائيندا رهياسين. پر محمود جي قاتل اکين مان ائين پئي محسوس ٿيو ته هو نه صرف ڇوڪرين کي ڏسڻ ٿو چاهي پر کائڻ به ٿو چاهي.
محمود جهاز جي سڀ کان دلچسپ شخصيت آهي. هو هر وقت يوڳ ڪندو نظر ايندو. چاهي ڪهڙي به موسم هجي، ڪهڙو به سمنڊ هجي، سندس موڊ سدائين هڪجهڙو رهندو آهي. سندس فقط هڪ ڪمزوري آهي. جيئن ئي ڪا حسين ڇوڪري ڏٺائين، اها ٻي ڳالهه آهي ته سندس چوڻ مطابق دنيا جون سڀ ڇوڪريون حسين آهن، چاهي اهي آفريڪن شيدياڻيون هجن يا جپاني نڪ مِنيون، پيرن ننڍيون چيني هجن يا ويڪري ڇيلهه ۽ ننڍڙين ٽنگن واريون ٿائلنڊ جون، پوءِ سندس چهرو ساڻيڊي وانگر رنگ بدلڻ لڳندو. ڪنهن لوڙهي تي رنگين اسڪرٽ پيو سڪندو ته به ڪنڊن جي پرواهه نه ڪندو، وڃي وڃڙندو. ڪو ڏوبي هٽ ۾ ڪنهن ڇوڪريءَ جو بلائوز ڪٽيو پيو ويندو ته بغير پڪ ڪرڻ جي ته ان ۾ ڪا ڇوڪري هوندي، اسپيني ڍڳي وانگر اکيون ڪُپائيندو، نڪ سامهون ڏوڪيندو ويندو. هر وقت ولائتي نوڪريءَ ۽ ڇوڪريءَ جي تلاش ۾ هوندو آهي. پر لڳي ائين ٿو ته ٻنهي شين ساڻس شادي ڪرڻ کان اڳ طلاق وٺي ڇڏي آهي. هڪ ٻن ڇوڪرين سان هتي ملايا ۾ ملاقات به ٿيس پر اهي سڀ شادي شده يا انگيجڊ نڪتيون. تازو هڪ کي اڪيلو سمجهي دوستيءَ جو ناتو وڌايائين ۽ جهاز تي گهمڻ جي ڪيس دعوت ڏنائين. جهاز تي جڏهن محترمه پنهنجي مڙس سان پهتي ته محمود کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن گلاس پاڻيءَ جو سندس چپن آڏو رکي، ڪسي ورتو هجي ۽ هو صدين کان اڃيو رهندو اچي. ڊوڙندو ڊوڙندو مون وٽ پهتو، ان وقت آءٌ انجڻ روم ۾ ڊيوٽي تي هوس ۽ هڪ جونيئر انجنيئر سان گڏ انجڻ جي هڪ پسٽن تي نيون رنگون (Rings) چاڙهي رهيو هوس. محمود اچي آهستي چيو: ”پيارا، ان پسٽن تي جوڙيون پوءِ چاڙهه. هوءَ جوڙين واري پهچي وئي آهي، پنهنجي آل اولاد سان. قرب ڪر، هنن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ پنهنجي جونيئر انجنيئر کي ٿوري دير لاءِ موڪل ڏي. آءٌ ٻئي در کان ٻاهر وري ٻيءَ جي ڳولا ۾ وڃان ٿو.“
”هاڻ شادي شده نه آڻجانءِ.“ مون کيس ٽوڪيو. جنهن جي جواب ۾ پاڻ تڏو ساهه کڻي وراڻيائين: ”يار ڇا ڪريان. هتي جي ڇوڪرين کي ڪيپي ته ڪو اهڙو ميٽر هٽيو هلن، جيئن ٽئڪسين تي هوندو آهي. جيئن پري کان ئي بنا پڇڻ جي خبر پوي ته آيا هو خالي آهن يا انگيجڊ.“

## 21. مفت ۾ ته به ڪپن

پينانگ کان ڪجهه پري اٽڪل به سؤ ميل ڪن ملايا جو ٻيو وڏو شهر ’پورٽ سئيٽن هام‘ آهي. اسان اتي پاڻي جي جهاز رستي وياسين. هن شهر ۾ گهمڻ وارو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. ڪي ڪي بندرگاهه سمنڊ جي ڪناري تي نه هوندا آهن پر سمنڊ ۾ جا ندي اچي ڇوڙ ڪندي آهي، ان نديءَ جي ڪناري تي هوندا آهن ۽ جهاز کي سمنڊ ختم ڪرڻ بعد ان بندرگاهه تي پهچڻ لاءِ نديءَ اندر هلڻو پوندو آهي. جيئن آمريڪا ۾ نيو اورلنس بندرگاهه ۾ وڃڻ لاءِ جهاز کي سمنڊ بعد مسي سپي (Mississippi) نديءَ ۾ به سؤ ميل ڪن هلڻو پوندو آهي. اهڙي نموني سان

هتي ٻه ڪلاڪ ڏيڍ جو نديءَ جو سوڙهو رستو (River-Passage) آهي، جيترو جبرالٽر يا آفريڪا ۾ سئيٽا (Cueta) بندرگاهه جو. ٻنهي پاسي گهاٽا رٻڙ جا وڻ ۽ گهاٽو سائو گاهه گُلن سان ٽُٻ ٽڪريون، هميشه جهڙالي موسم. قدرت جا ڪن جاين تي خاص ڪرم آهن. جيڪي اسان جهڙن مينهن ۽ ساوڪ جي سڪايل سنڌين کي گهٽائي لڳندا آهن.

سئيٽن هام شهر ۾ اسان جو جهاز صبح جو پهتو. خبر پئي ته ملايا حڪومت ويجهڙائيءَ ۾ هن جو نالو بدلائي 'پورٽ ڪلانگ' رکيو آهي. ڪنهن کي ڪٽي 'سئيٽن هام' پُل ۾ ٻه چئه ته يڪدم منهن ٺاهي درستي ڪندو ته نه 'پورٽ ڪلانگ' چئو.

پورٽ ڪلانگ ۾ صبح جو جهاز مان نڪتس. بندرگاهه ڪان ٿورو پريرو پوسٽ آفيس هئي. خط پوسٽ ڪري واپس آيس ۽ ارادو ڪيم ته شام جو گهمڻ نڪربو. شام جو بندرگاهه کان نڪتس ته وائڙو ٿي ويس ته اهو رستو جيڪو صبح جو خالي هو ۽ فقط ڪارون بسون هلي رهيون هيون. ان جي منهن وٽ ٿي چار ملئي سپاهي بيٺا آهن ۽ سڄي رستي تي سامان وڇايو پيو آهي. ويجهو پهتاسين ته ڏسون ته سوين دڪان سبيل ۽ اٽسبيل ڪپڙن جا، رڪارڊن جا، رانديڪن جا، ٽانون ۽ بوٽن جا، واچن ۽ ريڊين جا هيٺ زمين تي ڪليا پيا آهن. لائوڊ اسپيڪرن تي چيني، جپاني، ملئي ۽ انگريزي گانن جي وٺ وٺان لڳي پئي آهي. دوستن کي ٻڌايم ته صبح هي سنسان رستو هو ۽ هينئر ڏسندي ئي ڏسندي بوري بازار ٿي پيو آهي. شيون ٻه تمام سستيون. اسان جي ففٽ انجنيئر اسلم زبيريءَ کي رڪارڊ وٺڻا هئا. وڏن دڪانن تي ڏيڍ ملئي ڊالر، يعني فقط ڇهه روپيا، ٿي مليو. پر هتي اڌ ڊالر، يعني فقط ٻه روپيا، سو ٻه هينئر اسان جي رپئي جي قيمت ڪري پئي آهي ۽ هڪ ملئي ڊالر ۾ چار روپيا آهن، نه ته اڳ جڏهن هڪ ملئي ڊالر ۾ پوٽا ٻه روپيا هئا ته ساڳيو ٻن روپين وارو رڪارڊ تيرهين آني ٿي مليو. هن قسم جون فٽ پاٿ مارڪيٽون ملايا، سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ عام آهن ۽ رات جو ائين ڪان وٺي ٻارهين هڪ تائين هلن ٿيون. هن مارڪيٽ جي اها خوبي آهي ته جيئن رات پوندي ويندي تيئن سامان سستو ڏيندا ويندا. هڪ وڳي ڌاري سڀ دڪاندار پنهنجو پنهنجو سامان ويڙهي پنهنجي پنهنجي پڪ اپ ۾ وجهي، سڄو قافلو روانو ٿي ويندو آهي. ان وڏي پڪ اپ ۾ ٻارين ٻچين رهن ۽ رڌ پچاءُ جو ٻه ان ۾ بندوبست آهي. هي لڏو ڪڏهن ڪنهن رستي تي ته ڪڏهن ڪنهن شهر ۾ دڪان لڳائي شيون وڪڻن. جيئن سنڌ ۾ مڪراني عورتون ڪپڙن جو هڙون ڪٽي ڪڏهن ڪنهن شهر جي گهٽِيءَ ۾ ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ وڪڻنديون نظر اينديون. ڪي ڪي ته اهڙا هنڌ آهن جتي روزانو ان قسم جي نائيٽ مارڪيٽ لڳي ٿي.

اسان رڪارڊ ورتا ۽ ٻيو ڪجهه هلڪو ڦلڪو سامان ۽ جنهن ڪان نه وٺڻو هئوسين ان ڪان ٻه قيمتون پڇائيندا رهياسين. هڪ چينيءَ ڪان ڪڇا ۽ سئمنگ ڪاسٽيوم ورتاسين. ان جي ڀر ۾ تڏي تي هڪ چيني ڇوڪري چوليون (Brassier) ۽ ماڊيس نموني جا سينيٽري ٽاول وڪڻي رهي هئي. هڪ بريزيئر هٿ ۾ ڪٽي اسان جو ڌيان ڇڪائي چوڻ لڳي؛ "توهان لاءِ فقط ٽي ڊالر." ان سان گڏ پاڙ ۽ پر وارا چيني دڪاندار کلڻ لڳا. ڪجهه هندستاني عورتون ٻه ساڙهيءَ ۾ پري بيهي تماشو ڏسي رهيون هيون ته اسان هن ننڍڙي شهر ۾ اجنبي آهيون ۽ هڪ چيني ڇوڪري اسان ٿن ڄڻن سان چرچا ڪري رهي آهي. اسلم زبيريءَ ته اڳتي وڌي ماحول کي خوشگوار بنائڻ لاءِ چيس؛ "اها قيمت گهٽي آهي."

"چڱو پلا ٻه ڊالر ڏي." چيني ڇوڪريءَ انگيءَ کي اسلم جي ڪلهن تي رکندي چيو.

"اون هون." اسلم نه مڃيو.

"چڱو پلا هڪ ئي ڊالر ڏي. دڪان بند ڪرڻ جو وقت ٿي ويو آهي. جلدي ڪر." ان سان گڏ لفافي ۾ انگي بند ڪرڻ واري هئي ته اسلم چيس ته هڪ ڊالر ٻه گهڻو آهي. تنهن تي هوءَ ڏاڍي بور ٿي ۽ ٽوڪ طور چيائين؛ "پلا مفت ۾ کٽندين؟"

اسلم پراٺو لطيفو دهرائيندي چيس، "ها. پر مفت ۾ ٻه ٻه ڏي ته پوءِ ڪٽان."

ملايا ۾ دڪانن جي ٻاهران گهٽ ۾ گهٽ ٻن زبانن جا بورڊ نظر ايندا. ڪنهن چينيءَ جو دڪان هوندو ته چينيءَ ۽ انگريزي زبان ۾، ملئي جو دڪان هوندو ته انگريزي ۽ ملئي زبان ۾ يا عربي ۽ انگريزي زبان ۾. ملئي زبان ڪي پنهنجي رسم الخط ڪونهي، پر انگريزي اکرن ۾ لکي وڃي ٿي، مثال طور هتي جي يونيورسٽيءَ جي بس تي لکيل آهي:

Universiti Sains Malaysia (University of Science, Malaysia)

هڪ بئنڪ تي انگريزيءَ ۽ عربيءَ ۾ هن طرح لکيل آهي:

• Overseas Chinese Bank Ltd 'بو برسي چائيني بيعڪيخ ڪور فوريشن لميتيڊ'.

ڪيترائي ملئي زبان جا عام استعمال جا لفظ عربي ۽ سنسڪرت جا آهن، جيڪي ٿي. وي تي ملئي فلمون ڏسڻ وقت ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيئن ته: دنيا، عام، حڪم، نصيب، صلاح، پاونا، هديه وغيره. هڪ هنڌ ملايا ۾ لکيل نظر آيو: Green Hotel ۽ عربيءَ ۾ 'ڪرين هوتل' لکيل هو پر 'ڪ' جي مٿان هڪ ٽيڪو پڻ هو جيڪو اڪر هتي 'گ' بدران استعمال ٿئي ٿو.

ملايا ۽ هن پاسي ٻين مشرق بعيد جي ملڪن ۾ بارش ڏاڍي پوي ٿي. پر اتفاق سان اسان جيڪي ڏينهن ملايا جي شهرن پينانگ، بٽروٿ ۽ پورٽ ڪلانگ ۾ هئاسين، اهي ڏينهن فقط جهڙ ئي رهيو ۽ اسان مزي سان گهُمي سگهياسين. آخري ڏينهن جڏهن اسان جو جهاز ملايا مان لنگر کڻي سنگاپور روانو ٿي رهيو هو، صبح کان اهڙي بارش ٿي جو بس ٽيڻ جو نالو نه پئي ورتائين ۽ اهڙو وڏ ـ ڦڙو ڏسي اسان دنگ رهجي وياسين. اهڙي بارش ان کان اڳ چٽگانگ ۾ ئي ڏٺي هئيسين، جا ڪڏهن ڪڏهن ويهه ويهه ڏينهن به لڳاتار هلندي هئي. جلدي اسان ڪمرن جا پورٽ هول/ دريون بند ڪيونسين. جهاز لنگر کنيو، ردار رستو ڏيکاريو ۽ اسان جو جهاز سمنڊ اندر لڪل جبلن ۽ ٽڪرين کان پاڻ بچائيندو بارش ۾ ستبو سنگاپور ڏانهن وڌڻ لڳو.

## 22. سنگاپور ۾ ست ڏينهن

ملايا جي بندرگاهه پورٽ ڪلانگ (Port Klang) کان سنگاپور فقط ڇهن ڪلاڪن جو ساموندي سفر آهي. رات جو ٻي وڳي اسان سنگاپور جي سامهون لنگر ڪيرايو. سامهون سنگاپور شهر جي رستن ۽ اوچين عمارتن جون بتيون چمڪي رهيون هيون، جيئن شاديءَ تي ڪنهن عمارت کي بلبن سان سينگارجي. اسان جي چوڌاري ٻيا به ست ڪن جهاز مختلف ملڪن جا لنگر ڪيرايو بيٺا هئا. سندن بتين ۽ پاڻيءَ ۾ پوندڙ عڪس عجيب منظر پيش ڪيو ٿي ۽ ائين لڳو ٿي ڄڻ هر هڪ جهاز الڳ ننڍڙو ٻيٽ هجي. سنگاپور جاگرافيءَ جي نقطءِ نگاهه کان قدرتي طور ڪجهه اهڙي هنڌ تي آهي، جو هر جهاز پئسفڪ سمنڊ کان هندي وڏي سمنڊ ڏي ايندي توڙي ويندي يا ڏکڻ چيني سمنڊ مان لنگهندي، سنگاپور وٽان ضرور لنگهي ٿو. ان کان علاوه جهازن جي تيل جو پڻ وڏو مرڪز آهي. فري پورٽ تنهن کان سواءِ. ان ڪري سنگاپور هڪ روشن ڏيئي مثل آهي، جنهن جي چوڌاري پتنگ؛ جهاز، ميڙ ڪيو بيٺا هوندا آهن. ڪي تيل وٺڻ لاءِ، ڪي سامان لاهڻ لاءِ، ڪي چاڙهي ٻين ملڪن ڏي کڻي وڃڻ لاءِ. سنگاپور وڏو مرڪز آهي. مثال طور اسان ڪي ڪراچيءَ مان سامان آمريڪا لاءِ مليو آهي. جيتوڻيڪ اسان ڪي آمريڪا وڃڻو ناهي پر ان هوندي به اسان مال وٺڻ کان انڪار نه ڪيو. مال ورتوسين ۽ هاڻ سنگاپور جهڙي بندرگاهه تي لاهي ڇڏينداسين جتي اسان جي آفيس وارا اهو سامان ڪنهن ٻئي ملڪ جي جهاز ذريعي، جيڪو آمريڪا ويندڙ هوندو، موڪلي ڇڏيندا. اهڙيءَ طرح ان ڀاڙي ۾ اسان جي ڪمائي جو به حصو ٿي ويندو ۽ ڏارئين جهاز جو به. ساڳئي وقت سامان موڪليندڙ جو به ترت ڪم ٿي ويو. يا جيئن مثال طور: هن وقت هڪ آسٽريليا جو جهاز هندستان کان ڪپهه کڻي، هتي سنگاپور ڇڏي پاڻ آسٽريليا هليو ويو آهي. اها ڪپهه دراصل هانگ ڪانگ لاءِ آهي. سو هانگ ڪانگ تائين اها ڪپهه اسان پنهنجي جهاز

۾ پري رهيا آهيون . ان کان علاوه سنگاپور مان رڳو ڪٽي رهيا آهيون، جو جپان تائين ڪٽي ويندا سين، اتان پوءِ هڪ ٻيو پاڪستاني جهاز لاس اينجلس (آمريڪا) تائين ڪٽي ويندو .

سنگاپور جي بندرگاهه جي جيٽي ڪافي وڏي آهي . ڪيترا ئي جهاز هڪٻئي جي ويجهو ويجهو پاڻيءَ ۾ لنگر ڪيرائي بيهن . اسان جو جهاز به لنگر ڪيرايو بيٺو آهي، چؤڌاري پاڻي آهي . سامان بارجز Barges (وڏيون ويڪريون ٻيڙيون بنا انجڻ جي) ذريعي پر جي اچي رهيو آهي . جيڪو جهازن جي ڪرينن (Derricks) ذريعي جهازن ۾ چڙهي رهيو آهي . ماڻهن کي ڪناري تائين پهچائڻ ۽ آڻڻ لاءِ لانچون ذري ذري ائين لنگهي رهيون آهن، جيئن شهر ۾ ٽئڪسيون يا رڪشائون هلن . انهن لانچن کي سڏين به 'ٽئڪسي'، جهاز جي عرشي (Deck) تي بيهي انهن لانچن جو انتظار ڪبو آهي .

جيئن ئي ڪا لانچ لنگهندي آهي ته 'ٽئڪسي' پُڪاري سڏُ ڪبو آهي . پوءِ مٿان ئي انگريزيءَ ۾ ڀاڙو طئه ڪبو آهي . گهٽو ڪري هڪ سنگاپوري ڊالر (چئن روپين) ۾ راضي ٿي ويندا آهن . جهاز جي ڏاڪڻ Gangway تان لهي ان ۾ اچي وهبو آهي . لانچ ٻين جهازن تان به مسافر ڪٽي اچي بندرگاهه ۾ ڇڏيندي آهي . جيئن ته اسان جي سنگاپور ۾ به آفيس آهي، سو آفيس طرفان پڻ هڪ لانچ، سڄو ڏينهن رات، ڪلاڪ ڪلاڪ کان پوءِ اسان جي جهاز تي ڦيرا ڪندي آهي ۽ اها جهاز جا ماڻهو مفت ڍوئيندي آهي . بندرگاهه سنگاپور فقط نالي جو آهي، ڪو به ڪسٽم وارو نظر نه ايندو . بندرگاهه ٽئڪس کان آجو هجڻ ڪري ڪنهن به شيءِ آڻڻ يا ڪٽي وڃڻ جي جهل پل ڪانهي، سواءِ نشي جي شين جي . مثال طور: چرس، گانجو، ڏوڏي وغيره . هونءَ ڪا به شيءِ جهاز تان، شهر ڏي ڪنهن کي ڪٽي ويندي مون نه ڏٺو . هتين خالي بندرگاهه تي لهن ۽ واپسي تي سندن ٻنهي هٿن ۾ ٿيلها ۽ سامان سان ڀريل لفافا هوندا آهن . انهن لفافن ۽ ٿيلهين ۾ سڀيل اڻ سبيل ڪپڙا، ريڊيا، واچون، ڪئميرائون ۽ ٽرانسسٽر، سينٽ، پلاسٽڪ جا گُل، رانديڪا ۽ ٻيو سامان هوندو آهي، جو هتي تمام سستو آهي .

سنگاپور هڪ ننڍڙو ٻيٽ نما ملڪ آهي، جنهن جي وڏي ۾ وڏي ندي فقط نَوَ ميل ڊگهي آهي، جا وچ شهر مان ٿيندي اچيو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري . شهر وٽ اها ندي وڏين وڏين ٻيڙين ۽ بارجز سان ڀريل هوندي آهي . پري پري کان سامان ٽرڪن ۾ ڪچي، نديءَ تائين اچي، جتان ٻيڙين ذريعي جهازن تي موڪليو وڃي ٿو . ساڳيءَ طرح جهازن تان سامان سنگاپور اچي . انهن وڏين ٻيڙين / بارجز کي پنهنجي انجڻ نه ٿئي . جڏهن چار پنج بارجز پر جي ويندڙيون آهن ته پوءِ هڪ لانچ / موٽر بوٽ، ڪين ڇڪيندي آهي . پري کان ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪو اُٺن جو قافلو پيو اچي . پهرين بارج جي پٺ، ٻيءَ جي اڳ سان، رسيءَ ذريعي ڳنڍيل هوندي آهي . اهڙي نموني سان هڪ ٻئي پٺيان ڪيتريون ئي هونديون آهن . هتي اهي بارجز گهڻو ڪري چينين جون آهن، جي ٻارن ٻچن سان انهن ۾ رهن ۽ رڌين پچائين به انهن ٻيڙين تي .

سنگاپور، انيڪ مذهبن ۽ قومن جو ملڪ آهي . گهڻائي مسلمانن جي آهي . انهن کان علاوه ٻڌ، هندو، عيسائي، سک ۽ پراڻي چين-مت جا آهن . زبانون به ڪيتريون ئي ڳالهايون وڃن ٿيون، قومي زبانون چار آهن: انگريزي، ملئي، چيني، تامل . جتي ڪٿي بورڊ انهن زبانن ۾ نظر ايندا . ٽي . وي ۽ ريڊيو تي پڻ سيني زبانن جو پروگرام اچي . سنگاپور ۾ ملايا، چين، پاڪستان، انڊونيشيا، ٿائلنڊ ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو رهيل آهن . سڀ کان گهڻا هندستان جا آهن . هندستان جي مٿئين حصي يو . پي ۽ سي . پي جو ماڻهو ڪو ورلي نظر ايندو، پر ڏکڻ هندستان جا تمام گهڻا آهن، جن جي مادري زبان تامل آهي . سنگاپور ڪنهن زماني ۾ هندستان جو حصو هو . انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪجهه وقت هندستان جو وائسراءِ حڪومت ڪندو هو . ١٨١٩ع ۾ اسٽئفورڊ ريفلز، جيڪو جاوا انڊونيشيا جو انگلنڊ طرفان گورنر جنرل به هو، ملايا جي سلطان جوهور کان ان ڳالهه جي اجازت ورتي ته سنگاپور جي ٻيٽ تي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ طرفان واپار وڙي لاءِ ڪوٺي قائم ڪئي وڃي . جيئن هندستان فتح ڪرڻ کان اڳ انگريزن چالاڪي ڪري پهرين (١٨٠٠ع ڌاري) ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪوٺي وجهڻ جي اجازت ورتي هئي . سلطان جوهور اجازت ڏني، يا ڪٽي ڇئجي ته ڏيڻي ئي پيس، پنجن سالن کان پوءِ ريفلز صاحب سلطان کان هڪ ٻئي معاهدي تي به صحيح ورتي . يعني سولي زبان ۾ ائين سمجهجي ته

هندستان جي تاريخ دهرائي وئي ۽ عرب جي اٺ وانگر، عرب ٻاهر، اٺ تنبوءَ منجهه! سنگاپور سڄي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي جاگير ٿي وئي. ١٨٣٠ع ۾ بنگال سان هن کي شامل ڪيو ويو. ١٨٣٠ع ۾ سنگاپور، هندستان جي گورنر جنرل جي هٿ هيٺ هو.

هينئر سنگاپور آزاد ٿي چڪو آهي، پر ان هوندي به اڃا انگريزن کي فوجي اڏي رکڻ جي اجازت آهي. ٻي جنگ عظيم ۾ سنگاپور، جنهن لاءِ انگريزين طرفان اهو ڍاڪو ڇمايل هو ته سنگاپور کي ڪير هٿ به نه ٿو لاهي سگهي سو جپانين جي جهول ۾ پڪل ٻير وانگر اچي پيو. گهٽ ۾ گهٽ سنگاپور جي ان معاملي ۾ برطانوي شينهن، ڪاغذ جو شينهن ثابت ٿيو.

## 23. سنگاپور ۾ سنگاپوري چانهه ڪانه ٿئي!

سنڌ ۾ پاڻيءَ بنا چانهه يعني کير ۾ ٺهيل چانهه کي ڪن هوٽلن ۾ 'دوڌ پتي' سڏين ته ڪن هنڌ 'گهاٽي چانهه'. ڇاڪيواڙي جي هڪ هوٽل ۾ ان کي 'ڇمڇا چانهه' به چون. دادوءَ جي تاج هوٽل ۾ اها چانهه فقط 'دوڌيا' جي نالي سان سڏبي آهي. پر سڄي سنڌ ۾ ان چانهه لاءِ سڀ کان وڌيڪ نالو جيڪو مشهور آهي، سو آهي: 'سنگاپوري چانهه'.

هوٽل ۾ ويهي سنگاپوري چانهه جو آرڊر ڏيڻ تي هوٽل وارو الڳ ٿانوَ ۾ فقط کير ۽ پتي وجهي چانهه ٺاهي ڏيندو آهي. ان ۾ پاڻي نه وجهندو آهي، جي وجهندو به هوندو ته کير ۾ گهران ملائي ايندو هوندو. نڪ نل جو پاڻي يا درياءَ جو ڇاڻيل پاڻي، متان چانهه جي ڪوپ مان ڪا مڇي نڪري گراهڪ کي پريشان ڪري.

گهڻن ماڻهن جو خيال هوندو ته اها سنگاپوري چانهه شايد سنگاپور جي ايجاد هجي يا اتان شروع ٿي هجي. آءُ به سوچيندو هوس ته سنگاپور جا ماڻهو سنگاپوري چانهه ئي پيئندا هوندا. پر سنگاپور اچڻ کان اڳ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار آغا سليم جو سنگاپور بابت سفرنامو پڙهي معلوم ٿيو ته اتي ٻي هر شيءِ ملي ٿي، سواءِ سنگاپوري چانهه جي.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنگاپور ۾ دنيا جي هر شيءِ ملي ٿي سا به سستي اگهه تي. آمريڪا جون ٺهيل قميصون ۽ پتلونون، هتي آمريڪا کان سستيون ملنديون. جپان ۽ جرمنيءَ جون ڪئميرائون ۽ ڪارون، انهن ملڪن ۾ به ايتريون سستيون نه ملنديون، جيتريون سنگاپور ۾. آسٽريليا ۽ نيوزيلنڊ جو مکڻ، گيهه ۽ بند ٿيل گوشت، فرانس جو سينٽ، انگلينڊ جا پرس، مطلب ته هر شيءِ هتي سستي آهي. ڪو زمانو هو جڏهن عدن، ڪولمبو/ سلون وغيره دنيا جا مشهور ٽئڪس فري بندرگاهه هوندا هئا. پر اڄ ڪلهه صحيح معنيٰ ۾ فقط هانگ ڪانگ، لاس پاماس/ ڪنري ٻيٽ ۽ سنگاپور آهن. هنن شهرن جي/ جيڪي ٻيٽن جيڪي شڪل ۾ آهن، سئيز ڪئنال بند ٿيڻ ڪري هيڪاندي حيثيت وڌي وئي آهي. سنگاپور جهڙي شهر جو هڪ هڪ ڏينهن عورتن لاءِ عيد برابر آهي. جي توهان پلجي هتي زال سان گهمڻ اچو ته به ڪم ڪجو. يا هوٽل کان ٻاهر نه نڪرجو يا پاڻ سان ڳڏ چيڪ بڪ به کيسي ۾ وجهي نڪرجو.

سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ لاس پاماس جي بازارن ۾ عورتن کي هوش حواس نه هوندو آهي. ائين لامارا هٽي خريداري ڪنديون آهن ڄڻ هن دنيا جو اڄوڪو ڏينهن، آخري ڏينهن آهي. سڀاڻي هي دڪان نه رهندا. هي سک، چيني ۽ سنڌي دڪاندار نه هوندا ۽ هيءُ سنگاپور، سنگاپور نه رهندو. يا ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪو ٻيو وڏو هجوم سندن پٺيان سڀ ڪجهه خريد ڪرڻ لاءِ اچي رهيو آهي ۽ بازار خالي ٿي ويندي. ان ڪان اڳ سڀ ڪجهه خريد ڪري وٺجي. واقعي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته عورتن جو هڪ اڻ کٽندڙ سيلاب هڪ ٻئي پٺيان هر روز نظر اچي ٿو.

## 24. ملاياءِ سنگاپور جي وچ ۾ فقط هڪ پُل!

سنگاپور جو جيڏو دنيا ۾ نالو مشهور آهي ۽ جيترو سنگاپور خوشحال ۽ سڌريل آهي، ان مان لڳي ٿو ته چڻ ته ڪو هي ايراضيءَ ۾ به وڏو ۽ امير ملڪ هوندو. هتي، امير ملڪ مان منهنجو مطلب قدرتي امير هجڻ آهي، يعني پوک، معدنيات/ ڌاتو، ڪاٺين وغيره کان، جيئن جپان قدرتي طرح امير ملڪ ناهي، جو هر ڪچو مال ٻاهران ٿو گهُرائي ۽ ملڪ ۾ ڪجهه به نه آهي. جيتوڻيڪ ٻئي ملڪ پئسي دولت جي معاملي ۾ شاهوڪار آهن.
پڙهندڙن کي تعجب لڳندو ته سنگاپور ملڪ هڪ ننڍڙو ٻيٽ آهي، جنهن جي، دنيا جي نقشي تي حيثيت فقط هڪ ٽٻڪي جيان آهي. سڄي ملڪ جي ايراضي فقط ٻه سؤ پنجويهه چورس ميل آهي. يعني جي ويڪر پنڌرهن ميل آهي ته ڊيگهه ٻه پنڌرهن ميل سمجهڻ کپي. (چو ته ڪنهن به پٽ جي ايراضِي ويڪر ضرب ڊيگهه آهي. سو ٻه سؤ پنجويهه ميل گهٽي ايراضي ناهي. هونءَ هي ٻيٽ هم چورس ناهي، ڪٿي ويڪر گهٽ آهي ۽ ڪٿي گهٽي به. ان حساب سان ڊيگهه پنڌرهن ويهن ميلن کان ڪافي مٿي اٿس ۽ ٻيٽ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين بس يا ٽئڪسي ڪلاڪ سوا وني ٿي، جو ڪٿي ڪٿي رستي ۾ ورو ڪڙ به ڏاڍا آهن.
سنگاپور ٻيٽ ملايا جي سرزمين کان گهڻو ڇڳل ناهي. جيئن منوڙي ٻيٽ جو رشتو ڪراچيءَ سان آهي، تيئن سنگاپور ٻيٽ جو ملايا جي سرزمين سان. جيئن اسان وٽ ڪياماڙي آهي، تيئن هتي ملايا جو شهر ’جوهور‘ آهي، جو سنگاپور کان فقط منو ميل پري آهي. اهو آهي ته منوڙي ۽ ڪياماڙي جي وچ ۾ پُل ڪانهي، لانچون ۽ ٻيڙيون ٽيون هلن. پر هتي سنگاپور ۽ ملايا جي شهر جوهور کي ڳنڍڻ لاءِ منو ميل ڊگهي پل آهي. پُل ٽپُ ته هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾. سنگاپور کان ملايا/ ملائيشيا وڃڻ لاءِ پڪو رستو ۽ ريل جي لائين گڏوگڏ هن پُل تان لنگهن ٿيون. سنگاپور جي پنجاسي سيڪڙو آدمشماري، اٽڪل ويهه لک کن، فقط اٺاويهه چورس ميلن جي زمين تي رهي ٿي. آباديءَ جو هي ميڙ سنگاپور جي ڪناري ۽ بندرگاهه جي پسگردائيءَ ۾ رهي ٿو.
حڪومت وڌندڙ آدمشماريءَ کي ڌيان ۾ رکي فليٽن جي اسڪيم شروع ڪئي آهي. پراڻين جڳهين کي ڊاهي ڪراچيءَ جي ’الاعظم اسڪوائر‘ ۽ ’ڪريم آباد‘ جي فليٽن جهڙا، پر انهن کان به اتاهان فليٽ ٺهرايا آهن جن ۾ سنگاپور جا ست لک کن ماڻهو رهن ٿا. سنگاپور جي ويجهو اچڻ سان پهرين اهي ڊگهيون عمارتون نظر اينديون. جيئن جهاز ڪراچيءَ جي ويجهو ايندو آهي ته پهرين حبيب بئنڪ، اين. ايس. سي يعني نئشنل شپنگ ڪارپوريشن بلڊنگ ۽ اسٽيٽ بئنڪ نظر ايندي آهي.
رستن تي ٽرئفڪ گهٽائڻ لاءِ پبلڪ بسون تمام گهڻيون ۽ آرامده رکيون ويون آهن، جيئن امير ماڻهو ۽ وڏا آفيسر به خودبخود پنهنجون موٽر ڪارون ڇڏي بس ۾ سفر ڪرڻ لاءِ آماده ٿي وڃن. انهن ۾ ڪيترين ئي بسون ته ايئرڪنڊيشنڊ آهن. پر ٽڪيٽ معمولي رکي وئي آهي. شايد سنگاپور جي بس جي مالڪن کي پوليس تنگ نه ٿي ڪري، جو ان معمولي ٽڪيٽ مان به کين ايتري بچت ٿئي ٿي، جو هر روز بسن جي ترقي ٿي رهي آهي ۽ بسن کي وڌيڪ آرامده بنايو پيو وڃي. ڪراچيءَ جي بسن ۽ ٽئڪسين جا مالڪ ته روئيندا ئي رهن ٿا. مسافرن سان ٽپ هلڻ جي باوجود به سندن مٿيون خرچ پوليس پٺيان ايترو آهي، جو هميشه سندن اها شڪايت آهي ته: جيتري ۾ خريد ڪيوسين اوتري ۾ وڪيوسين؛ نفعي ۾ فقط پادر پيا.
سنگاپور کي پنهنجي پيدائش ته ڪا خاص ناهي، گهڻو ڪمائيءَ جو دارومدار، ٻاهرين ملڪن کان آيل سياحن ۽ جهازن جي آمدرفت تي آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ کان سياح ۽ واپاري سنگاپور ۾ اچن، خريداري ڪن، وڏين هوٽلن ۾ رهن. ننڍين هوٽلن ۾ ماني کائين. ڪڏهن ملئي مسلمان جي هوٽل ۾ مشرق بعيد جو کاڌو ته ڪڏهن جپاني ۽ مغربي طرز جو کاڌو. رڪشائن ۽ ٽئڪسين ۾ چڙهي، سئنيمائن ۽ ٿيئٽرن ۾ فلمون ۽ ڊراما ڏسن. اهڙيءَ طرح سڄي سنگاپور جي ڪمائيءَ جو دارومدار مختلف طريقن سان ٻاهران آيل سياحن تي رهي ٿو.

هونءَ سنگاپور جي ننڍڙي ٻيٽ ۾ ٿوري گھٽي رهڻ ۽ ناريل جي پوک ٿئي ٿي. ڪاٽين ۾ به شيهو ٿئي. شيهو ۽ رٻڙ ٻاهرين ملڪن ۾ موڪلي زرمبادلو ڪمائين.

بندرگاهه جي پرسان چينج ايلي آهي. هن سوڙهي ۽ اونداهي بازار ۾ دنيا جو هر مشهور سڪو متجي ملي ٿو. جيئن ئي بندرگاهه کان نڪربو ته پئسا متي ڏيڻ وارا ڦري ايندا. اجا هڪ مان جان ڇڏائي ٻه چار قدم ڪٽبا ته رامجي جي تن نڳن وانگر وري ٻيو ٽِڪ ملندو: ”واٽ شپ؟ سر چينج مني؟“(What Ship? Sir Change Money) پڇندو.

پئسا متي ڏيڻ وارا چيني ۽ ملئي به آهن، پر سڀ کان گھڻا ڪارا مدراسي، بئنگلوري ۽ ٻيا ڏکڻ هندستان جا بشرت ۽ گوڏ ۾ ملندا. گوڏ، گوڏن وٽان متي ٻيٽي تيل. هيٺ مَرُ لڳل پيرن ۾ چنل يا ڪٽل چئمپل ۽ ڪاريون سنهيون ٽنگون نظر ايندي. هٿ ۾ آمريڪي ڊالر جو هڪ نوٽ هوندن. پت ڪي پر ڏئي يا ڪنهن ٿنڀي يا اليڪٽرڪ پول کي ٽيڪ ڏئي بيٺا هوندا. جيئن ئي لنگھبو ته اڱيان ڊالر جو نوٽ وڌائي پڇندا: ”سر چينج مني؟ ويري گُڊ ريٽ.“(Sir Change Money? Very Good Rate)

پوءِ مثال جي ڳالهه اسان جهڙا، جن کي سچو پگھار پاڪستاني سڪي ۾ ڪو نه ٿو ملي. پر پگھار جو پنجاهه سيڪڙو ڪنهن به ملڪ جي پئسن ۾ وٺي سگھون ٿا. اسان گھڻو ڪري آمريڪا جا ڊالر يا انگلنڊ جا پائونڊ پگھار ۾ وٺون، جو اهي سڪا اهڙا آهن، جيڪي دنيا جي هر ملڪ ۾ هلن. چين جهڙو ملڪ، جيڪو آمريڪا کي هونءَ ته ڪُلي عام گاريون ڏئي ٿو، پر ڊالر جي معاملي ۾ اهو به اڳيان آهي.

روس هوندي ته گھڻو ئي طاقتور ملڪ آهي، پر سندس سڪو ايترو ته ڪمزور آهي، جو روس کان ٻاهر نڪر ته ڪو ’روبل‘ کي ڪنگھي به ڪو نه ٿو. تعجب جي ڳالهه ته پروارن ملڪن؛ رومانيه، بلغاريه، ترڪي ۾ به آمريڪن ڊالر ته هر ڪو خوشيءَ سان قبول ڪري ٿو، پر روبل وٺڻ يا مَتي ڏيڻ کان ڪيٻائي ٿو، بلڪ صفا انڪار ڪري ٿو.

اسان جو جهاز جيئن ئي پاڪستان کان ٻاهر نڪرندو آهي ته اسان کي مهيني يا ٻن جو، گھُر مطابق پگھار اڳوات غير ملڪي سڪي ۾ ڏنو ويندو آهي. اسان هن دفعي ڊالر ورتا، پوءِ اهي ضرورت مطابق مختلف ملڪن ۾ مٽائيندا رهون ٿا. بئنڪ مان مٽائڻ سان مقرر اگهه ملي، ۽ فقط ڊالر، پائونڊ ۽ ٻيو دنيا جو مضبوط سڪو متجي ملي. پر پئسي متي ڏيڻ وارن دڪانن (Money Exchange Shops) تان سڀ سڪو متجي ملي، پر مختلف اگهن ۾. مثال طور: ڊالر جي سرڪاري قيمت به سنگاپوري ڊالر ۽ سٺ سينٽ آهي، پر جيئن ته ڊالر جي گھُرج وڌيل آهي، سو هي دڪاندار ڏهه پنڌرهن سينٽ مارڪيٽ جي اگھه کان متي ئي ڏين. سرڪاري طرح اسان جي ڇئين روپئي ۾ هڪ سنگاپوري ڊالر آهي، پر هي پنجين روپئي ڏين. جپان جي هزار يين (Yen) جا سوا نَو سنگاپوري ڊالر ڏين يا ڏهه ويهه سينٽ هيٺ متي. مڙئي جتي جيڪو گراهڪ ڪُسي.

اهو اگھهُ روزانو بدلجندو رهي ٿو. ان جو مدار ان ملڪ جي معاشيات، سياست ۽ ملڪي حالتن تي رهي ٿو. ايوب جي لهڻ وارن ڏينهن ۾ اسان دبئي ۾ هئاسين. ايوب جي لهڻ کان هڪ ڏينهن اڳ دبئي ۾ ڏهين روپئي آمريڪي ڊالر پئي مليو، پر جيئن ئي حڪومت بدلي ته ٻئي ڏينهن، چوويهن ڪلاڪن اندر، ڪو روپئي کي سُڃاڻي به نه پيو. پنڌرهن روپين ۾ به ڊالر ڪو نه ٿي مليو.

بهرحال پگھار جي پئسن مان اسان گھرج مطابق ڊالر مٽائيندا آهيون. پوءِ جيڪو دڪاندار سنو اگھهُ ڏئي. پر ڪو خاص فرق نه هوندو آهي، اوٽيهين ويهين جو تفاوت ٿئي. انهن دڪاندارن يا پئسا متي ڏيڻ وارن سان سياحن جي ڪُجهه هن ريت گفتگو ٿيندي آهي:

”ڊالر بدلائڻا آهن، ڇا اگھهُ آهي؟“

”آمريڪي ڊالر بدلائي سنگاپوري ڊالر وٺڻا آهن يا سنگاپوري بدلائي آمريڪي وٺڻا آهن؟“

”آمريڪي ڊالر مٽائڻا آهن.“

”هڪ آمريڪي ڊالر جا به سنگاپوري ڊالر ۽ پنجهٺ سينٽ.“

”بس! ٻيا ته به سنگاپوري ڊالر ۽ اسي سينٽ ٿا ڏين.“ اسان اڳ ٻڌنداسين.

”ويري ساري! ويري ساري! ايتري ۾ ته آءٌ خود وڪڻان ٿو، خريد ڪيئن ڪندس.“
”ته پوءِ نهيو هلون ٿا.“
وري اڳتي وڌيو ته بيو ڦري ايندو ۽ اهو ويجهو اچي تنهن کان اڳ پهريون اچي چوندو: ”چڱو سائين ڪيترا آمريڪي ڊالر متائڻا آهن؟ ونو يه سنگاپوري ڊالر ۽ سترسينٽ. بس؟ اهو ته اگهه توهان کي ڪير به نه ڏيندو.“
پوءِ اهڙي نموني سان مغزماري ڪري پڻ چئن سان بحث ڪري ڪنهن کان متائڻا پوندا آهن.
ڪڏهن ڪڏهن وري اسان به ڏاها ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جيئن مون کي سنگاپور ۾ سياٽپ سُجهي. آمريڪي ڊالر متائي انگلنڊ جا پائونڊ ورتم. بئي هنڌان پائونڊ بدلائي ٿائلنڊ جا ’ڀات‘ ورتم ۽ پوءِ ٿئين کان ڀات بدلائي سنگاپوري ڊالر ورتم. سوچيم ته ان چڪر ۾ ڪجهه پئسا زياده ٿي حساب ۾ ملندم. پر سائين اڳيان هنن پئسا متي ڏيڻ وارن به اس ۾ اچا وارنه ڪيا آهن. حساب ڪٿي جا چيان ته اهو ئي ساڳيو. پاڻ ڪجهه سينٽن جو مون کي نقصان.
پئسا متي ڏيڻ وارا ڪي ته ائين رستي تي بيٺا هوندا آهن ۽ ٻيا وري ننڍا ننڍا دڪان ائين هوندا آهن، جيئن پاڻ وٽ پان بيڙي ماچيس وارن جون ماڊٽيون (پيڍيون) ٿين. انهن ماڊٽين ۾ رنگ برنگي، مختلف ملڪن جا نوٽ لڙڪندا رهندا آهن ۽ شيشي هيٺان نج سونُ ۽ چانديءَ جا سڪا رکيا هوندا آهن. ان قسم جا دڪان بيروت، دبئي، دوحا (قطر)، ملايا، قاهره (مصر)، طرابلس وغيره ۾ جام نظر آيا.

## 25. وڏيون مسڪراهٽون ته وڏيون قيمتون

پئسا متائڻ کان پوءِ اسان گهمڻ جو ارادو ڪيو. سنگاپور جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي بازار ريفلز پئلس آهي، جا بندرگاهه جي بلڪل ويجهو آهي. هتي سيئي دڪان وڏا وڏا ۽ ڪيترين ماڙين تي ٽهيل آهن. هر ماڙيءَ تي مختلف قسمن جون شيون وڪامن ٿيون. ننڍڙو ڪيسو ڪٿي ايڏن وڏن دڪانن ۾ گهرڻ پنهنجو پاڻ ڪي احساس ڪمتري ۾ وجهڻ آهي. پر بقول اسان جي سيڪنڊ انجنيئر اختر زيديءَ جي ته پئسو ڪيسي ۾ گهٽ اٿئون ته پوءِ چاتي پيو. ان جي اسان کي ئي خبر آهي نه! ٻين کي ڪهڙي خبر. ڪنهن به دڪان ۾ ڪا به شيءِ ڏسڻ جي ته منع ڪانهي. اسان ڪيترن ئي اسٽورن تي ٻي ٻي هزارين روپين وارا سمهڻ جا پلنگ، ٽي ٽي هزار روپين وارا جپاني ڊنر سيٽ ۽ محلاتن ۽ راجائن جي گهر ۾ وچائجندڙ پنجن پنجن هزار روپين وارا غاليچا ڏسندا رهياسين. جيتوڻيڪ اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي ’ساڳيون شيون‘ ٻين عام دڪانن تي عام ماڻهو گهٽ قيمت تي وٺندا نظر ايندا. پر ان ڏينهن گرمي اهڙي هئي، جو فٽ پاٿ تي هلڻ کان پوءِ ڪجهه گرميءَ کان بچڻ خاطر ۽ ڪجهه انهن ۾ رکيل خوبصورت شين ۽ انهن کي خريد ڪندڙ خوبصورت گراهڪن کي ڏسڻ لاءِ، ايئرڪنڊيشنڊ دڪانن ۾ گهڙي پياسين. انهن دڪانن مان هڪ ٻن تان هلڪي ڦلڪي خريداري به ڪئيسين. مثال طور ڪنهن گنجي يا قميص ورتي، ڪنهن تصويرون ۽ خط لکڻ لاءِ رنگين لفافا ۽ رائيٽنگ پئڊ ورتا. ڪنهن ڪائڻ لاءِ ڪاجا ۽ بادام ورتا ۽ ڪنهن آئيس ڪريم ڪون ورتو. اسان کي خبر آهي ته وڏيڪ شاپنگ ڪٿان ڪجي ۽ ڪيئن ڪجي. هي دڪان انهن ماڻهن لاءِ آهن، جن وٽ پئسو گهٽو ۽ وقت گهٽ هجي. جي فقط پنهنجي ڇهه وال ڏکهي ڪار دڪان وٽ بيهاري بنا قيمت پڇڻ جي شيءِ مطابق پئسا ڏئي هليا وڃن. اسان جهڙا جيڪي پئسن مطابق خريداري ڪن انهن لاءِ سنگاپور جي ’عرب اسٽريٽ‘ جهڙيون بازاريون بهترين جڳهيون آهن جن ۾ سوديبازي (Bargaining) عام جام آهي. سادا دڪان آهن، وڪڻ واريون گهٽ خوبصورت ڇوڪريون آهن ۽ بقول اختر جي، ’شو پيس‘ گهٽ آهن. مسڪراهٽون گهٽيون نٿيون ملن، پر انهن سان گڏ شين جي قيمت به ته گهٽ آهي. وڏن دڪانن ۾ سواءِ مسڪراهٽن جي هر شيءِ مهانگي آهي. خاص ڪري چيني، سک ۽ سنڌي هندو واپاري ته ان ۾ تمام سياڻا آهن. جيڪو سندن دڪانن تي چڙهندو آهي، اهو ٻئي ڪن

۽ ڪيسو ڪپائي هيٺ لهندو آهي. چيني زبان ۾ چوٽي آهي ته: جو مسڪرائي نٿو ڄاڻي سو واپاري ٿي نه ٿو سگهي. هونءَ سکن ۽ سنڌين جي دڪان تي به سيلز گرلس چيني خوبصورت ڇوڪريون آهن. ڪن ڪن دڪانن ۾ سک ۽ سنڌي ڇوڪريون نظر آيون.

ريفلز پئلس ۾ عوامي چين جي دڪانن ’چائنا ايمپوريم‘ ۽ ٻين ۾ قيمتون مقرر ۽ مناسب آهن. باقي ٻين ۾ مقرر هونديءَ به سوديبازي عام ٿي هلي. ساڳيو حال هانگ ڪانگ، ملايا ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ آهي. پر سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جو جواب ناهي. هتي جي خريداريءَ جو اصول اهو آهي ته دڪاندار ڪنهن شيءِ جا ويهه ڊالر گهري ته ڏهه چئجنس. ٻارهين تيرهين ۾ سودو طئي ٿي ويندو. جي دوڪان ننڍو آهي يا نائيٽ بازار آهي، پورٽ ڪلانگ جهڙي ته، ويهن ڊالرن جي شيءِ جا ست يا اٺ چوڻ کپن. ڇڪي تاڻي دڪاندار اها شيءِ ڏهن ڊالر ۾ ڏيڻ تي راضي ٿي ويندو. جي اهو نه ته پر وارو دڪاندار ضرور راضي ٿي ويندو. ڪجهه هن ريت انهن بازارن ۾ دڪاندارن ۽ خريدارن جي گفتگو ٻڌڻ ۾ ايندي:

”هن مختلف پٽن واري ليڊيز واچ جو گهڻو؟“ خريدار پڇندو.

”فقط پنجهتر سنگاپوري ڊالر.“ (يعني پاڪستاني ٽي سؤ روپيا.)

”پنجهتر ته تمام گهڻا آهن!“

”پلا تون ڇا ڏيندين؟“ دڪاندار پڇندو.

”هن گهٽيءَ وارو دڪاندار ساڳي اٺن پٽن واري واچ ٽيهه ڊالر ۾ پيو ڏئي، پر آءٌ ته پنجويهه ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

”واهه سائين واهه! اهڙي پياري واچ جو اهڙو قدر. پنجٽيهن جي ته مون خريد ڪئي آهي.“

”نه پنجويهه ڏيندس.“

”چڱو پلا ٽِيهه ڏي، کڻ واچ.“

”چيم ته سهي ته پنجويهن کان هڪ سينٽ به مٿي نه ڏيندس.“

”پنجويهين ته ميان سڄي سنگاپور ۾ نه ملندءِ. وڃين ته وڃ هليو.“

توهان اڃا ست قدم به نه کڻندؤ ته پٺيان سڏ ٿيندوَ.

”سائين ڪيڏانهن ٿا وڃو. پنجويهن ۾ ئي کڻو. ڪيتريون پارسل ڪيان؟ هڪ دٻي يا وڏيڪ؟“

سودو ٽن سؤ روپين تان سؤ تي لهي آيو. پر ان جو مطلب اهو به نه آهي ته سؤ روپين جي شيءِ جا فقط ڏهه روپيا ٻڌايو ۽ دڪاندار بيهوش ٿي وڃي. يا وڙهڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. جيئن اسان جو دوست بشير وسطڙو ڪراچيءَ ۾ هڪ دڪان تان بئگ خريد ڪرڻ لاءِ چڙهيو، قيمت پڇيائين.

”ڏيڍ سؤ روپيا فقط.“ دڪاندار ٻڌايس.

هي جوان خريد ڪرڻ کان انڪار ڪري لهڻ تي لڳو ته دڪاندار چيو: ”اجي صاحب آخر توهان به ته ٻڌايو ته گهٽو لهي ۽ گهٽو ڏيندا.“

”اون هون!“ بشير انڪار ڪندو رهيو. تنهن تي مون به دڪاندار جي طرفداري ڪندي چيومانس ته ڪيترو ڏيندين ته ان اگهه تي بحث ڪريون. پر ڪجهه نه اڪليو. دڪاندار پنج روپيا چڙهي وري پڇڻ لڳو: ”سائين آخر توهان ڪيترو ڏيندا ڪجهه ته ٻڌايو.“

”آءٌ ٻڌائيندس ته تون مونکي گار ڏيندين.“ بشير معصوم انداز ۾ چئي دڪان تان لٿو ۽ مونکي ٻڌايائين: ”يار مون وٽ ته هئائي پنجويهه روپيا. ڪيترو لاهي ڪيترو لاهيانس ها؟ ۽ پنجويهه چوانس ها ته گاريون نه ڏئي ها ته ٻيو ڇا ڏئي ها.“

## 26. سنگاپور ۾ هڪ سنڌي اسڪول

سنگاپور اچڻ کان اڳ اردو جي هڪ اديب ابن انشا جو سنگاپور بابت سفرنامو پڙهيو هوم. جنهن ۾ هو ته: سنگاپور ۾ سنڌي واپاري تمام گهڻا آهن. مشهور هندستاني ائڪٽرءِ ڪالم نگار آءِ. ايس. جوهر پڻ لکيو آهي ته سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ ۾ سنڌي ايترا آهن جو اهي ٻئي ملڪ سنڌين جون ڪالونيون ٿيون لڳن. اهو پڙهي مون کي شوق جاڳيو ته ڪنهن سنڌيءَ سان ملي ان کان هتي جي رهندڙ سنڌين بابت خبر چار وٺجي ته هو هتي ڪيئن ٿا رهن.

پر خبر ڪيئن پوي ته سنڌي ڪهڙو آهي. سڀ هندستاني، پاڪستاني، سلوني هڪ رنگ جا. ڪنهن کان پڇي ڪنهن کان پڇجي. چيني ۽ سک ته مِني نڪ ۽ ڏاڙهين ڪري پري کان پڌرا آهن. پر سنڌيءَ کي ڪيئن سُڃاڻجي.

چائنيز امپوريم ۾ چيني شيون ڏسي رهيا هئاسين ته هڪ فئملي اسان جي رنگ روپ جهڙي پر سان نظر آئي. عورت ساڙهي پسند ڪري پنهنجي مڙس کي ڏيکاري رهي هئي ۽ ساڳئي وقت چيني چوڪريءَ سان قيمت تي بحث ڪري رهي هئي. اسان جيئن سندس پر مان لنگهياسين ته هوءَ مڙس کي سنڌيءَ ۾ چئي رهي هئي: ”چتي ٿي آهي جو هِنَ ساڙهيءَ جا ايڪيهه ڊالر (چوراسي روپيا) ٻڌائي رهي آهي.“

اهو جملو ٻُڌي مون کي پڪ ٿي ته هيءَ سنڌي فئملي آهي. ويجهو وڃي پڇيومان: ”توهان سنڌي آهيو؟“

”ها.“ هنن اهڙي نموني سان سرد جواب ڏئي، تعجب مان نهاريو، جيئن ڪنهن کان ڏينهن تتي جو سوال ڪجي ته ڇا هن وقت ڏينهن آهي؟ جو جواب ۾ هو ’ها‘ چئي ان بيڪار سوال ۽ بيوقوفي تي تعجب ڪائي.

”منهنجو مطلب آهي، آءٌ ٻاهران سنڌ کان آيو آهيان. سنگاپور ۾ ٻڌو اٿم ته سنڌي رهن ٿا، سو انهن سان ملڻ جو خيال اٿم. توهان ڪو اهڙو ٻڌائي سگهندا، جنهن سان ملي آءٌ هن ملڪ بابت خبر چار وٺي سگهان.“

”اسان دراصل هتي جا نه آهيون. اسين جڪارتا (انڊونيشيا) ۾ رهون ٿا، ڪالهه هتي گهمڻ آيا آهيون. هونءَ پر واري بازار هاءِ اسٽريٽ ۾ ته سڀ سنڌين جا دڪان آهن. اتي توهان کي ڪيترا ئي سنڌي ملندا يا شهر ۾ ٻين ڪيترن ئي جڳهين تي.“

سامهون سنگاپور جي High Street هئي. هاءِ اسٽريٽ پڻ هتي جو فئشن ايبل شاپنگ سينٽر آهي. جيئن ڪراچيءَ جي ايلفي (زيبي). وڏا خوبصورت ايئرڪنڊيشنڊ دڪان، جن ۾ گهڻا ڪپڙي جا آهن. سيني دڪانن اڳيان وراندي جي شڪل ۾ اڏاوت وارو فٽ پاٿ، جن دڪانن اڳيان لنگهندي دڪانن مان ايندڙ خوشبوءِ خودبخود گراهڪ کي اندر ڇڪيو وٺي. انڊونيشي سنڌي فئملي جي چوڻ مطابق هتي سڀ سنڌي دڪاندار نظر آيا. هڪ دڪان اڳيان ٻه جهُور پوڙها سنڌي، هڪ اڇي ڪمپليٽ سوٽ ۾ ۽ ٻيو بشرٽ ۽ پتلون ۾، لڪڻ هٿ ۾ جهليو، سنڌيءَ ۾ خبرون چارون ڪري رهيا هئا. ڪانئن مون ڪنهن صحيح ماڻهوءَ کان انٽرويو وٺڻ لاءِ پڇيو. هنن مون کي سنگاپور جي ’سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن‘ ( Sindhi Merchants Association Singapore) جي جنرل سيڪريٽريءَ جو ڏس ڏنو.

مسٽر رامچند، سنگاپور جي وڏن واپارين مان هڪ آهي. پاڻ ڪپڙي جو ٻڌو واپاري آهي. آمريڪا ۽ جپان کان ڪپڙو گهرائي سنگاپور ۾ مختلف دڪاندارن کي مهيا ڪري ٿو. سندس دڪان ٽن ماڙين تي آهي. هيٺ سُبيل ڪپڙا، آمريڪا جون لي پتلونون ۽ ائرو قميصون، ٽايون، جوراب، عورتن لاءِ اسڪرٽ، سُبيل بيل-باٽمڊ پتلونون ۽ رنگين گوڏون وغيره شيشي جي ڪٻٽن ۾ رکيل هيون. چيني سيلز گرل گراهڪن کي مختلف ڪپڙا ڏيکاري رهيون هيون. هڪ ٻه مرهٽي ۽ سنڌي ڇوڪريون پڻ ڪائونٽر وٽ نظر آيون. جيڪا سنڌي هئي، تنهن کي ٻڌايم ته رامچند سان ملڻو آهي. پاڻ مٿي وڃڻ لاءِ چيائين. ٻي ماڙ تي فقط ساڙهيون هيون. هر قسم جي اعليٰ درجي جون ساڙهيون. پوءِ معلوم ٿيو ته سڄي سنگاپور ۾ ساڙهين جو هيءُ ئي وڏو دڪان آهي. پاڻ اتي ئي مليو. ڪنڊ وارو ڪمرو سندس آفيس هئي. ڪيس ٻڌايم ته سنڌ جي هڪ سنڌي اخبار جو نمائندو آهيان ۽ مشرق جي ملڪن ڏسڻ دوران هتي پهتو آهيان. توهان سان خبرون چارون ڪرڻيون آهن. پاڻ منهنجو

آڏرياءُ ڪنڊي آفيس ۾ وٺي آيو. مون سندس گهڻو وقت وڃائڻ نٿي چاهيو، ساڳئي وقت مون کي به سنگاپور شهر گهمڻ لاءِ وقت ٿي ڪتو.
پاڻ ٻڌايائين ته سنگاپور ۾ ڏهه هزار کان مٿي هندو سنڌي فئمليون رهن ٿيون ۽ گهڻو ڪري سڀ واپاري آهن. سڀ کان گهڻا سنڌي، سنڌ کان پوءِ جڪارتا (انڊونيشيا) ۽ هانگ ڪانگ ۾ رهن ٿا. ان کان علاوه مشرق بعيد جي هر ملڪ ۾ ڪافي سنڌي آهن. سنگاپور ۾ هر سال سنڌي وڌي رهيا آهن. اها واڌ هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ گهڻي ٿي آهي.
”ڇا سنگاپور ۾ سنڌي ورهاڱي کان اڳ به هئا؟“ پڇيو مانس.
”بلڪل. سنڌي ته واپار ڪارڻ ورهاڱي کان به سؤ سال کن اڳ جا ٻاهر نڪتل آهن. انگريز به هندستان ۾ پوءِ آيا، ان کان اڳ سنڌين جي واپار جون ڪوٺيون بصري، بغداد، ڪڇ، ڀوڄ، لنڪا، سيلون، سنگاپور ۽ ايرنڊي ڏي ويندي چين تائين هيون ۽ الهندي طرف مشرق آفريڪا جي دور دراز ملڪن تائين هيون. مونکي ايتري خبر ناهي ته سنگاپور ۾ پهريان سنڌي ڪير ۽ ڪڏهن آيا. هونءَ هي اسان جي سنڌي مرچنٽس ائسوسيئيشن به سٺ سال کن پراڻي آهي. ١٩٢١ع ڌاري هتي سرڪاري طور رجسٽر ٿي آهي. ١٩٧٠ع کان لڳاتار سندس جنرل سيڪريٽري آ□ آهيان. اسان جون چونڊون هر سال ٿين. هر سال اسان هڪ مخزن ڪڍون. اسان هتي سنگاپور ۾ سنڌي ايترا آهيون جو اسان جي ٽيليفون ڊئريڪٽري ئي الڳ آهي، جا اسان پاڻ ڇپايون.“
رامچند، پنجاهه سال جي عمر هجڻ جي باوجود به جوان ۽ سمارٽ لڳي رهيو هو. ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ پر ۾ رکيل ڪٻٽ مان هڪ ڊئريڪٽري ڪڍي مون کي ڏنائين. آءٌ ان گلابي رنگ جي پلاسٽڪ ڪور جي ڊئريڪٽرِيءَ کي ڏسڻ لڳس، جنهنجي ٻاهران وڏن اکرن ۾ Sindhi Merchants Association Singapore لکيل هو. وچ تي ايسوسيئيشن جو مونو گرام، گول دائري ۾ ٻيڙي ۽ چوڌاري ساڳيا مٿيان لفظ ۽ هيٺ تري ۾ 72-1971ع Telephone Directory لکيل هو. اندر پهرئين صفحي تي ائسوسيئيشن جي صدر جو پيغام هو ۽ ٻئي تي مئنيجنگ ڪمپني جي ميمبرن جا فوٽو. پنجين صفحي تي سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن جي ائڊريس (پوسٽ باڪس نمبر 570) هئي. انهيءَ هيٺان سنگاپور ۾ رهندڙ سنڌين جي ٽيليفونن جا نمبر ۽ ائڊريسون شروع ٿي ٿيون. ڇاهتر صفحن جي هيءَ سڄي ڊائريڪٽري آرٽ پيپر تي سهڻي طرح ڇپيل هئي. آءٌ ڊائريڪٽري ڏسي رهيو هوس ته پاڻ بيل وڄائي چيني ڇوڪريءَ کي گهرائي چيني زبان ۾ ڪجهه چيائين ۽ هوءَ اسان لاءِ سيون اپ ۽ بسڪٽ کڻي آئي.
”ڇا توهان سنڌي ۽ انگريزي زبانن کان علاوه چيني به ڳالهايو ٿا؟“
”جي ها. چيني ۽ ملئي هتان جو زبانون آهن، سو اهي به ڄاڻون. جيئن اسپين ۾ رهندڙ سنڌي، اسپيني زبان ڄاڻن، بيروت ۾ رهندڙ عربي، اهڙيءَ طرح ٻين ملڪن ۾. سنڌي مادري زبان اٿئون، سو ملڪ ڪٿي کهڙو به هجي، پر پاڻ ۾ ۽ گهر ۾ ته ڳالهائڻ ڪان ڪو روڪي نٿو سگهي.“
”ٻلا توهان جو اولاد ۽ اڄڪلهه جي ننڍي ٽهي به سنڌي ڳالهائي ۽ لکي پڙهي سگهن يا نه؟“ پڇيو مانس.
”ها، اهي پڻ. پنهنجي ٻاشا کي ٻلا ڪيئن ڇڏي سگهبو. زبان ختم ٿي معنيٰ قوم جو وجود ختم ٿيو. اسان جي سنڌي زبان ته تمام وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي، پر مادري زبان ته باگڙي ۽ ڀيل به نه ڇڏيندا.“
”پوءِ ٻلا توهان جي ننڍي ٽهي سنڌي لکڻ پڙهڻ ڪيئن سکي؟“
”ان لاءِ اڄ کان گهڻا سال اڳ ويهي سوچيو هيوسين ته ان جو هڪ ئي طريقو آهي ته اسان پنهنجي خرچ سان ئي سنڌي اسڪول تيار ڪريون، جنهن ۾ اسان جا ٻار تعليم حاصل ڪن، جيئن هانگ ڪانگ، بيروت ۽ جڪارتا ۾ ٻين سنڌين ’پنهنجي مدد پاڻ ڪريو‘ جي اصول تي ڪيو آهي. سو هاڻ انهن سنڌي اسڪولن ۾ هڪ ڏينهن صبح جو ۽ ٻئي ڏينهن شام جو شفٽون ٿين. جيڪي ٻار پنهنجي انگريزي يا چيني اسڪول ۾ صبح جو وڃن، سي سنڌي اسڪول ۾ شام واري ڏينهن اچن ۽ شام وارا صبح جو. اڄ شام جو اسڪول آهي. اهو سنڌي

اسڪول هتان ڪجهه پري، جبل تي هڪ خوبصورت هنڌ تي ٺهيل آهي، جتي بسون پڻ وڃن. جيڪڏهن چاهيو ته توهان کي اوڏانهن موڪليان؟“
”اهو ته وڌيڪ بهتر. آءٌ سنڌي ٻارن سان ملي سگهندس.“ چيومانس.
پاڻ ٽيليفون کڻي مسز پگونتيءَ سان ڳالهايائين جا اسڪول جي انچارج آهي.
”هتي اسان وٽ سنڌ مان هڪ اخباري نمائندو آيو آهي، جو سنڌي اسڪول ڏسڻ تو چاهي ۽ اهو معلوم ڪرڻ تو چاهي ته پرديس ۾ سنڌي زبان جا سُڌار و ڪري رهي آهي ۽ سنڌي ڪيئن تا رهن.“
پگونتيءَ ٻڌايو، ”اسڪول ۾ امتحان هلي رهيا آهن. بهتر ٿيندو ته سياڻي صبح جو اچي.“ مون کي ٻئي ڏينهن وڃڻ جو ارادو هو، پر جهاز تي اليڪٽرسٽيءَ پيدا ڪندڙ جنريٽر ۾ خرابي ٿيڻ ڪري وڃي نه سگهيس ۽ نيڪ ٿيڻ ۾ سڄو ڏينهن گذري ويو.
رامچند ٻڌايو ته سنگاپور ۾ سنڌين جا فنڪشن ۽ گڏجاڻيون ٿينديون رهن ٿيون. ان کان علاوه ٻارن جا ۽ وڏن جا ڊراما ۽ ورائٽي شو پروگرام ٿيندا آهن. پاڻ ڪجهه ڊرامن ۽ فنڪشنن جي فوٽن جا البم ڏيکاريائين، جن مان ڪجهه فوٽا مون کي ڏنائين. پاڻ ٻڌايائين ته سنگاپور جي سنڌين جون گڏجاڻيون ’سنڌو هائوس‘ ۾ ٿينديون آهن، جا عمارت ان قسم جي دعوتن لاءِ آهي.
سنڌس هن دڪان کان سواءِ ٻيا دڪان هانگ ڪانگ، ڪولون ۽ نيويارڪ ۾ به آهن، جي سنڌس پُٽ هلائين ٿا. هو ورهاڱي کان ڪجهه سال اڳ ۱۹۴۱ع ۾ حيدرآباد سنڌ کان سنگاپور واپار جي خيال کان لڏي آيو هو ۽ هاڻ هتي جو ئي شهري آهي. سنڌس هيرآباد ۾ پڻ ڪپڙي جو دڪان ’سوديشي ڀنڊار ڪلاٿ شاپ‘ مشهور هو.
ٻين سوالن کان علاوه ڪانئس اهو پڻ پڇيم، ”سنگاپور جيئن ته مختلف مذهبن ۽ زبانن جو ملڪ آهي ۽ سڀ گڏجي رهن ٿا. اهڙيءَ صورت ۾ سنڌي فقط پاڻ ۾ سڱابندي ڪن يا ٻين سان به رشتا ناتا ڳنڍين.“
”ان معاملي ۾ اسان ايترو گهٽ نه ويا آهيون ۽ اسان وٽ اڃا پنهنجو پاڻ ۾ سڱابندي ڪرڻ جي رسم آهي. ان هوندي به اڄڪلهه ڪجهه نوجوان چيني ڇوڪرين سان شاديون رچايون آهن.“
”ڇو ڀلا سنڌي ڇوڪريون سهڻيون يا پڙهيل ڳڙهيل نه آهن ڇا؟“ ڪلنديءَ پڇيومانس.
”پڙهيل به آهن سهڻيون به. پر چينياڻين ۾ مڙيئي اچ ۽ ناز نخرو گهٽ آهي. ان تي اڄڪلهه نوجوان هرڪيو پون.“
”ڀلا چيني يا ملئي ڇوڪرا، هتي جي سنڌين ڇوڪرين سان شادي ڪن يا نه؟“
”ان معاملي ۾ پاڻ سنڌي مڙيئي تنگدل ۽ Conservative يا جيڪي ڪجهه سمجهين، آهيون. اسان پسند نٿا ڪريون ته اسان جون ڇوڪريون چيني يا ملئي ڇوڪرن سان پرڻجن. باقي پنهنجن ڇوڪرن کي آزاد ڇڏي ڏنو اٿئون. جو اڄڪلهه جي نوجوانن سان مائٽ پڇيو به نٿو سگهي. جيتوڻيڪ ان قسم جون پيار جون شاديون ڏارين ڇوڪرين سان ڪامياب نه ويون آهن پر سندن مرضي. اسان هئاسين جو ماتا پتا جو چيو مڃيندا هئاسين. اڄڪلهه اولاد ڪٿي آهي مائٽن جي هٿ ۾. اڃا به اسانجون ڇوڪريون مائٽن جي عزت ۽ ادب رکنديون اچن نه ته هتي يورپي، آمريڪي ۽ انگريز ڇوڪريون ڏسون ٿا ته ڏنڌين آڱريون اچيو وڃن. زمانو الائي ڪيڏانهن جو ڪٿي وڃي نڪتو آهي. خبر ناهي هيءَ ترقيءَ جي حد آهي يا تباهيءَ جي نشاني؟“
سنڌي ادب جو ذڪر ڪندي پڇيومانس، ”توهان اڄڪلهه ڪهڙا سنڌي رسالا ۽ ڪتاب پڙهو ٿا؟“ ان جي جواب ۾ ٻڌايائين ته، هو واپاري قسم جو ماڻهو آهي. ”سڄو ڏينهن گراهڪن سان مغزماري ڪرڻي ٿي پوي، سو شوق هوندي به پڙهڻ جي فرصت نٿي ملي. باقي هتي ٻيون ڪيتريون فئمليون آهن جي سنڌي ڪتاب شوق سان پڙهن.“
اتفاق سان ان ئي ڏينهن شام جو سنگاپور جي باغيچي (Botanical Garden) ۾ ٻن عورتن کي سنڌي ڳالهائيندي ٻڌي، سنڌي ڪتابن بابت پڇيم.

”ها، مونکي سنڌي ادب سان چاهه آهي.“ هڪ ٻڌايو: ”گهڻو اڳ ته پاڪستاني سنڌي رسالا ’مهراڻ‘ ۽ ’نئين زندگي‘ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب به هتي پهچي ويندا هئا. پر اڄڪلهه پاڪستان جا ڪتاب ڪو نه ٿا ملن. انڊيا کان جيڪي سنڌي رسالا ۽ ڪتاب اچن ٿا، انهن مان ’ڪونج‘ فقط وڃيم ۽ ٻيا واسواڻيءَ جا ناول پسند اٿم.“

”ڪجهه مون کي پڙهڻ لاءِ ڏئي سگهندين؟“

”ها، ضرور، مون وٽ ته ايترا نه به هجن، جو اڄ گذريل مهيني هڪ اسپتال ۾ ڏئي آئي آهيان، جيئن مريض پڙهن. باقي منهنجين ڪن سهيلين وٽ تمام گهڻا سنڌي ڪتاب ۽ رسالا آهن. انهن کان وٺي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس.“

ڪيس ٻئي ڏينهن ڪجهه پنهنجا ڪتاب سفرنامن جا مجموعا ۽ ٻيا ڪجهه ’سهڻي‘ ۽ ’مليرڊائجسٽ‘ رسالا، جيڪي مون وٽ جهاز تي پيل هئا، ڏياري موڪليم ته هوءَ ٻين کي به پڙهڻ لاءِ ڏئي، جيئن سنگاپور جا سنڌي، پاڪستاني سنڌي ادب کان ڪجهه واقف ٿي سگهن. هتي جي سنڌين کي مون ڏٺو ته اها عام دانهن هئي ته اڄڪلهه جي سنڌي زبان ۾ ملاوت وڌندي وڃي. هندستاني سنڌي ڪتابن ۾ هنديءَ سنسڪرت جا لفظ اچي ويا آهن، پاڪستاني سنڌي ۾ عربي، فارسي ۽ اڙدو جا. ساڳي طرح سنگاپور جي سنڌين کي ڪيترائي ملئي ۽ انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ استعمال ڪندي ٻڌم.

## 27. اڌ فلم مان اٿڻ جو راز

پهرئين ڏينهن فقط ٻن ٽن سنڌين سان ملاقات ٿي. ان بعد ته سنگاپور ۾ روز جتي ڪٿي سنڌي ۽ سنڌين جا دڪان نظر آيا. ڪيمچند اينڊ سنز، ميلواڻي رٽيل شاپ، انڊس انٽرنيشنل، ڪراچي سلڪ اسٽورس، سنڌ جنرل اسٽور ۽ ٻيا ڪيترا ئي سنڌين جا دڪان ۽ جتي ڪٿي هلندي چلندي يا خريداري ڪندي سنڌي ٻڌبي ۽ ڳالهائبي هئي.

هڪ دفعي ته هڪ محترم کان ذري گهٽ چڙبون به ڪاڌيونسين. سنگاپور جي سلور سٽي سئنيما هال ۾ فلم ڏسڻ وياسين. فلم شروع ٿيڻ ۾ اڃا وقت هو. سو ٽڪيٽون وٺي ٻاهر هوٽل ۾ چانهه پي آياسين ته ماڳهين دير ٿي وئي ۽ فلم شروع ٿي چڪي هئي. ٻاهر ’هائوس فل‘ جو بورڊ لڳي چڪو هو ۽ ڪيترا ئي بنا ٽڪيٽ جي مايوس بيٺا هئا. اسان وٽ ته ٽڪيٽون هيون. ماڻهن کي پري ڪندا اڳتي وڌندا وياسين. هڪ عورت جڳهه ڏيندي بيءَ کي چيو: ”چورن وٽ ٽڪيٽون نهن ڪو نه. چشمن هوندي به شايد ’هائوس فل‘ جو بورڊ نه ٿا پڙهي سگهن، جو ڌوڪيندا اچن.“

مون سان گڏ ريفريجريشن انجنيئر محمود هو، تنهن کي ته ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. ان کان يڪدم ٽڪيٽون وٺي محترمائن کي ڏيکاريندي چيم: ”ٽڪيٽون آهن، اسان کي اڳتي وڃڻ ڏيو.“ هنن کي به اها اميد نه هئي ته ڪي اسان سنڌي آهيون، جو هتي جا رهندڙ سنڌي سڀ هڪ ٻئي کي سڃاڻين. ڏاڍيون ڦڪيون ٿيون.

اندر سئنيما ۾ گهڙياسين، اونده ۾ هتوراڙيون هڻي پنهنجي سيٽ وٽ پهتاسين. جهڪي روشنيءَ ۾ نظر آيو ته ڪنڌ تي به ملئي ڇوڪريون ويٺيون آهن. انهن جي پرِ ۾ اسان جي جڳهه هئي يڪدم محمود کي ڌڪو ڏئي پرينءَ سيٽ تي وهاريم ۽ پاڻ ڇوڪرين پر سان ٿي ويٺس.

”هي ڇا آهي؟“ محمود پڇيو.

”هي ان ڪري جو، تو کي جي هن سيٽ تي ويهڻ ڏيندس ته هڪ ته تون فلم ڏسڻ جي باوجود به سمجهي نه سگهندين ۽ ٻيو ته متان هنن ڇوڪرين سان ڪيچل ڪري وجهين ته مون ۾ هن وقت نه وڙهڻ جي پهچ آهي نه ڇڏائڻ جي.“

”هائو برادر! سڀ صحيح آهي.“ هن اهڙي اُبوجهه نموني سان چيو ڄڻ مون هن جو ڪو حق غصب ڪيو هجي ۽ هيٺائي سبب هومون سان وڙهي نه ٿي سگهي، پر مجبورن صبر ڪان ڪم ٿو وٺي.
چوڪريون لڳاتار ڇُرپُر ۾ سُس پُس ڪنديون رهيون. محمود جي پڻيان ٻانهن هٽائي چيومانس: ”يار ڪجهه تون ته نه پيو ڪرين؟“
”نه برادر! تون ته ماڳهين چوڪيدار بڻجي ويهي رهين. ٻانهن ته تو ٽائين رکي اٿم. اها به توپري ڪريان، بس؟“
پنج ڇهه منٽ گذريا ته هنن ملئي چوڪرين پهرين هڪٻئي سان جڳهه بدلائي پر آرام نه آين. آخر اڌ فلم مان سئنيما هال ڇڏي هليون ويون. محمود چيو: ”يار، مونکي شڪ پيو پوي ته تون ئي ير ۾ ڪجهه دونهين دُکائي رهيو آهين.“
”نه يار، اها ڳالهه ناهي. هاڻ اچ ته آرام سان ڪنڌ تي سندن جڳهين تي ٿي ويهون.“ اسان اٿي سندن ڪنڌ وارين سيٽن تي جهڙو ويٺاسين، ته اسان کي ان راز جي خبر پئجي وئي، جنهن ڪين جڳهيون بدلائڻ ۽ آخر ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. بلڪل اڳين سيٽن تي ٻه سک وڏيون پڳڙيون ٻڌي ويٺا هئا ۽ اسان جهڙن ڍڳهن کي ٻه سامهون پڙدو نه پر پٽڪا نظر اچي رهيا هئا. محمود يڪدم چيو: ”برادر، وري پنهنجي جڳهه تي هل. هي انڊس گلاس فئڪٽريءَ جا ته نهيل آهن ڪونه، جو آرپار ڏسي سگهجي.“

## 28. مفت ۾ حجامت

سنگاپور ۾ چوريءَ ۽ ڪيسي ڪپجڻ جو وڏو آزار آهي. جتي ڪٿي، خاص ڪري بسن، سئنيمائن، بندرگاهن ۽ هوائي اڏن تي، مسافرن کي خبردار ڪيو وڃي ٿو ۽ ’جيب ڪترن کان هوشيار‘ جهڙا نوٽيس ۽ پوسٽر نظر اچن ٿا.
جهاز جو ريڊيو آفيسر شير علي ٻيڙيءَ ۾، چشموءِ رومال، پَر ۾ رکي ويٺو. اٿڻ مهل غائب. جهاز سمنڊ ۾ بيٺو هو، چؤڌاري ننڍين ٻيڙين وارا چيني ڦرندا ٿي رهيا. ڪنهن کي موقعو مليو ٿي ته رسن ذريعي مٿي جهاز تي چڙهي، جهاز جي عرشي تي پيل ڪانه ڪا شيءِ چورائي ورتي ٿي.
تيل جا خالي ڊرم رکيا هئا. هڪ سنگاپوري ڏٺم ته هڪ ڊرم پيو ريڙهي. پڇيومانس: ”ڇا پيو ڪرين؟“
ڏاڍي مزي سان ٻڌائڻ لڳو ته: ”هن تي ٻيهي جهاز جي هيٺ ۾ ٿو ڏسان ته سامان ٺيڪ طرح سان خلاصي رکي رهيا آهن يا نه.“ مون سمجهيو شايد اسان جي مڪاني آفيس جو ماڻهو آهي ۽ ڊيوٽيءَ جي سلسلي ۾ آيل آهي. سو وڌيڪ نه چيومانس ۽ ڊرم رکي ان تي بيٺو رهيو. پنهنجي ڪئبن ۾ پهچي وري مون کي ٿورو شڪ ٿيو ۽ انهن ئي پيرن تي ٻاهر نڪتس. ڏسان ته سنگاپوري ۽ ڊرم ٻئي غائب. هيٺ ڏسان ته ساڳيو همراهه پنهنجي ننڍي ٻيڙيءَ ۾ ڊرم رکيو اهو پيو وڃي.
اڪيلو بس ۾ وڃي رهيو هوس. پاڻ سان گڏ هڪ لفافي ۾ هلڪو ڦلڪو سامان ورتل هو جيڪو پر سان رکيو ويٺو هوس. ٻي سيٽ تي سنگاپور جي هوائي اڏي تي ڪم ڪندڙ مدراسي ويٺو هو، جو مون کي هتي جي مشهور عمارتن بابت ٻڌائيندو رهيو. آءٌ ڪڏهن اڳينءَ دريءَ مان ۽ ڪڏهن پٺينءَ دريءَ مان ڏسندو رهيس. اتي هوائي اڏو اچي ويو ۽ هن کي لهڻو پيو. لهڻ وقت چيائين: ”سامان جو خيال رکُ.“
چيومانس: ”ها. لهڻ وقت ياد ڪري کڻندُس.“ وراڻيائين: ”ها، لهڻ وقت ته ضرور خيال رکجانءِ. پر هينئر هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ وقت به خيال رک. هيترو وقت ته آءٌ نظرداري ڪندو رهيس. هاڻي آءٌ لهان ٿو.“
چوريءَ جو ساڳيو عالم ٻڌو اٿم ته منيلا (فلپائين) ۾ به آهي. هڪ پاڪستاني، دوست سان گڏ ٽئڪسيءَ ۾ وڃي رهيو هو ته هن دريءَ کان ٻاهر ٻانهن ڪڍي. تنهن تي منيلا جي دوست چيس: ”ٻانهن اندر ڪري ويهُ.“

”او ساري! پُل ٿي وئي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ بہ دريءَ ڪان هٿ يا ٻانهن ڪڍي ويهڻ جي اجازت ناهي. متان ٻي بس ٽڪر هڻي وجي.“

”نہ نہ اها ڳالهہ ناهي!“ منيلا جي رهاڪوءَ سمجهائيندي چيس: ”متان واٿهڙو سَٽ ڏئي واچ نہ لاهي وڃيئي.“

هڪ ٻيو قصو عام آهي تہ هڪ همراهہ پنهنجن دوستن کي ڊنر جي دعوت ڏني. ان ۾ ڪين پنهنجي سوني منڊي ڏيکاري. ٽيبل تي ڏسندي ڏسندي ڪنهن غائب ڪري ورتس. گهٽوئي ڳوليائون پر نہ ملي. ميزبان ڪهڙي گهر آئي مهمان تي الزام يا شڪ ڪري. سڀ معزز هئا، آخر هن کي من ۾ آئي ۽ چوڻ لڳو: ”ٻن منٽن لاءِ بتي گُل ٿا ڪريون، ٿي سگهي ٿو تہ منڊي ڪنهن وٽ ڀُل ۾ رهجي وئي هجي. جنهن وٽ بہ هجي تہ هو مهربان هن چانديءَ جي ڪٽوري ۾ رکي. ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي تہ ڪنهن وٽ هئي.“

ٻن منٽن بعد منڊيءَ کي ڏسڻ لاءِ جڏهن بتي ٻاري وئي تہ چانديءَ جو ڪٽورو بہ غائب هو.

سو سنگاپور ۾ ظاهري طرح ڪو اهڙو لڳندو ڪونہ، پر پرکڻ سان ڪٽورو بہ نہ ڇڏڻ وارا گهڻا ملندا.

هونءَ تہ خير دنيا ۾ ان کان بہ وڏا وڏا چور پيا آهن. در تي ڪڙو ڪڙڪيو ۽ بيگم صاحبہ کي همراهہ ڪڪڙ ڏيندي چيو: ”آءٌ صاحب جو پٽيوالو آهيان. صاحب هي ڪڪڙُ موڪليو آهي. چيو اٿس تہ پت تي جيڪو گهڙيال لڳل آهي سو لاهي ڏي. آفيس ۾ اڄ لاءِ ٿو کپي.“

وسوڙيل عورت، ڪڪڙ جي خيال ۾ گهڙيال لاهي ڏنس. شام جو جڏهن مڙس بنا گهڙيال جي گهر آيو ۽ پُڇا تي پڌائڻ لڳو تہ ڇا جو ڪُڪُڙ ڇا جو گهڙيال، ڪيس تہ ڪا بہ خبر ناهي. سڄي رات چورن کي گاريون ۽ پوليس جا دڙڪا ڏيندو رهيو.

ٻئي ڏينهن وري ڪڙو ڪڙڪيو ۽ هڪ ٻيو مهانڊو بيٺو هو. چي: ”آءٌ صاحب جو پٽيوالو آهيان. صاحب ٿو چوي تہ اهو ڪڪڙ ڏيو تہ پوليس وارن کي ڏيکاري چورن کي سو گهو ڪرايون.“ سادي عورت اهو ڪڪڙُ بہ هٿان وڃائي ويٺي.

هاڻ جڏهن توهان هيترا الطيفا ٻڌا آهن تہ ان قسم جي نڱين جو هڪ ٻيو بہ سهي. ڪو همراهہ حجام جي دڪان ۾ ٻار سان آيو. پنهنجا وار ۽ ڏاڙهي نهرائي، حجام کي چيائين: ”ڇوڪري جا بہ وار ٺاهہ تہ آءٌ تيسين پر واري دڪان تان پان وٺي ٿو اچان.“

ڪلاڪ بہ گُذري ويا ۽ جڏهن حجام پئسن جو انتظار ڪري ٿڪجي پيو تہ ڇوڪر کان پڇيائين تہ: ”پٽهين ڪٿي آهي؟“ ڇوڪر چيس: ”آءٌ تہ ان ماڻهوءَ کي سُڃاڻان بہ ڪونہ.“

”تہ پوءِ هن سان آئين ڪيئن؟“ حجام پڇيو.

”رستي تي راند پئي ڪيم تہ ان پڇيو تہ ’مفت ۾ وار نهرائيندين‘ ۽ هتي وٺي آيو.“

## 29. سنگاپور ايندڙن لاءِ هڪ نصيحت

سنگاپور جون سڀ گهٽيون ۽ سئنيما هال ڪٽي پيا، تڏهن خيال آيو تہ سنگاپور شهر کان ٻاهر نڪري، آس پاس ڏسجي تہ ڇا ماحول آهي. پڇائي پڇائي ان بس ۾ اچي چڙهيس، جا هن ٻيٽ جي ڇيڙي تائين وئي ٿي. ٽئڪسيءَ ۾ غلطي ڪري فقط پهرئين ڏينهن چڙهيا هئاسين. ان کان پوءِ توبهہ ڪئيسين. سنگاپور اچڻ وارن لاءِ هڪ نصيحت: بقول سيڪنڊ آفيسر مخدوم جي، چاڙهڻ وقت ٽئڪسي ڊرائيور ڏادي پيار سان وهاريندا. قربان پيا ٿيندا. بہ بہ دفعا جهڪي دروازو بہ کولي ڏيندا. ويهڻ کان پوءِ منزل ڪٽي ڪيتري بہ ويجهي هجي، پر ڦيرا ڪارائي ايترو بل ٻڌائيندا جو چڙهڻ وارو سوچيندو تہ جيڪر اهي پئسا ڏئي قسطن تي پنهنجي ڪار ڇو نہ وٺان ها. بيروت جي عرب ٽئڪسي ڊرائيور وانگر هي پڻ ايڏو تہ رڪائيءَ سان ڳالهائيندا، جو ڄڻ سڃاڻن بہ

ڪو نہ ڪو مسافر اهو گهوري ڏسندو رهندو آهي تہ آيا هي اهو ساڳيو ٽئڪسي ڊرائيور هو، جيڪو ڪجهہ دير اڳ فدا پئي ٿيو يا ڪو ٻيو. ۽ پاڙي ڪان سواءِ ٽپ (خرچي) الڳ وٺندا. مطلب تہ غريب مسافر جو سِرُ ويو.

خبر پئي تہ هن ٻيٽ نما ملڪ تي جيڪا بس آخري ڳوٺ تائين وڃي ٿي، ان جي ٽڪيٽ فقط سٺ سينٽ، اڌائي روپيا ڪن، آهي ۽ اهو ڳوٺ چانگي آهي. ريفلز اسڪوائر جي بس اسٽاپ تان 'نمبر ون اي' جي بس ۾ چڙهي چانگي ڳوٺ جي ٽڪيٽ ورتم. بس جلدي شهر جي گهما گهمي، ماڻهن جي گپا گيهہ، ڪئين برانڊن جي سگريٽن جي دونهين جي مليل جليل بوءِ، ڪئين قسمن جي سينٽن جي مليل سڳنڌ ۽ موٽرن لارين جي اڻ ڪٽندڙ سلسلي ۽ گوڙ شور ڪان نڪري سنگاپور جي خوبصورت ۽ سرسبز ٻهراڙيءَ مان لنگهڻ لڳي. چوڌرف ساوڪ ئي ساوڪ نظر پئي آئي. ڪا ٽڪري هئي تہ اها بہ سرسبز گهاٽن وڻن سان ڍڪيل. سچي ٻيٽ تي ساوڪ ۽ رنگين گُلن جو سمنڊ ۽ ٻاهر چوڌاري پاڻي نظر پئي آيو. رستي جي ٻنهي پاسي ربڙ جا ٻيلا ۽ انناس جا باغ. ڏاڍي خوشي ٿي ۽ پاڻهي پنهنجي پُٺي ٺپريم تہ هيترن سالن جي مسافريءَ ۾ عقلمنديءَ جو ڪم پهريون دفعو ڪيو اٿم جو ٻهراڙيءَ ۾ نڪري پيو آهيان. اصل سڪون ۽ مزو تہ شهر جي گوڙ گهمسان ڪان ٻاهر لڳو پيو آهي. هڪ هنڌان تہ بس بلڪل سمنڊ جو ڪنارو ڏئي هلندي رهي ۽ ساڄي پاسي سمنڊ ۾ ٻيڙيون پئي نظر آيون تہ کاٻي پاسي ربڙ جي ٻيلن ۾ چيني ۽ ملئي عورتون وڻن جي ٿُڙ ڪي چير ڏئي ان مان ربڙ جو کير ڪڍي رهيون هيون. رستي تي هڪ ڳوٺ آيو ۽ بس ٿوري دير لاءِ ترسي تہ اڌ ڊزن ڪن ڇوڪريون انناس ڪٽي مٿي اچي ويون ۽ زبردستي انناس وڪڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. جيئن اسان وٽ بس موري، مٽياري يا ميرپورخاص ۾ بيهندي آهي تہ ننڍا ننڍا ڇوڪرا، ڪوڪا ڪولا، سيون اپ ۽ ٻين بوتلن ۾ ان شهر جو بند ٿيل شربت ڪٽي مسافرن ڪي وڻڻ لاءِ آماده ڪندا آهن ۽ وڻڻ لاءِ 'ها' ڪرڻ ڪان اڳ ٻاٽليءَ جي ڍڪ ۾ ڪولٽي وجهي، وات سان ائين 'ٺش' جو آواز ڪڍندا جو اڳلو گهٻرائجي ويندو. وڪڻڻ وارو منهن ڦلڙو ڪري چوندو: 'سائين ڪُلي وئي'!

انناس هتي تمام سستا ٿين، جيئن اسان وٽ گدرا. انناس ڪي ڇلڻ بدران، سندس مٿيون حصو، ٽڪي ڪپ سان وڍي، اندر گودي ڪي ٽڪرا ٽڪرا ٽي ڪيائون. هر انناس سان گڏ ڪنهن وڻ جو ڊگهو ڪانٽو بہ ٽي ڏنائون. بس ۾ جيڪي بہ ڏاريا ويٺا هئا تن هڪ هڪ، ٻہ ٻہ ورتا ۽ بس هلڻ لڳي.

منهنجي پر ۾ هڪ چوڏهن پنڌرهن سالن جو 'چنگ پن' نالي چيني ڇوڪرو ويٺو هو، جيڪو هتي جي ٽيڪنيڪل اسڪول ڪان موڪل تي گهر وڃي رهيو هو. انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي، سو ڪانئس پڇندو رهيس. پاڻ ٻڌايائين تہ هو ٽي ڀائر بہ ڀينرون آهن. غريب هئڻ ڪري شهر ۾ نٿا رهي سگهن جو اتي جايون مهانگيون آهن. بس ۾ روزانو اسڪول وڃي ۽ ڳوٺ موٽي، جو شاگردن ڪي ٽڪيٽ سستي ملي ٿي. شام جو گهر پهچڻ سان پنهنجي ماءُ پيءُ ڪي ڪکن جا ڪارا ٺهرائڻ ۾ مدد ڪري. ڪيس چيم تہ: "سنگاپور تنهنجو ملڪ تہ تمام ننڍو آهي. مڪينيڪل انجنيئر ٿي، پوءِ آمريڪا يا ڪئناڊا وڃي نوڪري ڪندين؟"

مون ڏٺو تہ هن ڪي منهنجو جملو نہ وڻيو. چوڻ لڳو: "ڪوشش تہ ڪندس تہ ڪا انڌي منڊي نوڪري ملڪ ۾ ئي ملي وڃي ۽ پنهنجي ملڪ جي خدمت ڪري سگهان. جي منهنجي ملڪ ڪي منهنجي ضرورت نہ پئي تہ ٻاهر وڃي نوڪري ڪندس." سندس چهري تي ڏُک جا تاثر ڏسي مون ڪي افسوس ٿيو ۽ ساڳئي وقت خوشي بہ تہ هنن ڪي پنهنجي ملڪ سان ڪيترو نہ پيار آهي ۽ ملڪ جي Brain Drain (ملڪ جي قابل ماڻهن ڊاڪٽرن، انجنيئرن، سائنسدانن وغيره جو تعليم حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ ٻئي ملڪ ڏي لڏي وڃڻ) ڪي خراب هجڻ، هن عمر ۾ بہ سمجهي ٿو.

رستي تي هو جڏهن پنهنجي ڳوٺ وٽ لٿو تہ باقي رستو ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ آ□ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس تہ ڪو انگريزي ڳالهائڻ وارو هجي. پٺيان بہ چيني ڇوڪريون ويٺيون هيون، سندن پٺين سيٽ تي هڪ ملئي مرد ۽ عورت هئا ۽ ان سيٽ جي پر ۾ هڪ چيني عورت ۽ هڪ پاڻ جهڙي رنگ جو ڏٺم. چيني عورت لٿي تہ آءٌ ان جي پر سان وڃي ويٺس. خبر پئي تہ هو بئنگلور جو مسلمان آهي ۽ هتي قيمتي پٿر (Stones) جو واپار ٿو ڪري، نالو محمد غوث هوس. ڪيس جڏهن خبر پئي تہ آءٌ پرديسي آهيان ۽ ڪراچيءَ ڪان پيو اچان تہ ڏک

مان ٻڌايائين تہ سندس پاءُ ٻن سالن کان ڪنهن گهروگالهہ تان رُسي ڪراچيءَ ويو آهي. ”هو ڪڏهن ڪڏهن خط لکندو رهندو هو، پر ٻن ٽن مهينن کان ڪو خط ڪو نہ ٿو اچيس.“ هن ٻڌايو: ”هو اچا ڪاوڙيل ٿو ڏسجي.“ پاڻ مون کي سندس پاءُ امان الله جي ائڊريس ڏنائين. جيئن آءٌ ڪراچيءَ پهچي سندس پاءُ جو نياپو پهچايان ۽ واپس سنگاپور وڃڻ لاءِ آماده ڪريان.
غوث جو گهر ويجهو اچي پهتو ۽ مون کي چانهہ لاءِ زبردستي بس مان لاهي گهر وٺي هليو.

## 30. پريت جو هڪڙو پل ئي سَهي

چانگي ڳوٺ کان ٽي ميل اڳتي اپر روڊ (Upper Road) آهي، جنهن جي ڪاٻي پاسي ننڍڙا خوبصورت بنگلا آهن، جن ۾ يورپي ۽ سنگاپور جا امير ماڻهو رهن ٿا ۽ ساڄي پاسي سمنڊ جو ڪنارو آهي. بنگلا آمريڪي طرز تي ٺهيل آهن. منجهن سهوليت لاءِ اليڪٽرڪ جي هر شيءِ: ٽي وي، ريڊيو گرام، ريفريجريٽر کان اليڪٽرڪ اوون، هيٽر ۽ ايئرڪنڊيشنر آهي. غوث جي بنگلي جو نمبر ٧١٥ آهي. اسان بس مان لهي ويهہ پنجويهہ وال پُنتي سندس گهر ڏي هلياسين.
سندس زال چانهہ ڪٽي آئي. پاڻ ٻڌايائين تہ ڪين ملايا جو پاسپورٽ آهي، پر وا پار جي خيال کان سنگاپور ۾ ان بنگلي ۾ مسواڙ تي رهيل آهن.
”اسان سڀ هندستان کان آيل مسواڙ جي گهرن ۾ رهڻ پسند ڪندا آهيون، جيئن هتي جون حالتون جيڪڏهن خراب ٿين تہ آسانيءَ سان ٻيهر هندستان واپس هليا وڃون ۽ ڪو خاص نقصان نہ ٿئي.“ غوث ٻڌايو.
ٻين هندن ۽ ملئي ماڻهن جي رسم مطابق سندن گهر بہ جُتي ٻاهر لاهي پيرين اگهاڙو گهڙڻو پيو. گهر ۾ سندن ٻار مادري زبان تامل ڳالهائي رهيا هئا ۽ مون سان انگريزيءَ ۾ تلل قتل هندي ملندڙ اڙدوءَ ۾ پڻ ڳالهائڻ لڳا.
ٿورو وقت ڳالهائي ٻڌي اسان اٿڻ لڳاسين. غوث بہ مون سان گڏ چانگي هلي واپس اچڻ چاهيو، جيئن آءٌ اڪيلائي محسوس نہ ڪريان. اسان سندس گهر پر سان بس اسٽاپ تي اچي بيٺاسين ۽ بس ۾ چانگي ڳوٺ پهتاسين، جو سنگاپور جي بلڪل بارڊر تي آهي. ان کان پوءِ سمنڊ آهي، اسان جلدي جلدي ڳوٺ جو چڪر هنيو، جو غوث ٻڌايو تہ ڪلاڪ کان پوءِ جيڪا بس ويندي، اها آخري آهي، ان کان پوءِ صبح جو ويندي. چانگي ڳوٺ ۾ گهٽو ڪري سڀ ننڍڙا ڪاٺ جا گهر آهن. ڪاٺ هتي تمام سستو آهي جو ٻيلن جي ڪوٽ ڪانهي. ڳوٺ جي هڪ ننڍڙي بازار پڻ هئي جنهن ۾ سڀ اسٽور ايئرڪنڊيشنڊ هئا جن ۾ هر شيءِ سُٺي سگهي کان سلائيءَ جي مشين پنکو وغيره مليا ٿي. رستي جي ٻئي پاسي ٿورو پري بار/ مئہ خانا ۽ ريسٽورنٽون هيون. شام جو وقت ٿي ويو هو. اوندهہ ٿيڻ ڪري بارَن جون نيان بتيون ٻري رهيون هيون ۽ سازن جو مڌر آواز اچي رهيو هو. بس اسٽاپ جي ويجهو سنگاپوري ڇوڪريون اننانس، ناريل جو رس، سمنڊ جون سپون، ڪکن جا جباءُ ٽوپلا وڪڻي رهيون هيون ۽ اينڊز ويندز ڪي سڏي شين وٺڻ لاءِ چئي رهيون هيون. ڪجهہ يورپي سياح بہ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا ۽ خريداري پڻ ڪري رهيا هئا. هڪ ڇوڪري چانگي ڳوٺ ۽ سنگاپور جي آس پاس جا فوٽو ڪارڊ وڪڻي رهي هئي. اسان ڪجهہ وقت هوٽل ۾ ويهي، اتي جو مشهور فالودو کائي ان ڇوڪريءَ وٽ خريد ڪرڻ لاءِ فوٽو ڏسڻ ۽ بس جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. پر ۾ هڪ ٻي ڇوڪري ٽيبل تي شيشي جا قيمتي رانديڪا ۽ جيئريون مڇيون ۽ رنگارنگي پوپٽ وڪڻي رهي هئي. ڇوڪري مني اسڪرٽ ۽ ٻانهن کان بغير بلائوز ۾ سمارٽ لڳي رهي هئي. بہ يورپين سياح سندس شيون ڏسي رهيا هئا. هن بار بار جهڪي ڪو نہ ڪو رانديڪو کڻي هنن کي ڏيکاريو ٿي، جهڪڻ وقت، ڳُس ٻتين جي روشنيءَ ۾ سندس لسيون ۽ ملائم ڇاتيون چانديءَ جهڙيون سيتل نظر آيون ٿي. هوءَ خود بہ سمجهي رهي هئي تہ اسان جي نظرن جو مرڪز ڇا آهي. هوءَ ٻنهي يورپين ڏي نهاري، مُرڪي پنهنجي جسم جي ڪئنوا سنگ بہ ڪري رهي هئي، شايد. اسان وري ڪارڊ ڏسڻ ۾

لڳي وياسين. ٿوري دير کان پوءِ ڏسون ته ڇوڪري نھي ئي ڪا نه ۽ نه خريدار. پنيان مُڙي ڏٺوسين ته ھوءَ ٿنڀ کي ٽيڪ ڏئي بيٺي آھي ۽ ھن مان ھڪ يورپي پاڪر پائي ڪجھ مڃائي رھيو آھي، پر ھوءَ ڪلي ڪين ڇئي رھي آھي: "نه نه. ان ڳالھ لاءِ ڇوڪريون سامھون بار ۾ اٿوَ."

"نه ٿون ھل." ھن پاڻ طرف ڇڪي رازدارانه انداز ۾ چيس. ڇوڪريءَ سندس ھٿ تي چُمي ڏئي چيس؛ "دڪان ڇڏي نه ھلنديس. ڪلاڪ ڪان پوءِ منھنجي پيڻ اچڻي آھي."

۽ پوءِ انگريز سامھون بار طرف وڌڻ لڳا ته ڇوڪريءَ ڪجھ سوچي ڪين سڏُ ڪيو: "ھي، ڪم آفٽر ون اور (Hey comeafteronehour)"

اسان اھو سڀ ڪُجھ لقاءُ ڏسي ڪلي رھيا ھئاسين. ھي ٻه يورپين اسان کي تاڙيندو ڏسي اک پيچڻ لڳا.

"وات نئشنلٽي؟" ھڪ مون کان پڇيو.

"پاڪستاني ۽ تنھنجي؟"

"آءٌ انگريز آھيان ۽ ھي ھيو ڊچ." ھن صاف انگريزيءَ ۾ ٻڌايو.

"ڪير آھيو. ڪنھن جھاز جي عملي جا آھيو؟" پڇيومان.

"نه نه سياحت جي خيال کان آيا آھيون. ھتان ملايا ويندا سين." ڊچ ڳاڙڙ ساڙڙ انگريزيءَ ۾ ٻڌايو.

"شراب ۽ ڇوڪرين لاءِ بار سامھون آھن." غوث ڪين ٻڌايو.

"ھا، اسان کي خبر آھي، پر بار جي ڇوڪرين کان ھي سٺيون آھن. بار جون ڇوريون ڇنالون ٿيون ٿين." ائين چئي زور زور سان کلڻ لڳا ۽ سامھون 'سوزي ڊانسنگ بار' طرف ھليا ويا.

انھن جي وڃڻ کان پوءِ اسان جھڙو اڳتي وڌياسين ته ساڳي ڇوڪري، اسان کي ٻه ڇڪي پنھنجو سامان ڏيکارڻ لڳي. پيپر ويٽ مون کي ڏاڍا پسند آيا. اھي شيشي جا ٺھيل ھئا، جن ۾ مختلف جيت ۽ ساموندي ڳاھ ۽ ننڍڙا پکي بند ٿيل ھئا ۽ ھيٺان سنگاپور جو لفظ لکيل ھو. ھڪ ۾ ساموندي گھوڙو ھو. ساموندي گھوڙي ۽ دريائي گھوڙي ۾ فرق آھي. دريائي گھوڙو ھاٿي ۽ مينھن وانگر ڳرو چار پيرو جانور ٿئي. ساموندي گھوڙو وچونءَ جيڏو ساموندي مڇي ٿئي. سندس منھن گھوڙي جي منھن جھڙو ٿئي ۽ باقي بدن جل پري مڇيءَ جھڙو.

"ھيءَ ڳھٽي جو آھي؟"

"ھنن جي قيمت ڇھ ڇھ ڊالر آھي. (پاڪستاني پنجويھ روپيا کن)." چينيءَ جي خوبصورت گُڏيءَ جھڙي سھٽيءَ سنگاپوري ڇوڪريءَ ٻه پيپر ويٽ (Paper Weight) ڏيکاري قيمت ٻڌائي.

"ھي ڪپي يا ھي؟" ھوءَ خاص ادا سان مُرڪندي رھي. انھيءَ دوران چالاڪيءَ سان پنھنجي بلائوز جو مٿيون بٽڻ کولي ڇڏيو. مون کي پوءِ خبر پئي. سندس جوان ڇاتين جون لڪيرون..... نسون..... ايار ۽ ڪاھيون..... انھن جا ڪجھ حصا اسان کي نظر اچڻ لڳا. ھڪ ٻن ٻين ڳوٺ جي ماڻھن کي لنگھندي ۽ سندس طرف گھوريندو ڏسي ھن مٿيون بٽڻ بند ڪيو. جڻ ڪا تجسس واري فلم اڌ ۾ ڪٽجي وڃي. سئنيما ھال ۾ جڻ سيٽيون ۽ واڪا مچي ويا.

"ڇو ٻنھي ۾ فرق آھي ڇا؟" پڇيومانس.

"ھا. ھي ساموندي گھوڙو نرُ آھي ۽ ھيءَ مادي." ھوءَ ھٿن ۾ جھَلي، ھٿ منھنجي اڳيان ڪرڻ لڳي. پاڻ منھنجي ايترو ته قريب ٿي بيٺي جو آءٌ سندس ساھ جي گرمائش ۽ جسم جي سُڳنڌ محسوس ڪرڻ لڳس.

"نرُ ڪپي يا مادي؟" مون کي ڪُجھ دير چُپ ڏسي ھن وري سوال ورجايو.

"مردُ ھميشه مادي پسند ڪندو آھي." اڪين ۾ اکيون ملائي چيومانس يا شايد رومانٽڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم.

"اوھ! توھان ته شاعر ٿيندا وچو."

”تو جهڙيون حسين شيون، هر انسان کي شاعر بڻائي ڇڏينديون آهن.“ هن پيپر ويٽ ٽيبل تي رکي منهنجي هٿ کي جهلي ڌيمي لهجي ۾ چيو: ”توهان کي خبر آهي ته آءٌ ڇا ٿي چاهيان ته مون کي خبر آهي ته توهان ڇا ٿا چاهيو. ان ڪري شاعريءَ بدران سودي بازيءَ جي ڳالهه ڪريو.“

”تو جهڙي بي بها شيءِ کي حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي دنيا جي بئنڪ سان قرض لاءِ رجوع ٿيڻو پوندو، تنهنجو ملهه هن جهان ۾ ڪير ڪٿي سگهندو؟ آءٌ ته هي مئل سامونڊي گهوڙي ئي خريد ڪري سگهان ٿو.“

”مون کي توهان غلط سمجهيو آهي. توهان انگلنڊ يا ٿائلنڊ جي راڻيءَ جي ڳالهه ته نه پيا ڪريو؟ منهنجي قيمت توهان آسانيءَ سان ادا ڪري سگهو ٿا.“

مون ڏٺو ته پرسان غوث اسان جي گفتگو ٻڌي کلي رهيو هو. دڪاندار ڇوڪريءَ جي پيٺُ پڻ اچي ڇُڪي هئي سا مُرڪي رهي هئي. ايتري ۾ ڇانگي ڳوٺ کان سنگاپور ويندڙ بس اچي پر ۾ بيٺي. اها هن ڳوٺ کان شهر ويندڙ آخري بس هئي. غوث بس ۾ چڙهي ويو ان کان اڳ آءٌ جلدي ڇهه ڊالر ڇوڪريءَ جي هٿ تي رکي، ٽيبل تان پيپر ويٽ کڻي، اچي بس ۾ ويٺس. بس تورو اڳتي ڇُري، بارن وٽان ٻيا مسافر کڻڻ لڳي. سامهون هڪ بار جو در تورو کولي دربان بيٺو هو. اندر اسٽيج تي ٽي سنگاپوري ڇوڪريون ٽاپ ليس (Top Less) ۾ چيني يا ملئي گاني تي نچي رهيون هيون. ڪجهه يورپي ۽ ڪارا سياح اندر گهڙي رهيا هئا. ڪجهه هٿن ۾ جام جهلي مست هئا. ڀڙڪندڙ لباس ۾ ڇوڪريون آيل مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪري رهيون هيون. هڪ گانو ختم ٿيو ۽ ٻيو شروع ٿيو. گانو ڪو مزيدار هو جو منهنجي اڳيان ويٺل هڪ سنگاپوري، پيرن جي ٽاپ سان، ساز وڄائڻ لڳو. سوچيم ته ڪاش ان گاني جو مطلب پڇان پر ان وقت او چتو منهنجي دماغ ۾ امداد حسينيءَ جو هڪ نظم ڦرڻ لڳو:

”ڪو جهوتي ڪاٽو آهي، اڄ ته هر ڪو راٽو آهي،
ماڙي ماڙي واندي آهي، تنهنجي منهنجي چاندي آهي،
ڪو به ڇوڻ وارو ڪونهي ڪو، ڪو به پُڇڻ وارو ڪونهي ڪو،
تون به نشي ۾، مان به نشي ۾، چنڊُ به آهي پنهنجي لئه ۾،
هل ته هلي اڄ موج ملهايون، ڪاڪ محل جو در کڙڪايون،
پريت جو هڪڙو پل ئي سهي، ڇوريءَ جو هڪ ڇلُ ئي سهي،
ڪاڏل ئي سهي، پيتل ئي سهي، مومل نه سهي، سومل ئي سهي.“

بس ڪلاڪ کان پوءِ اچي سنگاپور شهر ۾ پهچايو. رستي تي غوث لهي ويو. هن وقت جڏهن هي مضمون جپان مان لکي رهيو آهيان، ٽيبل تي سنگاپور جي ڳوٺ مان ورتل پيپر ويٽ پڻ رکيو آهي. منهنجا هتي جا جپاني دوست اهو کڻي ان ۾ بند ٿيل سامونڊي گهوڙو، هڪ ڪوڏ ۽ سامونڊي گاهه جا پن ڏسندا آهن. پر مون کي ان ۾ انهن شين کان علاوه سنگاپوري دڪاندار ڇوڪري ۽ سندس سونهن پڻ نظر ايندي آهي، جيڪا مختلف شيون وڪڻڻ سان گڏ پنهنجي جسم جو سودو پڻ ڪندي رهي ٿي.

## 31. متفرقات.سنگاپور

سنگاپور جيتوڻيڪ هڪ تمام ننڍو ملڪ، بيت مثل آهي، جنهن ۾ پانت پانت جي ٻولين ۽ مذهبن جا ماڻهو رهن ٿا ۽ ايتري اندروني پيدائش به نه آهي، بارش به بارهوئي لڳي پئي آهي پر ان هوندي به، پڙهندڙن کي تعجب لڳندو ته صفائيءَ ۾ سنگاپور جو مَٽُ دنيا ۾ ڪونهي. ’لي ڪئان يو‘ جي سنگاپور تمام خوبصورت ۽ صاف ستري آهي. جتي ڪٿي صفائي، ساوڪ ۽ هر گهر جي اڳيان گُلن جي ڇوديواري ڏسڻ ۾ ايندي. گذريل سال صفائي جي مقابلي ۾ سنگاپور کي دنيا جو ’مسٽر ڪلين‘ (Mr. Clean) مڃيو ويو. ان صفائيءَ جو جذبو هتي

جي ٻچي ٻچي ۾ آهي. جپاني چوٽيءَ ’پنهنجي گهر ءِ ان جي اڳيان گهٽيءَ جو حصو صاف رکو ته توهان کي سڄو شهر صاف نظر ايندو..‘ تي پورو پورو عمل ڪن ٿا. ان کان سواءِ حڪومت پڻ صفائيءَ جي معاملي ۾ سخت آهي. ننڍين ڳالهين تي به وڏا ڏنڊ رکيل آهن. بس اندر يا بس کان ٻاهر ٿُڪ اڇلائڻ تي پنجاهه ڊالر، يعني ٻه سؤ روپيا، ڏنڊُ. رستن تي پني پور يا سگريٽن جا ٽوٽا ڦٽا ڪرڻ تي به ساڳيو ڏنڊُ ءِ ڇهه مهينا جيلُ. ڪچري ڦٽي ڪرڻ لاءِ شهر ۾ جتي ڪٿي ڊبا رکيل آهن جن ۾ جمع ٿيل گندُ صبح شام ٽرڪون ڍوئينديون رهن ٿيون. ٻيو ته چا پر شهر ۾ ڪا به اهڙي بس يا رڪشا نظر نه ايندي جيڪا گهٽو دونهون ڇڏيندي هُجي. ڳري ڏنڊ کان سواءِ جيل جي سزا پڻ مقرر ٿيل آهي. جنهن ڪي پوريءَ طرح عمل ۾ آڻڻ لاءِ ايماندار ءِ غير جانبدار پوليس ءِ قانون ڪاتو آهي.

سنگاپور، سنسڪرت جي لفظ سنگاپورا مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ’شينهن جو شهر‘. شهر ۾ جتي ڪٿي سنگ مرمر جي شينهن جا بتَ نظر ايندا جن هيٺان انگريزيءَ ۾ (Lion City) لکيل آهي. سنگاپور جي آدمشماري ويهه لک آهي ءِ دنيا جو چوٿون نمبر وڏو بندرگاهه آهي. هي نه فقط بندرگاهه آهي، پر بين الاقوامي هوائي آمدرفت جو پڻ مرڪز آهي. لي ڪئان يو (Lee Kuan Yew)، گذريل ٻارهن سالن کان سنگاپور جو وزير اعليٰ آهي، تنهن جي اڻٿڪ ڪوشش ءِ اڳواٽيءَ هن ملڪ کي ڪٿان جو ڪٿي پهچائي ڇڏيو آهي. پاڻ هڪ غريب هاريءَ جو پوٽو هو. انگلنڊ جي ڪئمبرج يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪري وڪيل بڻيو ءِ ١٩٥٩ع ۾ سنگاپور جو پهريون وزير اعليٰ چونڊيو ويو.

اهو ننڍڙو ٻيٽ جنهن کي قدرتي اپت جو ڪو به وسيلو ناهي، نه ايتري پوک لاءِ زمين نه ڪاٺيون. پر هتي جي هنرمند ءِ اڻ-وِرچ ماڻهن پنهنجي قابليت ءِ ذهانت سان پاڻ کي ءِ پنهنجي ملڪ کي سکيو ستابو بڻائي ڇڏيو آهي.

دنيا جي گهڻو ڪري هر ملڪ ۾، جيڪي سياحن لاءِ کُليل آهن، توهان کي ڊگهن وارن وارا هِپي نظر ايندا. ميرن وارن ءِ گدلن ڦاٽل ڪپڙن ۾ هي ڪنهن پارڪ جي بينچ تي اوٻاسيون ڪائيندا، يا رستي جي ڪپر تي (Hitch Hiking گاڏين جي لفٽ وٺڻ) لاءِ منتظر نظر ايندا. يا ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڇوڪرو ڇوڪري ڀاڪر پائي چرس جا سُوٽا لڳائيندي ضرور ڏسڻ ۾ ايندا. سنگاپور ۾ اهو هپي پهچڻ سان بين عام انسانن وانگر ٿيو وڃي. سنگاپور ۾ ايندي هر هپي ٻه دفعا سوچيندو هوندو. ڳالهه هيءَ آهي ته سنگاپور ۾ ڪنهن کي به وار ايترا ڊگها رکائڻ جي اجازت ناهي جو قميص جي ڪالر يا ڪنڌ تائين پهچن. جيڪڏهن ڪو هپي ڀُل چُڪ ۾، قاعدي نه معلوم هئڻ ڪري، ڊگهن وارن سان پهچي ٿو ته اتي جو اتي جهلي، ڦئنچيءَ سان وار ڪتري پوليس جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

سڄيءَ سنگاپور ۾ ٻن قسمن جا پوسٽر چيني، انگريزي ءِ تامل زبانن ۾ عام ڏسڻ ۾ ايندا. هڪ هپين بابت ته هتي مردن کي وڏن وارن رکائڻ جي منع آهي ءِ ٻيو ته فئملي پلاننگ بابت، جنهن ۾ زال مڙس ءِ وچ ۾ ٻه ٻار بيٺل ڏيکاريل آهن ءِ مٿان اڌ امنڌڙ ٻگهه پکي نصيحت ڪندو وڃين: “Stop at Two” ٻه ٻار ڪافي آهن. ان کان علاوه ڪيترن هنڌن تي عام جام مختلف قسمن جا Loops استعمال ڪرڻ جا طريقا، ربڙ Pills, Prophylactics اورل Lid ءِ Condom طريقا ٻڌائي، گهٽ ٻار ڄڻڻ جي نصيحت ڪيل آهي.

سنگاپور ۾ سئنيمائن بابت هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته هتي ٻين ملڪن وانگر عام وقتن تي فلم شو ٿين، پر آچر رات هڪ مڊنائيٽ (Mid-Night) شو پڻ ٿئي. جيڪو رات جو ٻارهين ڪان تي وڳي تائين هلي. ان کان علاوه هتي اهي فلمون جن ۾ مار-ڪُٽ يا لڙائي ٿئي، يعني ’جيڪي مار ڌاڙ سان ڀرپور‘ ٿين، تن تي سخت بندش آهي. باقي پيار محبت جي فلمن تي سينسر جي ڪا به ڦئنچي نٿي ڦِري، پوءِ چاهي ان ۾ ڪيتري به اگهاڙپ ڏيکاريل هُجي. يعني Make Love, Not War تي پور پورو عمل آهي.

سنگاپور ءِ هن پاسي مشرق بعيد جي ٻين ملڪن ۾ اها ڳالهه معلوم ڪري افسوس ٿئي ٿو ته يورپ آمريڪا پاسي ته نه پر هيڏانهن به اسان جي پاڪستانين جو انڊين جي مقابلي ۾ ڪو خاص اثر رسُوخ ناهي. جتي ڪٿي انڊين

هوٽلون، بُئنڪون، انڊين ٽورسٽ بيورو، جتي سياحن کي هندستان بابت معلومات ءِ گهمڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي ٿو، انڊين ايئر لائنز جون آفيسون ءِ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ايماندار ماڻهو، جي ملڪ جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ ڏارين ڪي، توڙي ملڪي ماڻهن کي هر قسم جي مدد ڏيڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿا. ٻئي پاسي ڪٿي ڪٿي ڪا پاڪستان سان تعلق رکندڙ آفيس يا پي آءِ اي جي آفيس نظر اچي ٿي، پر شل نه ڪو دشمن جو به ڪم پوي. گهٽو ڪري ته غير حاضر. جي هوندا ته به سنئين منهن ته ڳالهائيندا ڪو نه. اهڙا ڪيترا مثال ملندا جتي ڏارين ملڪن ۾ پريشان شاگردن، واپارين ءِ سياحن جي پاڪستاني سفارتخانن مدد نه ڪئي هوندي پر ٻين ڪئي هوندي. ان قسم جا شڪايتي خط پاڪستان جي اخبارن ۾ پڻ ايندا رهن ٿا ءِ ڪيترن جي واتان ان قسم جا درد ڀريا داستان ٻڌڻ ۾ ايندا. ٻاهر ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستاني آفيسرن کي عرض آهي ته هو پنهنجي ملڪ جو نالو مٿي ڪرڻ لاءِ جنهن مقصد لاءِ ٻاهر موڪليا ويا آهن، ان جي ايماندارانه نموني ءِ جفاڪشيءَ سان پيروي ڪن ءِ پرديس ۾ ملڪي ستايل پائرن جي دل سان خذمت ءِ مدد ڪن.

دنيا جي هر وڏي شهر جي هوٽلن ۾ انڊين ايئر لائنز جا ڪئلينڊر، ٽائيم ٽيبل ءِ ٻي اشتهاري معلومات ملندي. ساڳئي وقت انڊيا جي مختلف شهرن جي مشهوري جا ڪتابڙا مفت ملندا، جيئن دنيا جا ماڻهو انڊيا کان واقف ٿين ءِ ڏسڻ لاءِ شوق پيدا ٿئين. افسوس! اسان جو ملڪ ان معاملي ۾ پنتي پيل آهي ءِ ان ڏس ۾ ڪي اپاءَ نه ورتا اٿس. ٻئي پاسي ملايا، سلون، ٿائلنڊ جهڙن ننڍن ننڍن ملڪن جي ايماندار ءِ محب وطن فارين سروسز جي آفيسرن ءِ واسطيدارن اشتهاربازي ءِ اڻٿڪ محنت سان پنهنجي ملڪ ۾ اهڙا ته 'موهن جو دڙو، ٽئڪسلا، لاهور، ڪراچي، ٺٽو، ڪوٽڏيجي، ڀنڀور' جهڙا تاريخي شهر آهن، جو دنيا جي ماڻهن کي رڳو سچي دل سان هڪوار ٻڌائڻو پوندو ءِ ڪين سفر جون سهولتون ءِ رهبري ڪرڻي پوندي. ڏسندي ئي ڏسندي اسان سياحت (Tourism) مان ايترو ڪمائي سگهون ٿا جيترو سنگاپور، هانگ ڪانگ، لاس پاماس، سلون، جپان، ملايا يا ٻيا ملڪ ڪمائي ءِ فائدو وٺي رهيا آهن.

سنگاپور، مغرب ءِ مشرق جو مرڪب آهي. منجهس مغربي قسم جون عمارتون، نائٽ ڪلب، رستا ءِ بلڪل جديد قسم جون مشينريون ءِ فئڪٽريون نظر اچن ٿيون ته قديم مشرقي مذهب، رسم ءِ رواج، تهذيب ءِ ثقافت پڻ.

سنگاپور جي رهاڪن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان همٿايو وڃي ٿو ءِ سندن قومي بچت جو پنجويهه سيڪڙو تعليم بلي آهي. اسڪولن ۾ ايترا ڪمرا آهن، جو ملڪ جو هر هڪ ٻار تعليم حاصل ڪري سگهي ٿو. تعليم کان علاوه ٻارن جو تقريرن، بحث مباحثن ءِ راندين ڏي پڻ ڌيان ڏياريو وڃي ٿو. هڪ اسڪول جي تقريري مقابلي ۾ مون کي وڃڻ جو موقعو مليو. مقابلي جو آخري ڏينهن هو ءِ سڄي اسڪول مان چونڊيل پنجن چٽن جو مقابلو هو. انهن کي چئن منٽن لاءِ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻي هئي ءِ ٻن منٽن لاءِ مادري زبان ۾. پنج ڇهه جج، مختلف زبانن جا ڄاڻو، جيڪي سنگاپور ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، مقرر ڪيا ويا هئا. انهن آخري پنجن اميدوارن ۾ هڪ سنڌي ڇوڪري گيتو واسواڻي به هئي. ان کي ءِ هڪ چيني ڇوڪريءَ کي Consolation Prize ملي. پهريون نمبر چيني ڇوڪريءَ کنيو، جنهن انگريزيءَ ءِ چينيءَ ۾ تقرير ڪئي، جيتوڻيڪ اسان سيني دوستن کي ٻيو نمبر آيل وملا جي تقرير بيحد پسند آئي. پاڻ انگريزي ءِ تامل زبان ۾ تقريرون ڪيائين ءِ اسان ان عمر جي شاگردن کي اهڙيون سٺي نموني مواد توڙي ادائگي جي لحاظ کان، تقريرون ڪندي ڏسي دنگ رهجي وياسين. هڪ ڪاليج جي ليڪچرار ٻڌايو ته سنگاپور ۾ هر اسڪول ءِ ڪاليج ۾ هر هفتي تقريرون ءِ بحث مباحثن جا پيرڊ رکيا ويا آهن ءِ هر هڪ کي وارو ڏنو وڃي ٿو. جيئن ننڍي هوندي کان ٻار جو پبلڪ ۾ ڳالهائڻ کان حجاب ءِ شرم ڀڄي پوي ءِ هو سٺو مقرر ثابت ٿي پنهنجا خيالات ٻين تائين پهچائي.

سنگاپور ۾ مسجد سلطان سڀ کان وڏي مسجد ءِ خوبصورت مسجد آهي. ان جي آسپاس ٿن لکن کان مٿي مسلمان رهن ٿا. هتي جي هڪ بازار جو نالو 'عرب اسٽريٽ' آهي، جيڪا سستائيءَ ۾ سڄي سنگاپور ۾ مشهور آهي. هتي ساڙهين ءِ ڪپڙي جا دڪان تمام گهڻا آهن ءِ هر وقت سياحن ءِ خريدارن جو هجوم لڳو رهي ٿو. مغرب جا سياح ته خاص ڪري هڙن هنڌن تي مشرق جي غربت پڻ ڏسڻ اچن ٿا. جيترا ڏينهن اسان جو جهاز

سنگاپور ۾ هو، جهاز جا سپ خلاصي ٻيو عملو هن گهٽيءَ ۾ خريداري يا رڳو اگهه پڇڻ لاءِ ضرور چڪر هڻندا هئا.

## 32. ايمان لوڏن ۾. ٿائلنڊ جي ڌرتيءَ تي قدم

اسان کي ٻيڙيءَ ۾ ڪلاڪ کن اچي ٿيو هوءِ جهاز کي گهٽو پنيان ڇڏي، ڪناري جي قريب اچي پُڳا هئاسين. پنيان جهاز کُلئي سمنڊ ۾ نُقطي جيان نظر پئي آيو. ٻيڙيءَ جي انجڻ جو ليور منهنجي هٿ ۾ هوءِ سکان (Rudder) جو ڪنٽرول، جهاز جي سيڪنڊ آفيسر احمد حسين مخدوم جي هٿ ۾ هو. اسان کان علاوه ٻيا ٻه ڇهه ست جهاز جا جونئر آفيسر، ڪئڊٽ، اليڪٽريڪل انجنيئر سلطان، ريفريجريشن انجنيئر محمود هئا.
آخر محمود کان رهيو نه ٿيو تنهن دانهن ڪري مخدوم کي چيو: ”اجا ڪيترو بچڙو ڪندين، الائي ڪٿي وٺي آيو آهين. ماڻهوءَ جو ته اجا ڪو پاڇو به نظر ڪو نه آيو آهي.“
واقعي هئو به ائين. جهاز جي ٻيڙي لاهي اسان اندر بندرگاهه ۾ گهمڻ نڪتا هئاسين. ڪناري جي ويجهو ايترو ته تانگهو پاڻي هئو جو، اسان جي جهاز ڪافي پري، کُلئي سمنڊ ۾ ئي، لنگر ڪيرائي ڇڏيو هو. ٿائلنڊ جي هن ننڍڙي بندرگاهه ’پٽاني‘ مان سامان بارجن ذريعي جهاز تي آيو ٿي ۽ جهاز جي ڊيرڪن ذريعي سامان چاڙهيو پئي ويو. اسان سڀني جو ٿائلنڊ ۾ هي پهريون دفعو هو، خاص ڪري هن ڳوٺ پٽانيءَ ۾. جيتوڻيڪ بئنڪاڪ ۾ اسان مان ڪجهه اچي چُڪا هئا.
جن جن کي سير ڪرڻ ۽ پٽاني شهر گهمڻ جو شوق هو، سي جهاز جي لائيف بوٽ لاهي نڪري پيا سين. جهاز تي سامان چاڙهيندڙ هڪ ٿائيءَ سامهون اشارو ڪري ٻڌايو ته بندرگاهه ان طرف اٿوَ. سامهون جتي آسمان ۽ سمنڊ وچي ٿي مليا، اتي رڳو ساون وڻن جي قطار نظر ٿي آئي. اسان ٻيڙي ڪاهي جڏهن ويجهو پهتاسين ته چؤڌاري ربڙ جي وڻن جو ٻيلو هو. نه شهر نه ماڻهو! ٻيلي مان ڪٿان ڪٿان شاخ يا ڪا نهر نڪري اچي ٿي سمنڊ ۾ پئي. آخر اهڙي هڪ نهر نما نديءَ ۾ اندر ٻيڙيءَ جو رُخ موڙيو سين.
”مخدوم پڪ به اٿئي ته ڪا آبادي ويجهي آهي؟“ محمود وري پڇيو. مخدوم کي ڪو چارٽ يا ڪارو جادو ته هو ڪو نه جنهن کي ڏسي هو محمود کي پڪ ڏئي. هو پڻ ان ڪوشش ۾ هو ته ٻيڙيءَ جو تيل، ڊيزل آئل، ختم ٿئي، ان کان اڳ ڪنهن آباديءَ تائين پهچي وڃون. ٿوري دير کان پوءِ هن دانهن ڪئي. ”منو! پاڻ ڪنهن آباديءَ جي بلڪل ويجهو آهيون.“ اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ڪئڊٽ ڪاليج جي ڏينهن کان وٺي منو ڪوٺيون.
”ڪيئن؟“ آبادِيءَ جي هُجڻ جو پڇيو مانس.
”هو ڏس سامهون.“
سامهون هڪ جهر کي اڏامي رهي هئي.
”جهرڪي هميشه گهرن ۾ هوندي آهي. جتي ماڻهو هجن. جهرڪي جهنگ جو پکي نه آهي.“ مخدوم چيو.
ٻه ميل کن نديءَ ۾ مس هليا سين ته ڪيتريون ئي ننڍڙيون ۽ وڏيون ٻيڙيون سامهون ايندي نظر آيون، جن ۾ ملاح ٻارين ٻچين رهيل هئا. ٿورو وڌيڪ ڪناري تي ڪاٺ جا جهونا گهر نظر آيا، جن اڳيان اڌ اگهاڙا ٻار راند ڪيڏي رهيا هئا. ڪنهن گهر اڳيان ڪا عورت رسيءَ تي ڪپڙا سُڪائڻ وجهي رهي هئي. ڪي عورتون ڪناري وٽ وهنجي رهيون هيون. محمود ڪئميرا هٿن ۾ جهلي اشارو ڪين ته فوٽو ٿو ڪڍانوَ. سڀني ڪٽي پاڻيءَ ۾ ٽُٻي هنئي، پر هڪ ڄڻي پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري فوٽو لاءِ پوز ڏنو هيو. فوٽو ڪڍڻ بعد محمود چيو: ”يار ٿائلنڊ ڇڏڻ وقت مون کي هت ڇڏي وڃجو. واپس ڪراچيءَ نه وڃي هلجو.“
ٿورو اڳتي پٽانيءَ جو بندرگاهه هو. ٻيڙي ڪاٺ جي ڪلي ۾ ٻڌي، ڪسٽم ۽ اميگريشن پوليس کي ٿائلنڊ ۾ گهڙڻ جو اجازت نامو ۽ ضروري ڪاغذ ڏيکاري اندر شهر منجهه آيا سون ۽ ٽولا ٽولا ٿي گهمڻ لڳاسين. محمود

مون کي سچي جهاز تي بي ضرر انسان سمجهندو آهي، جو آءٌ گهٽو مات ۾ هوندو آهيان ۽ بقول سندس ”جهاز جا ٻيا آفيسر خواري آهن. الف کان ي تائين، کناري جي ڳالهه جهاز تي ڪري ذليل ڪن ٿا. هاڻ ٻاهر جي ڳالهه ٻاهر ڇُٽي، جهاز سان ڪهڙو واسطو.“

”ها پارٽنر اهو ته سڀ صحيح آهي پر آءٌ وري سڀ تنهنجيون ڳالهيون اخبار ۾ ڏيندو آهيان.“ مون چيو.

”اخبار ۾ پلي ڏي، پر اها اخبار جهاز تي نه اچڻ کپي. ڏيهه ڪي ڄاڻ پوي ته پلي پوي باقي ڏيرياٽيءَ کي نه هئڻ گهرجي. سمجهئي.“ محمود مون کي سمجهايو.

محمود ۽ آءٌ حيدرآباد جهڙي سنهيءَ بازار مان نڪري ٻاهر چؤواٽي تي اچي پهتاسين. جتي ڪجهه خوبصورت دڪان، جڳهيون ۽ هوٽلون نظر آيون. سڄي بازار ۾ هر هڪ دڪان اڳيان هڪ خوبصورت پڃري ۾ ڳيري جهڙو پکي نظر آيو. پڇا تي معلوم ٿيو ته ٿائلنڊ جا ماڻهو ان پکيءَ کي ڀاڳ جي نشاني ٿا سمجهن. جيئن انگلنڊ، آفريڪا ۽ اسان جي ملڪ ۾ پڻ اڪثر دڪانن ۾ گهرن ٻاهران گهوڙي جا لوهي نعل لڳل هوندا آهن. يا جپان ۾ هوٽلن ۽ دڪانن تي ٻليءَ جي مورتي هوندي آهي. هڪ دڪان اهڙو به نظر آيو جنهن تي اهي پکي، پڃرا ۽ انهن جو داڻو وڪامي رهيو هو. اهو دڪان دراصل ٻين کان وڌيڪ ڀاڳن وارو هئڻ کپي، پر افسوس جو ان وقت اسان کي ان تي ڪو به گراهڪ نظر نه آيو. مون کي خط پوسٽ ڪرڻا هئا. پوسٽ آفيس جو پتو ڪو نه هو. ٿائلنڊ اهڙو ملڪ آهي جتي انگريزي ڪو ورلي ڳالهائي ٿو ۽ هتي سندن ٿائي (Thai) زبان عام هلي ٿي.

آخر هڪ نوجوان مليو جنهن انگريزي صاف ڳالهائي ٿي. پاڻ ٻڌايائين ته هو پٽانيءَ جي اسڪول ۾ انگريزي ماستر آهي. پوسٽ آفيس جو پڇيومانس. اشارو ڪيائين ته سامهون واري گهٽيءَ ۾ آهي ۽ ان سان گڏ پاڻ به هلڻ لڳو. پنهنجو نالو ابراهيم ٻڌايائين.

پٽاني ٿائلنڊ جي انهن شهرن مان آهي جتي ڪجهه مسلمان رهن ٿا، نه ته ٿائلنڊ ٻُڌ ڌرم ڪان مشهور آهي. ٻُڌ ڌرم هندستان ۾ ئي جنم ورتو ۽ هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو. تنهن ڪي هندستان جي قدامت پسند گروهه قبولڻ جي عيوض، مخالفت ڪري تڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان اچي هيڏانهن تبيت، چين، برما، جپان، سيلون پاسي پناهه ورتي.

ٻڌ ڌرم اڄ ڪان پنجويهه سؤ سال ڪن اڳ هتي پهتو. هتي جا خوبصورت پگوڊا جتي ٻڌ عبادت ڪن ٿا ۽ ٻُڌ پڪشوئن/ ڀاوَن ڪي ڏسڻ لاءِ دنيا جا ماڻهو ڪٿان ڪٿان ڪَهي اچن ٿا.

خط پوسٽ ڪري اسان ابراهيم کي چانهه جي صلاح ڪئي ۽ اچي هڪ ايراني نموني جي هوٽل ۾ ويٺاسين. محمود چانهه پيئڻ جهڙين بيڪار شين تي وقت ضايع ڪرڻ نٿي چاهيو، جنهن جو مونکي پورو پورو احساس هو پر هوٽل جي در وٽ پهچڻ سان اندر جو خوبصورت سيامي ڇوڪرين کي هوٽل ۾ ڪم ڪندو ڏٺائين سو اسان کان به اڳ پهچي ويو.

وڏا وڏا شهر جيڪي ڪاسموپوليٽن شهر ليکجن ٿا، جتي دنيا جي هر ملڪ جا ماڻهو نظر اچن ٿا، جيئن ڪراچي آهي يا هتي ٿائلنڊ ۾ بئنڪاڪ آهي، اتي ڪو ڌاريو پيو هلندو ته به ڪنهن جي ڌيان تي نه چڙهندو، پر پٽانيءَ جهڙا ڳوٺ يا ننڍا شهر جتي ڪو ڌاريو ورلي ڇوڏهينءَ جو چنڊ ٿو اچي، اتي اسان جهڙو ايشيائي به لنگهي ٿو ته هر ڪو نهاري ٿو ۽ سمجهيو وڃي ته هي هن شهر ۾ نئون آهي. ان هوٽل ۾ ابراهيم جا ٻيا به ڪي ٽي چار دوست ويٺا هئا. تن سان به هن تعارف ڪرايو. هو ليچي جهڙو ميوو کائي رهيا هئا.

اسان کي به کائڻ لاءِ ڏنائون ۽ سيکاريائون ته ڪيئن مٿان ڳاڙهي کل لاهي اندرين سفيد ڳرُ کائي اندرين ککڙي اڇلجي. ٿائلنڊ ۽ سنگاپور پاسي ان ميوي کي رمبوتان سڏين ۽ تمام سستو آهي. جيئن اسان وٽ ٻير، پر رمبوتان قد ۾ صوفي ٻير کان وڏو ۽ سوادي ٿئي ٿو.

ابراهيم کان ٿائلنڊ جون خبرون چارون وٺندو رهيس. محمود پهرين ته هيڏانهن هوڏانهن لوٽا ڦيرائي ڇوڪرين جي ڇڪاس ڪئي پوءِ اسان جي ڳالهين ڏي ڌيان ڌري ڪک ٽيڻ لڳو.

”ڇا هي يار، اهي تنهنجون اوت پٽانگ جون خبرون ختم ٿي ڪو نہ ٿينديون ڇا؟“ هن بيزار ٿي مون کان پڇيو: ”ٿائلنڊ کو اسان جي ڇاڇي جو ملڪ تہ نہ آهي جنهن جي جاگرافي، تاريخ يا سياست معلوم ڪرڻ ضروري آهي.“

”يار چُپ تہ ڪر. اخبار لاءِ هن همراهہ ۾ سندس ملڪ جو انٽرويو وٺي رهيو آهيان.“ مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي.

محمود پنهنجي نرڙ تي ڏک هٽي بيزاريءَ جو اظهار ڪري اڙدو ۾ چيو: ”يار ڇڏينس تہ ڪا ڪم جي ڳالهہ پڇانس، نہ تہ آءٌ وڃانوَ ٿو.“ پوءِ ابراهيم ڏي مخاطب ٿي بنا ڪنهن رک رکاءُ جي پُڇڻ لڳس: ”هتي ڇوڪريون آهن؟ گرلز! گڊ گرلز؟!“

مون سمجهيو تہ اسان جو ميزبان ان اوپري سوال تي پڪ ڪاوڙبو ۽ ’ست سُريون‘ ٻُڌائيندو. پر هن جي چهري تي ڪاوڙ يا تعجب جي ڪا ئَلهي ليڪ بہ ڪا نہ اڀري. هن لاءِ اهو سوال ائين هو جيئن ڪنهن کان پُڇجي تہ بسڪٽ يا ٽافيون ڪٿان ملنديون.

”ڇوڪريون! اوهہ هتي ٿائلنڊ ۾ تہ جام آهن. جتي ڪٿي.“ ابراهيم وراڻيو. هوٽل جي ڇوڪريءَ ان وقت ڪوڪا ڪولا اچي اڳيان رکي. پاڻيءَ لاءِ جڳ بدران ڪٽلي، هر هڪ جي ٽيبل تي رکي هُئي. ٿائلنڊ ۾ بين هن پاسي جي ملڪن هانگ ڪانگ، چين، سنگاپور وغيره ۾ اها رسم آهي تہ پاڻيءَ بدران گرم گرم سليماني چانهہ رکي ويندي آهي. آرڊر توهان پوءِ ڇا جو بہ ڏيو. زيدي تہ چوندو آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ جي اهو رواج هلي تہ هوٽلون ڪڏهن بہ نہ هلي سگهن. هر ڪو پاڻ سان ڪنڌ ۾ ڪير ڪٽي اچي تہ مفت جي چانهہ پي روانو ٿي وڃ.

”شو اس سم گرلس.“ محمود وري چيس.

”ڪوڪا ڪولا تہ ختم ڪر. ڪجهہ ٿڌو ٿي تہ پوءِ اٿون.“ چيومانس پر سندس خوفائتيون اکيون ڏسي ڪوڪا ڪولا اڌ ۾ ڇڏي اٿي ڪڙا ٿياسين.

رستي تان بہ ڇوڪريون پئي ويون.

”هي وٺن ٿيون؟“ ابراهيم وري پُڇيو. وري ٿورو اڳتي هڪ ڇوڪري سائيڪل تي اچي لنگهي.

”هن ڪي سڏ ڪيان؟“ ابراهيم پڇيو. وري ٿورو اڳتي هڪ گهر هو. در واري ڪمري وٽ ٽي چار ڇوڪريون ٿي. وي ڏسي رهيون هيون. ير ۾ فون بہ رکيو هو. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو گهر ۾ سندس ماڊرن ڏيئرون ٿي لڳيون. ابراهيم انهن کي سڏ ڪيو ۽ هو اسان کي ڏاڍيو سڄاڻي ڪکر وانگر اسان جي بدن سان چهٽي ويون. عمر ۾ ڪا بہ ويهن سالن کان وڏي نہ هُوندي. سندن انگ انگ مان جواني ڀهڪي رهي هئي. سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هن ملڪ ۾ خراب ۽ سُٺي ماڻهوءَ جي وچ ۾ ڪهڙو فرق رکيل آهي. ڇا هتي جون سڀ خوبصورت ڇوڪريون هڪ جهڙيون آهن.

”هائو مچ؟“ محمود سودي بازي ڪرڻ لڳو.

”ففٽي ڀاٽ (پنجويهہ روپيا).“

”نو نو!“

”او ڪي فارٽي ڀاٽ.“ هو سڏڻ لڳيون. پر اسان اتان نڪري چُڪا هئاسين. ابراهيم ائين ڏهن ٻارهن گهرن ۾ وٺي آيو، ساڳيو نظارو ۽ ساڳيو ورڪ ٽي وڪاميو.

ابراهيم کان پُڇيم تہ ڇا هتي جي سوسائٽيءَ ۾ سماج ان کي خراب نٽو سمجهي يا بندش نٽو وجهي. هو وائڻن وانگر نهارڻ لڳو جڻ ڇتي رهيو هجي تہ ان ۾ خراب ڳالهہ ڪهڙي آهي. ملڪ ۾ غير ملڪي ناڻو اچي، ڊالر اچن، ڪهڙي بہ ريت ۽ ڪنهن بہ طرح.

محمود هيڏي وڏي تعداد ۾ ڇوڪريون ڏسي مُنجهي پيو. هتي هر هڪ جو نالو سون خاتون هو، لوهہ ٻائي تہ ڪا بہ ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي آئي.

”هڪ دل ڪنهن کي ڏئي ڪنهن کي ڏيان؟“ محمود ڪُڇيو.

”دل ڏبي ناهي، صرف ڏيکاربي آهي.“ اسان جي ميزبان کِلي وراڻيس. سامهون ڪتابن واري جو دڪان هو. سج لهڻ تي هو. محمود کي چيم خريداري ڪري وٺون، دڪان بند ٿيڻ تي آهن. مون کي لفافاءِ رائٽنگ پئڊ وٺڻا هئا. ٿائلنڊ، هانگ ڪانگ ءِ جپان جا رائيٽنگ پئڊ جڳ مشهور آهن ءِ ٿائلنڊ ۾ ته ڪجهه سستا به آهن. آءٌ دڪان ۾ گهڙي ويس. دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون اسان مان شايد گهٽي خريداريءَ جي اميد رکي وڏيون مسڪراهٽون ڏينديون اچي پڇڻ لڳيون ته ڇا کپي. پنيان محمود اندر گهڙيو ءِ وڏن پوڙهن وانگر نصيحت ڪرڻ لڳو: ”هي لفافا هي ڪوڙا پنا، هي ڪتاب ءِ هي اخبارن لاءِ ڪوڙيون ڪهاڻيون ءِ من گهڙت مضمون، هي جهاز، هي انجڻيون، هي سفر هي شهر سڀ فنا آهن، منهنجا ياءُ! هنن ۾ ڪا رونق ناهي! ڪا بقا ناهي، بس صرف هڪ حسن لازوال آهي. بس صرف هڪ حسن سچُ آهي. بس صرف عورت ءِ ان جو پيار حقيقت آهي.“

‘ڪنهن ڪاري ڇڳ تي رات ڪُٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦٽي،

ائين وقت ڪٽيو، ائين عمر لُٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا.’

”توهان جي ئي ته ڪنهن سنڌي شاعر منهنجي ڳالهه انهن ٻن سٽُن ۾ سمجهائي آهي. ڪير آهي اهو شاعر؟“

آءٌ ڪيس جواب ڏيان ان کان اڳ هڪ نازڪڙي ڇوڪريءَ محمود کان اچي پڇيو ته: ”ڇا کپي.“

محمود، پنهنجي سيني تي هٿ رکي اڙدوءَ ۾ ”اوهه! ماربالو حسينائو“ اهڙي انداز سان چيو، جو اسان سڀ سمجهڻ ءِ اڻ سمجهڻ جي باوجود سندس عاشقانه ادا تي کلڻ لڳاسين. پوءِ ابراهيم کي پير ۾ ڪري چيو؛ ”ڪيس ٿائي زبان ۾ چئُه ته تون ئي کپين. ٻيو ڪُجهه نه کپي.“

سندس ان حد کان وڌيڪ ٽرڙپائي تي مون محمود کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ ”محمود اهڙي ذلالت نه ڪر. اجايو ڌارئي ملڪ ۾ جهيڙو ٿيندو. گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن شريف ءِ خراب ڇوڪريءَ ۾ فرق ڪر......“

مون اجا ڳالهه ختم به نه ڪئي ته ابراهيم ڇوڪريءَ سان ٿائي زبان ۾ ڪجهه سُس پُس ڪري محمود کي ٻڌايو ته هيءَ محترمه انين وڃي دڪان بند ٿيڻ کان پوءِ واندي آهي. آءٌ تعجب کائڻ لڳس ته ڪيئن مشرقي تهذيب ٿائلنڊ ۾ فٽ پاٿ تي ڏينهن ڏٺي جو چند ڏوڪڙن ۾ وڪامي رهي آهي. اسان کي شام جوئي واپس جهاز تي وڃڻو هو پر محمود رات اتي رهڻ تي چاهي.

”جهاز تي ڪير ڊيوٽي ڏيندو، تنهنجي؟“ پُڇيومانس.

”وري ساڳي ڳالهه جهاز جي. پارٽنر بس هڪ قرب ڪجانءِ اڳئين حصي جو ايئرڪنڊيشنر جيڪڏهن هاءِ پريشر ڪٽ آئوٽ تي بند ٿي وڃي ته رڳو ريسيٽ والو (Reset Valve) کي دٻائي ڇڏجانءِ. پاڻهي هلي ويندو. جي نه ته اهو به ضروري ناهي. هڪ رات جي توهان گرميءَ ۾ گذاري ته ڇا ٿيو. آءٌ سُباڻي پاڻهي ياڙي تي ٻيڙي ڪري جهاز تي پهچي ويندس.“

آءٌ تڪو تڪو بندرگاهه ڏي موٽڻ لڳس. پڪ هيم ته ٻيا انتظار ڪري رهيا هوندا. هڪ ياٽ (اٺ آنا) ڏئي ماڻهوءَ جي ڇڪڻ واري رڪشا ۾ چڙهيس. هڪ پوڙهو ٿائي رڪشا جو اڳيون حصو ڪڇن ۾ قاسائي ٿائلنڊ جي ڏامر جي پڪي رستي تي ڊوڙڻ لڳو ءِ مٿان ري ٿنيين ري ٿوٽين نيلو آسمان هو. پوڙهي جا پير اگهاڙا، قميص ڇيهون ڇيهون ٿيل ءِ پيٽ پٺيءَ سان لڳل هو. آءٌ ايشيا جي ملڪن جي غربت، بڪ، بيماري ءِ بڇڙاين تي سوچيندو رهيس. پوڙهو ٿائي ڊوڙندو رهيو. ان کان گهٽي تڪي رفتار منهنجي خيالن جي هُئي. ڪٿي ٽرئفڪ جو ڳاڙهو سگنل تي آيو ته ترسي ڪنگهيو ٿي. پرسان ٻيون به رڪشائون اچي بيٺيون ٿي. ڪنهن تي ڪو ٿلهو سيٺ سامان جي پري اڳيان رکي وينو هو. ڪنهن تي ڪا سيامي / ٿائي ڇوڪري رڪشا جي آرسيءَ ۾ ڇپن تي لڳل لپ اسٽڪ درست ڪري رهي هئي. ڪنهن ۾ ڪو ڇوڪرو ءِ ڇوڪري مُرڪي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ڪنهن ۾ ڪو غير ملڪي سياح، ديسي ڇوڪريءَ کي پنهنجي زبان ۾ ڪجهه ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ءِ ڇوڪري نه سمجهڻ جي باوجود به مسڪرائي رهي هئي. هن کي ته فقط شروع جي ڳالهه سمجهه ۾ آئي هوندي ته يورپي پنهنجي من جي مُراد پوري ڪرڻ تي ڪيس ڪيترا ياٽ ڏيندو. ميل ڏيڍ جي پنڌ ڪان پوءِ رڪشا اچي

بندرگاهه وٽ ڇڏيو. احمد حسين مخدوم، ريڊيو آفيسر شير علي، ڪئڊٽ وسيم، ۽ ٻيا بيٺا هئا. هڪ ٻه ڪُتل به هُئا. جن پڻ رات جهاز تي گُذارڻ بدران ڪناري کي ترجيح ڏني هُئي.
رڪشا مان لهي پاڙو ڪڍيم. پنج پات جو نوٽ هو، جو ڏئي رڪشا واري پوڙهي ٿائيءَ کان باقي پئسن جي گُهر ڪيم. پنهنجي چنل قسمت جهڙي چنل ڪيسي مان ميرو رومال ڪڍي، ڳنڍيون کولي ڏيڍ پات ڪڍي ٻُڌايائين ته: "هي ئي اٿم." مون سندس منهن ڏي چتائي ڏٺو. سندس گهنجن سان ڀريل چهري تان پگهر ٽمي رهيو هو. ڊوڙڻ ڪري سندس ايو ساهه اجا پنهنجي رفتار تي نه پهتو هو. مون اهو ڏيڍ پات به سندس هٿ تي رکيو.
پهرين ته هو نه سمجهيو. پر پوءِ جڏهن اشارو ڪيومانس ته باقي پئسا به پاڻ وٽ رکُ ته هو خوشيءَ وچان خاموشيءَ سان هٿ ٻڌي ڪمان جيئن جهُڪڻ لڳو. سڄي عمر بار ڍوئڻ جي ڪري سندس چيلهه، ڪمان وانگر چٻي ٿي وئي هئي پر پيٽ اهو ئي خالي هو. نه صرف سندس پيٽ پر سندس هڪڙي پيٽ سان گڏ ٻيا به ٻه چار پيٽ؛ زال ۽ ٻارن جا هوندا، جن کي پڻ هن کي ئي ڀرڻو هوندو. ان لاءِ هن کي اجا به ڊوڙڻو پوندو، اجا به رڪشا ٿائلنڊ جي شهر پٽانيءَ ۾ ڇڪڻي پوندي، جيسين موت ڪيس هن جهان مان ڇڪي وٺي.
مخدوم ٻير ۾ اچي چيو: "اڄ جهاز تي هلي نه ٿا سگهون، هتي ئي ڪنهن هوٽل ۾ رهڻو پوندو."
"ڇو، توسان به ڪا ڇوڪري ٺڪري آهي ڇا؟"
"نه ابا. پاڻ Sailor سيلاني جي عشق ڪريون ته پوءِ جهاز ڪير هلائيندو."
"ته پوءِ ٻي ڪهڙي ڳالهه ٿي آهي؟"
"سمنڊ ۾ تمام گهڻو جوش آهي. رات جي اونداهيءَ ۾ جهاز لاءِ ڪلئي سمنڊ ڏي وڃڻ خطري کان خالي ناهي."
"ته پوءِ رات ڪهڙي فٽ پاٿ تي گُذاريون."
"نه. هلي ٿا ڪنهن هوٽل ۾ رهي پئون."
سڄي ٿائلنڊ ۾ ٻين شين جي کوٽ ٿي سگهي ٿي، پر ڇوڪرين ۽ هوٽلن جي کوٽ ناهي. پٽانيءَ جهڙي ننڍي شهر ۾ به اعليٰ کان اعليٰ انگريزي نالن واريون هوٽلون ٻاهرين سياحن جي رهڻ لاءِ نظر اچن ٿيون. اهو سڄو ڪم آمريڪن جي ڪري ٿيو آهي. جي ويٽنام جي جنگ نه هلي ها ته آمريڪن سپاهي موڪلون ملهائڻ لاءِ ۽ ڊالرن کي خرچ ڪرڻ لاءِ ٿائلنڊ، ڪمبوڊيا ۽ آسٽريليا طرف هرگز رُخ نه رکن ها. پر هينئر تازو آمريڪا جي پاليسيءَ ۾ ڪجهه ردوبدل ڪري آمريڪي سپاهي واپس آمريڪا گهرايا پيا وڃن ۽ هيڏانهن تمام ٿورا ڪي وڃي بچيا آهن. نتيجي ۾ ٿائلنڊ ۽ آس پاس جي ملڪن جو ڪاروبار بند ٿيندو وڃي. هوٽلن جا ڪمرا خالي خالي نظر اچن ٿا. مشڪل سان ڪنهن هوٽل جا ڏهه سيڪڙو ڪمرا ڀريل هوندا. هوٽلن ۾ ماڻهن کي رهڻ لاءِ آماده ڪرڻ لاءِ ڪمرن جي مسواڙ گهٽائي وئي آهي ۽ سڄي ڏينهن بدران اڌ مسواڙ تي اڌ ڏينهن لاءِ يا ويندي ٻن ڪلاڪن لاءِ به ڪمرو مسواڙ تي آڇيو وڃي ٿو.
اسان پٽانيءَ جي پئلس هوٽل ۾ رات رهڻ لاءِ پهتاسين، جا شهر جي ٻن وڏين هوٽلن مان هڪ آهي. اڪيلي ڪمري جي چاليهه پات، يعني ويهه روپيا، مسواڙ هئي. اسان کي فقط رات رهڻ لاءِ ڪمرا ڪتا ٿي يعني ٻارهن ڪلاڪن لاءِ ڏهه روپيا. مخدوم کي چيم ته اجا به جي ڊبل بسترن وارا ڪمرا وٺون ۽ ٻه ٻه ٿي رهون ته گهٽ خرچ ايندو ۽ غير ملڪي ناڻو بچي پوندو. ريڊيو آفيسر، جو جهاز جي وائرليس وغيره جو انچارج آهي ۽ روزاني موسم جو حال احوال لهڻ مختلف هنڌن جي آفيسن ۽ جهازن جا نياپا حاصل ڪرڻ ۽ موڪلڻ ۽ جهاز جي عملي کي پگهارون ڏيڻ ان جو ڪم آهي تنهن کي اسان خزانچي مقرر ڪيو.
"ڊبل بيڊ ڪمرن جي ڇا مسواڙ آهي؟" شير علي جنهن جي گجگوڙ فقط شينهن جهڙي آهي، باقي بدن جهرڪيءَ جهڙو هلڪو، تنهن هوٽل جي مئنيجر کان اشارن ۽ انگريزي زبان ذريعي پڇڻ جي ڪوشش ڪئي.
مئنيجر حساب لڳائي چيو: "هڪ رات لاءِ ڊبل جا پنجاهه روپيا."
"هي ڏسو هتي ته ماڳهين ابتي گنگا پئي وهي. اڪيلي جا ڏهه ته ڊبل جا اسان ويهن کان به گهٽ ٿا ڏيڻ چاهيون ته هي پنجاهه پيو ٻڌائي." شير عليءَ اسان ڏي اٽوٽندڙ شڪل ٺاهي تعجب جو اظهار ڪيو ۽ پوءِ وري

انگريزيءَ ۾ مئنيجر سان بحث ڪرڻ لڳو. هوٽل جو مئنيجر انگريزيءَ جو هڪ اکر به ڪو نه سمجهيو ۽ پنهنجي ضد تي قائم رهيو.

”دراصل هن پنهنجي ڳالهه سمجهي ناهي. ڪٿي پاڻ ڇهن ڄڻن لاءِ هڪ وڏو ڪمرو ته نه پيو ڏئي. ان حساب سان ته پنجاهه روپيا ٺيڪ آهن.“ مخدوم چيو ۽ مئنيجر کي اشارو ڪيائين ته ڇا اسان سڀ ان ۾ رهنداسين.

”نه نه! فقط هڪ.“ هن اشارن سان سمجهايو.

”چڱو هلو ته ڪمرا ته ڏسون.“ شيرعليءَ چيو ۽ مئنيجر کي ڏيکارڻ لاءِ چيائين. مئنيجر پنج منٽ ويهڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ فون ڪندو رهيو. پوءِ هڪ ٻئي واچي ۽ بلوورديءَ ۾ وارد ٿيو ۽ لفٽ ۾ اسان کي مٿي وٺي هليو. ٻي ماڙ تي سڀ اڪيلا (Single-Beded) ڪمرا هئا. هڪ ٻه ڪولي ڏيکاريائين ۽ اشارو ڪيائين ته ويهه پاٽ مسواڙ ۽ پوءِ ڏبل ڪمرا ڏيکارڻ لاءِ پنجين ماڙ تي وٺي هليو. رستي تي شيرعليءَ پڇيس ته بريڪ فاسٽ ۽ ڊنر ان مسواڙ ۾ آهي.

”نه نه! ٻئي واشاري سان انڪار ڪرڻ لڳو. پنجين ماڙ تي ڪمرا فقط ٻيڪڙيل هئا. هڪ جو در ڪولي اندر وٺي آيو. ٻه پلنگ صاف سٿرين چادرن سان ڍڪيا پيا هئا. وچ تي گول ٽيبل تي ٽيليفون رکيل هو. ڪنڊ تي ايئرڪنڊيشنر، پرسان رکيل هڪ ريڊيو تان ٿائي زبان ۾ ڪو گانو وڄي رهيو هو. ٻئي پاسي صوفا سيٽ پيل هو، جنهن تي ڪيرم وهنتيل سيامي/ ٿائي دوشيزه پنهنجي پتڪڙن پيرن جي ننهن تي نيل پالش لڳائي رهي هئي. اسان کي اندر گهڙندو ڏسي هن اسان ڏي نهاريو. سندس چپن تي دعوتي مُرڪ هئي، باقي سڄي جسم تي ڪجهه به نه!“

تنهنجي جسم جي جوت اجاڻ
سهي سگهي جيڪر تجلو ڪير
جي سارو وقت هجي نگاڻ.

(ڪاجوراءِ)

ٻئي دوشيزه ڏي اشارو ڪندي شيرعليءَ کي ٻڌايو: ”ڪمري جي مسواڙ ۾ هيءَ به شامل آهي.“
هن ڪن دير لاءِ مسڪراهٽن جي ورڪا ڪئي پوءِ ڪٽ تي پيل باٿنگ ٽاول ڇڪي گوڏن تي رکي او گهڙ کي ڏيکيو ۽ وري پنهنجي پيرن کي نيل پالش لڳائڻ ۾ جنبي وئي. آ□ سندس اڇا اڇا، ڪنول جي گلن جهڙا سهٽا پير، ڪاري ڪٽچ رنگ جي غاليچي تي غور سان ڏسندو ئي رهيس.

”ڇون پيا هي ڇريو ڪير؟
جو ڇڏي ٻيا سڀ انگ سهٽيءَ جا،
تڪي ويٺو سندس پير!“

مونکي ڇتائي نهاريندو ڏسي مخدوم ٽوڪيو: ”ابا آهين ته هتي يا وڃي سڪرنڊ ڪان نڪتين. ڇا پيو ڏسين منو. ايمان ته سلامت آهي نه؟!“

”خبر ناهي! باقي جيستائين ٿائلنڊ ۾ هي طوفان ۽ زلزلا لڳندا رهندا. اسان جي ايمان جي ڪچي گهر جي پٽين ۾ ڏار پوندا رهندا، اڳتي جي سُڏان مالڪ کي جنهن ٽوڪي، مونکي ۽ هن حسينا کي خلقيو آهي.“

ايتري ۾ ڪئڊٽ وسيم ڊوڙندو آيو ۽ اچي ٻڌايائين: ”سيڪنڊ صاحب، سيڪنڊ صاحب! هيٺين ماڙ تي ٽن ٽن بسترن وارا ڪمرا خالي آهن ۽ مسواڙ فقط پنجويهه روپيا آهي.“

شيرعلي، مخدوم ۽ آءٌ هڪڙي ڪمري ۾ ۽ ٻيءَ واري ۾ ڪئڊٽ وسيم، جلال بيگ فورٿ ميٽ ۽ عباسي ففٿ انجنيئر اچي رهياسين. چانور، ڀاڄي گانگٽ ۽ ڊبل روٽي گهرائي ڪائي سمهڻ جي تياري ڪئيسين. بتي وسائي مخدوم کي سنڌيءَ ۾ چيم: ”ابا، هاڻ سَوَ تائين ردون ڳڻي سمهي رهُ. ننڊ اميد ته اچي ويندءِ يار، هتي پهچڻ سان مونکي هر وقت شاهه جو هي شعر ياد پيو اچي.“

مون کي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾،
ايا ائين چون متان پاند ٻہ پسائين .

”پاڻ ٻيڙيءَ کي سخت سامونڊي ڇولين جي لوڏن کان بچائي پنهنجي ايمان کي لوڏن ۾ وجهي ڇڏيو آهي .“ مخدوم چيو .

صبح جو جڏهن جهاز تي پهتاسين تہ جهاز جي گينگ وي وٽ ئي کنهن ٿائلنڊ جو حال پُڇيو . شير عليءَ ٿڌو ساهہ کڻي چيس: ”ڏٺيءَ جا هزار شُڪر آهن، جو ان نقلي بهشت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ وصل حور جي معاملي کي اصلي بهشت تائين مهمل ڪري واپس پيا اچون .“

”ڪوڙي تي . . . . . . . . . . . . . . .“ ٻئي متان وراڻيو .

”اشراف وڏيڪ نہ ڪُڇجانءِ“ محمود سندس منهن تي ڪٽي هٿُ رکيو .

## 33. سونگ کلا کان حاديہ شهر ڏي

جهاز چار ڏينهن کن پٽانيءَ/ ٿائلنڊ ۾ بيٺو رهيو، ان بعد ٿائلنڊ جي ٻئي بندرگاهہ ’سونگ کلا‘ ۾ آياسين . جنهن کان فقط ٽيهہ ميل کن پري ٿائلنڊ جو ٻيو وڏو شهر، بئنڪاڪ کان پوءِ، حاديہ آهي . سونگ کلا ۾ ڪافي ڏينهن رهڻ جو موقعو مليو . ايتري قدر جو جهاز جو عملو ٽئڪسيءَ بسن ذريعي حاديہ شهر بہ ايندو رهندو هو . ٿائلنڊ ۾ ٽئڪسيون موٽر ڪارون نہ آهن، پر ننڍڙيون پِڪ اپون آهن، جن جي پويان اٺ ڏهہ ماڻهو ويهي سگهن . شهر ۾ هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ تائين، هڪ ڀات ڏيڻو پوي ٿو . ان کان علاوه ماڻهوءَ جي ڇڪڻ جون رڪشائون ۽ سائيڪل رڪشائون جام آهن . باقي هن پاسي موٽر رڪشا نظر نٿي اچي، جيڪي اسان جي ملڪ ۾ عام آهن . ٿائلنڊ جي هوٽلن جي دڪانن ۾، هتي جي راڻي، شهنشاهہ، شهزادن ۽ شهزادين جون تصويرون وڏن فريمن ۾ ٽنگيل نظر اچن ٿيون، جيئن پاڻ وٽ ايراني هوٽلن ۾ ايران جي شهنشاهہ، راڻيءَ سندن اولاد جون تصويرون آهن . يا ڪنهن زماني ۾ راڻي وڪٽوريہ، جارج وغيره جون تصويرون سڄي هندستان ۾ لڳايون وينديون هيون .

سخت مينهوڳيءَ جي ڪري هتي جي جڳهين جون ڇتيون ۽ ڇتيون ڪاراٽيل آهن . اسان بندرگاهہ مان نڪري هڪ سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ اچي پهتاسين . مون سان گڏ جهاز جو ٿرڊ آفيسر فاروق هو . ٻنهي پهرين حاديہ شهر ڏي وڃڻ جو پروگرام ٺاهيو . اسان جي جهازران ڪمپني جي آفيس بندرگاهہ وٽ آهي . اتان پهرين اها پڪا ڪئيسين تہ هن گهٽيءَ جو نالو ڇا آهي، جيئن حاديہ شهر کان واپسي تي صحيح جڳهہ تي پهچي سگهون . هنن پنهنجي اسان کي انگريزيءَ ۽ ٿائي زبان ۾ گهٽيءَ جو نالو ’هپ هو هن‘ لکي ڏنو، پر ايترو عقل کان ڪم نہ هنن ورتو، نہ اسان، جو ڪٽي پڇا ڪريون تہ اهو هن خاص ٽڪر جو نالو آهي يا سڄي بندر روڊ جهڙي ڊگهي رستي جو . واپسي تي جڏهن ٻارهين وڳي پهتاسين تہ دڪان ۽ آفيسون سڀ بند هيون ۽ پنهنجي آفيس جتان جهاز تي وڃڻ لاءِ ٻيڙي ملڻي هئي سا نہ پئي ملي . ٽئڪسي واري کي ’هپ هو هن‘ لاهڻ لاءِ چيو هئوسين . تنهن هڪ هنڌ لاهي چيو تہ اهو اٿانوَ ’هپ هو هن روڊ‘ . گهٽو ئي آسپاس ڀُوليوسين پر آفيس نہ ملي . ٻہ چار گهٽيون لتاڙي وري هڪ همراهہ کان پڇيوسين تہ ’هپ هو هن‘ ڪٿي آهي تہ هن ٻڌايو تہ هي آهي . پر اتي آفيس نہ هُئي . پوءِ معلوم ٿيو تہ ’هپ هو هن‘ ڪو رستو يا گهٽيءَ جو نالو نہ پر سڄي علائقي جو نالو آهي، جيئن ناظم آباد، لطيف آباد، هير آباد، گاڏي ڪاتو وغيره .

ان رات هڪ ٿيڻ ۾ ڪي پندرهن منٽ هئا ۽ پوري هڪ وڳي آفيس طرفان ٻيڙي جهاز ڏي وڃڻي هئي . ٽائيم گذري وڃڻ تي ٻي ٻيڙي صبح جو هلڻي ها . آخر تنگ ٿي ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، هڪ رڪشا ۾ چڙهي پرواري پوليس اسٽيشن تي آياسين . در تي جيئن ئي رڪشا پهتي تہ آءٌ تڪو تڪو ٿاڻي ۾ گهڙيس . ٻہ چار پوليس وارا ۽ ڪي وڏا آفيسر اڱڻ ۾ ڪُرسيون وجهيو ويٺا هئا . هڪ انسپيڪٽر وائرليس تي ڪو نياپو موڪلي رهيو هو .

مون ٽڪرو ٽڪرو ڪانئن پڇيو تہ ڪو انگريزي ڄاڻي. هڪ اڳتي وڌيو ءِ ’ها‘ ڪئي ءِ مون يڪدم ڪيس ٻڌايو تہ اسان فلاڻي جهاز سان تعلق رکون ٿا ءِ ’هپ هو هن‘ ۾ اسان جي آفيس آهي، اتي اسان ڪي هينئر جو هينئر پهچڻو آهي يا تو هان ئي اتي فون ڪري ٻيڙيءَ کي روڪايو نہ تہ هڪ وڳي ڇُٽي ويندي.
مون اڃا ڳالهہ ئي ختم نہ ڪئي تہ فاروق پنيان سڏ ڪيو. ان پُٺيان جهاز جو ٻيو عملو اچي رهيو هو. اسان جي آفيس ڪا ٿاڻي جي بلڪل سامهون، رستي جي ٻئي پاسي هئي ءِ ٻيا همراهہ اتي ٻاهر ئي انتظار ڪري رهيا هئا. اسان کي جو ائين ٽڪو ٽڪو ٿاڻي ۾ ويندي ڏٺائون، سو سڀ وائڙا ٿي خبر چار معلوم ڪرڻ لاءِ ٿاڻي تي هليا آيا. پوءِ جڏهن کين خبر پئي تہ ”ڪيئن ڪِڪو ڪچَ ۾ ءِ ڍنڍورو شهر ۾“ مچايو اٿئون تہ ڏاڍو کليا.

## .34 ناريل جي رسُ جي فئڪٽري

بهرحال اسان کي ان جُٺ جي خبر نہ هئي تہ ڪا واپسيءَ تي ٿيندي. اسان تہ نڪرڻ وقت ان علائقي جو نالو لکي اڳتي ٽئڪسي (Pick-Up) ڳولي رهيا هئاسين تہ جهاز جو ڪئپٽن ساونگ، سندس زال ءِ ٻہ ٻار ڳڏيا. ڪئپٽن اسان کان پروگرام پڇيو ءِ اسان کيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد وانگر چپيل پروگرام بدران مُرليءَ تي لوڪ ڌُنون ٻڌائڻ بجاءِ، اصلي پروگرام ئي ٻُڌايوسين ءِ پاڻ بہ ٻُڌايائين تہ هو بہ حاديہ شهر ڏي خريداري لاءِ وڃي رهيا آهن ءِ جي اسان چاهيون تہ هنن سان گڏ ساڳي گاڏيءَ ۾ هلون، جيتوڻيڪ ڪجهہ دير لڳندي جو رستي تان گهمندا هلندا سين.
اسان کي ٻيو ڇا ٿي کپتو. ساڻن گڏ اسان جي آفيس جو ٿائي همراهہ بہ هو جو انگريزي صاف ڳالهائي سگهيو ٿي. هو هر ڳالهہ جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٻُڌائيندو رهيو.
پهرين ان ئي شهر سونگ کلا جي سمنڊ جي ڪناري تي وٺي آيو. ڪلفٽن جهڙو نظارو هو. پر ڪراچيءَ جو ڪلفٽن هن ڪان ماڊرن ٿي ويو آهي، جو پڪيون عمارتون آهن. هتي ڪا بہ عمارت تہ نہ هئي بلڪ پرسان مٽي پاڻيءَ جون شاخون هٽڻ ڪري، سمنڊ جي ڪناري جي ارد گرد ڍگها گهاٽا وڻ هئا، جن جي ڇانوَ ۾ ڪيترين ئي ڪڪائون هوٽلون هيون. ڪنهن نديءَ جو ڇوڙ (Delta) ٿي لڳو. هتي ماڻهو ترڻ ءِ آرام لاءِ آيا ٿي. صبح جو وقت هو، ان ڪري ايتري رش نہ هُئي. ٿوري ٿوري فاصلي تي ٿائي، جوڙا جوڙا ٿي سئمنگ ڪاسٽيومن ۾ تري رهيا هئا. ڪي پٽ تي ڇانوَ ۾ ليٽي ناريل جو ڪيرُ يا ڪوڪا ڪولا پي رهيا هُئا. ڪجهہ يورپي ءِ آمريڪي سياح فوٽو گرافي ڪري رهيا هئا.
اسان جيئن ئي ڪارمان لٿاسين تہ فوٽا وڪڻندڙ، چونئرا، ڪاڄاءِ پيڳڙا وڪڻندڙ، بوٽ پالش ڪرڻ وارا ءِ سگريٽ ءِ چاڪليٽ وڪڻندڙ نندا ننڍا ڇوڪرا ءِ ڇوڪريون اسان کي ورائي ويا. هڪ ٻن ڪان تہ پٽاٽو چپس ءِ چاڪليٽ وٺي جان ڇڏائيسين. ڪئپٽن چوندو هليو تہ اڄايو ڪن سن چوٽا وٺو. فوٽو وڪڻندڙ ڇوڪرن جي هٿن ۾ ڪي خاص فوٽو هئا، جن ۾ ڏيڪاريل هو تہ هڪ ماڻهو يا عورت پنهنجي شڪل جي ماڻهوءَ کي هٿ تي کنيو بيٺو آهي. ڪجهہ عرصو اڳ حيدرآباد، ڪراچي ءِ سکر ۾ بہ اهڙا فوٽو عام هئا ءِ ماڻهو شوق سان ڪڍائيندا هئا. پر هي ڪجهہ مختلف هئا. ان ۾ ڪو بہ پنهنجي تصوير، هٿ ۾ بوتل جهلي ڪڍائي سگهيو ٿي ءِ بوتل ۾ اندر ساڳئي ماڻهوءَ کي بند ٿيل ڏيڪاريل هو. ان قسم جي فوٽوگرافڪ لُچائيءَ (Trick) جا فوٽا پيا بہ ڪيترا نظر ايندا، پر ٿائلنڊ ۾ مٿئين قسم جا عام آهن. ڪئپٽن جي زال جي بہ دل ان قسم جي فوٽو خريد ڪرڻ تي ٿي رهي هئي ءِ مونکي بہ چوڻ لڳي تہ اخبار ۾ مضمون سان گڏُ هتي جي هيءَ خاص شيءِ، فوٽو بہ ڏجانءِ. اسان اڃا پُٺيان فوٽو وٺي ڏسون مَس تہ ڪئپٽن دانهن ڪري چيو تہ بيڪار ۾ پئسا نہ وڃايو. پنهنجي ڳچيءَ ۾ لڙڪيل ڪئميرا طرف اشارو ڪري چيائين تہ پاڻ پنهنجا رنگين فوٽا ٿا ڪڍون. ساڳئي وقت فوٽو وڪڻندڙ ٻارن کي دڙڪا ڏئي ڀڄائڻ جي ڪيائين ٿي. پر ٻار بہ محسوس ڪري ويا هئا تہ اسان گراهڪ پڪا آهيون. پر آخر تائين

اسان خريد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهياسين . ڪناري وٽ هڪ ٽڪري هئي، جنهن جي مٿان پٿر جي عورت جو Statue ٺهيل هو . ان تي ويهاري ڪپتان اسان جا گروپ فوٽو ورتا . ان بعد هڪ پپر جي وڻ هيٺ آرام ڪرسين تي ويهي ناريل جو رسُ پيتوسين . پر ۾ ئي هڪ عورت تازا ناريل رکيو ويٺي هُئي . ڪپتان جو ناريل آڻڻ لاءِ ڪيس چوڻ، يڪدم وڏو ٽڪو ڪات ڪڍي، هوا ۾ لوڏي هڪ هڪ ناريل جي مٿئين حصي کي هنيائين ٿي تہ يڪدم ڪپجي ويو ٿي . ائين ٿي لڳو ڄڻ ڪا جلاد هجي . خير ڪم سي جلادن وارا هيس پر صورت جي جل پري هئي . پيئڻ لاءِ هر هڪ ناريل ۾ تيلي وجهي ڏيندي وئي ۽ ان سان گڏ پُڇندي بہ وئي تہ ’ڪيئن آهي، ڪيئن آهي‘ . اسان سڀ سرڪَ پري، ’وير گڊ، ويري گڊ‘ چوندا وياسين . اسان جو ٽربڊ آفيسر فاروق جو منهنجي پر ۾ ويٺو هو، تنهن جي تيلي پڇي پئي هئي سو چوسڻ سان رسُ وات تائين ڪو نہ آيس ۽ بنا چکڻ جي وڪٽندڙ عورت جي اکين ۾ اکيون ملائي ’وير گڊ، ويري گڊ‘ چوڻ لڳو . تنهن تي آهستي پُڇيومانس: ”ڪير؟“
”چڙيار چرچا .“ شرمائڻ لڳو .
پر ۾ آفيس جو ٽائي همراهہ اسان کي سُس پُس ڪندو ڏسي پڇڻ لڳو: ”ڇا ڳالهہ آهي .“
”فاروق جي تيليءَ مان رسُ اچي ڪو نہ ٿو . شايد تيلي وچ تان ڦاٽي پئي آهي . ٻي ڪپيس .“ مون هن کي انگريزيءَ ۾ سمجهايو . جيسين فاروق لاءِ نئين تيلي آئي، تيسين اسان سڀ رسُ پي چُڪا هئاسين ۽ ڪاٺيءَ جي چمچي سان ناريل جو اڇو گودو ڪائڻ لڳاسين .
ناريل جو رسُ هن پاسي جي ملڪن ۾ عام طرح پيتو وڃي ٿو . بندرگاهہ وٽ پڻ هڪ ناريلن وارو رسُ وڪٽندو آهي، جو ٻين ڪان سستو ڏئي . هڪ پيئڻ بعد خالي ناريل واپس وٺي وري پري ڏيندو آهي . پهرئين ڏينهن اسان بہ بيوقوف بڻياسين، پوءِ خبر پئي تہ ڳاڏي هيٺان ناريل جي رسُ جي فئڪٽري کوليو ويٺو آهي . هيٺ هڪ وڏي پتيلي ۾ نقلي رسُ ۾ خوشبوءِ وغيره ملائي خالي ناريل جا کوپا ان جڙتو رسُ سان پري گراهڪن کي ڏئي ٿو .

## 35. پلاسٽڪ جو ڪاڏو

سونگ ڪلا شهر جون بہ چار اهڙيون جڳهون ڏسڻ بعد، اسان حاديہ شهر ڏي روانا ٿياسين . حاديہ شهر بئنڪاڪ بعد ٿائلنڊ جو وڏو شهر آهي ۽ ڏکڻ ٿائلنڊ ۾ آهي . سونگ ڪلا شهر کان پنجويهہ ٽيهہ ميل ڪن پري ٿيندو . ٿائلنڊ ۾ چڱي سستائي آهي . ٽئڪسيءَ ذريعي ادائي روپيا ڪن ٿي لڳا ۽ بس ذريعي روپيو ڪن . ان کان علاوه شهر جو شهر ۾ سواريءَ لاءِ هتي پڪ اپ نموني جون ننڍيون گاڏيون موجود آهن، جن ۾ بہ اڳيان ڊرائيور سان ۽ ڏهہ ڪن پنيان ٻن رکيل بينچن تي وهن . اهي پڪ اپون شهر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ تائين اٺ آنا وٺن پر چپي چپي تي وڏيڪ مسافر چاڙهڻ ۽ لاهڻ لاءِ ترسن .
سونگ ڪلا کان حاديہ تائين رستو ڏاڍو ساوڪ وارو آهي . ٻنهي پاسي گهاٽا ناريلن ۽ رٻڙ جا وڻ ميلن تائين پکڙيل آهن . ڪٿي ڪٿي رستي تي ۽ ٽڪرين تي پري پري ٻُڌن جا عبادت گهر ۽ پگوڊا ڏسڻ ۾ اچن ٿا . رستو ور وڪڙ وارو، سوڙهو ۽ گاڏين سان پريل هو پر ڊرائيور هوشيار ۽ تحمل وارا ٿا ڏسجن ۽ قانون تي عمل ڪيائون ٿي . ائين نہ تہ جيڪو ڏاڍو سو گابو . جتي چوواٽي تي بہ گاڏيون هڪ ٻئي جي سامهون اچي اڳ نڪرڻ لاءِ منجهي پيون ٿي تہ هڪ ٻئي کي گاريون ڏئي اڳ نڪرڻ بدران هر هڪ صبر کان ڪم وٺي ٻئي کي پهرين نڪرڻ جي لاءِ آڇ ڪئي ٿي . پاڻ وانگر نہ تہ جنهن جي وڏي يا مضبوط گاڏي اهو زبردستي، ڪمزور جو خيال نہ ڪندي، ڪن صورتن ۾ وس پُڄندي ٻُجو ڏيندي، اڳ ۾ ڌوڪي وڃي .
حاديہ پهچي فاروق چيو تہ: ”هاڻ پاڻ کي ڪپتان ۽ سندس فئمليءَ کان الڳ ٿي جُدا راهہ وٺڻ کپي، نہ تہ ڪپتان اڳيان ۽ خاص ڪري سندس زال اڳيان، نہ آزادانہ نموني سان هلي سگهبو نہ ڳالهائي سگهبو .“ سو نيٺ ڪپتان کان الڳ ٿي، شهر گهمڻ ۽ خريداري لاءِ ٻيو رُخ ڪيوسين . اڃا پنج منٽ بہ مس هلياسين تہ فاروق کي ٻُڪ ڪنيو ۽

ڪا ڊنگ جي هوٽل ڳولڻ لڳاسين. ڊنگ جي هوٽل مان مُراد اها نہ تہ ڪا سٺي مانيءَ واري سهڻي هوٽل پر جنهن ۾ ڪيسي مطابق دال ماني ڪائي سگهون.

هن پاسي جي ملڪن جو اهو رواج آهي تہ هوٽل ۾ جيڪو بہ کاڌو ملندو، سو نموني خاطر پليٽن ۾ هوٽل جي در وٽ شيشي جي ڪٻٽ ۾ رکيل هوندو. شايد ان ڪري بہ اهو ضروري هجي تہ هتي ڀانت ڀانت جا سياح اچن ٿا، جن جي مختلف زبان ۽ کاڌو آهي، جيئن هو در وٽ ئي نموني جو کاڌو ڏسي، پسند ڪري سگهن. فقط نالي لکڻ سان تہ چڱي طرح خبر نٿي پئجي سگهي تہ کاڌو ڪهڙو آهي. ائين نالا تہ اسان جي جهاز تي بہ بٽلر روز بدلائي لکندو آهي: ڪڏهن 'هاچ پاچ سُوپ' ۽ 'ويجيٽيبل سُوپ' تہ ڪڏهن ڇا، جنهن جو نالو ڪڏهن ڪنهن انگريز بہ نہ ٻُڌو هوندو ۽ ڏاريو مهمان يا ڪراچي هيڊ آفيس وارا اسان جي کاڌي جو مينو (Menu) پڙهي بٽلر کي آفرين ڏيندا هوندا تہ جهاز جي عملي جو ڪيڏو خيال اٿس. روز نئين شيءِ ٿو کارائين، پر ڪين ڪهڙي خبر تہ روز ساڳيو سُوپ (Soup)، ساڳئي سواد ۽ رنگ وارو پي رهيا آهيون، پر ڏينهن وانگر نالا مختلف آهن، زندگي ساڳي آهي.

جپان ۾ بہ هر هوٽل ٻاهران، ان هوٽل جي کاڌي جي هر شيءِ رکيل هوندي، پر فرق فقط اهو تہ اتي نموني وارو کاڌو اصلي کاڌو نہ، پر پلاسٽڪ جو کاڌو ٺئي. شيشي جي ڪٻٽن ۾ ڪيڪ، پيسٽريون، سيويون، ڪباب، اسٽيڪ ۽ مٽن چاپس مختلف پليٽن ۾ سينگاريا رکيا هوندا آهن، ويندي سلادن جا قسم، ڪوڪا ڪولا، بيئر، وائين ۽ ونيگر. پهرئين ڏينهن جپان جي شهر ڪوبي (Kobe) ۾ تہ ڀُلجي پيس پر پوءِ غور سان ڪوڪا ڪولا واري گلاس کي ڏٺم تہ ناسي رنگ جي شربت مٿان جيڪو برف جو ڳنڍو پيو آهي، سو هڪ تہ ڇُري پُري ڪو نہ ٿو، ڇنبڙيو پيو آهي ۽ ٻيو تہ ڳري بلڪل ڪو نہ ٿو! هونءَ آمريڪا ۾ ڪُتن لاءِ پلاسٽڪ جا هڏا ۽ گوشت جا ٽُڪر ملندا آهن، جي چيغم (Chewing Gum) وانگر ٿين ۽ ڪُتا سڄو ڏينهن ويٺا چٻاڙيندا آهن. ڪتا اهڙا بہ ڪي بيوقوف ڪو نہ آهن، پر انهن جا گورا مالڪ انهن کي ٿلهو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ڊائيٽنگ خاطر پلاسٽڪ جون هڏيون چٻاڙڻ جي عادت وجهندا آهن. هڪ مزيدار ڪارٽون ڪنهن رسالي ۾ ڏٺو هوم تہ هڪ همراهہ پنهنجي گهوڙي کي سائو اُس جو چشمو پارائي سُڪل گاهہ کارائي رهيو آهي ۽ گهوڙو مزي سان کائي رهيو آهي.

اسان هڪ ملئي هوٽل ۾ گهڙي وياسين. هتي ملايا جا ڪافي باشندا رهن ٿا، جو ٻئي ملڪ هڪ ٻئي سان مليل آهن. ملئي هوٽلون سڀ مسلمانن جون آهن ۽ انهن هوٽلن جي اها خاص نشاني آهي تہ ٻاهران بسم الله لکيل هوندو.

هن پاسي گانگٽ تمام سستا آهن. ٺنهنڪري گانگٽن جو ٻوڙ، ڪڪڙ جو ٻوڙ، چانور، مکڻ، ڊبل روٽي ۽ پاچين جو سُوپ گهرايوسين. کاڌو بہ هن پاسي ڪو خاص مهانگو ڪونهي. اسان جي ملڪ جهڙو ئي اگهہ آهي جو دنيا جي ڀيٽ ۾ تمام سستو سمجهڻ کپي. اسان جي ملڪ ۾ ريڊيا، واچون، ٽي ويون، ٽيپ رڪارڊر، ريڊيو گرام ۽ ٻيو عيش عشرت جو سامان ڪٿي نٿو ملي يا مهانگو آهي، پر هڪ ڳالهہ آهي تہ روزمره جي ضروريات جو سامان، کاڌو پيتو، ڌوٻي، حجام، درزي، ٽئڪسي ۽ بس وغيره جو خرچ ۽ ڀاڙن ڀُتن جي سستائيءَ ۾ دنيا جو ڪو ملڪ پُڄي نہ سگهندو، باوجود اسان جي گهٽ ڪمائيءَ جي حساب تي بہ. آمريڪا ۾ مون کي ڪو اهڙو حجام ڀڄايو جو ساڍن ٽن ڊالرن، چاليهہ روپين، کان گهٽ وٺندو هجي. ننڍي دڪان وارو بہ وارن ٺاهڻ جي في چاليهہ روپيا وٺندو، جو سيني حجامن جي يونين ٺهي پئي آهي. اسان وٽ ڪو چاهي تہ بہ روپيا ڏئي ايلفيءَ جي ڪنهن ايئرڪنڊيشنڊ ماڊرن هيئر سئلون تان وار ٺهرائي، جي پُڄي نہ ٿو سگهي تہ ٻن آنن ۾ بہ وار ٺاهڻ وارا سعيد منزل جي سامهون ملي ويندس. يورپ، آمريڪا يا جپان وغيره ۾ تہ مون کي اجا ڪو اهڙو درزي ڳولڻو آهي، جو سلائي، ڪپڙي جي قيمت کان گهٽ وٺي. ڪپڙو جي سؤ روپين جو هوندو تہ سلائي ڏيڍ سؤ روپين کان گهٽ ٿيڻ جو تہ سوچي بہ نٿو سگهجي. هاڻ مڙيئي پاڪستان ۾ بہ مزوري ۽ مزور جو مانُ وڌي رهيو آهي. خاص ڪري رازن، واڍن ۽ درزين جي تہ في ڪافي وڌي چُڪي آهي. دراصل سڄي دنيا ۾ هڪ اهڙي تبديلي اچي وئي آهي، جنهن هيٺ پورهئي جو قدر ٿيندو وڃي.

پورهيت هاڻ خوشحال ٿيندو وڃي. اهو ڏينهن پري ناهي جو يونيورسٽين مان فقط ڊگريون وٺي، 'اڇن ڪالرن واري نوڪري' ڳولهڻ وارن کي افسوس ڪرڻو پوندو ته هنن کي تعليم سان گڏُ پيٽ قُوت لاءِ ڪو پورهيو پڻ سکڻ کپندو هو. تعليم پنهنجي جڳهه تي آهي ۽ اها هر انسان لاءِ لازمي آهي، پر پئسي ڪمائڻ لاءِ دنيا ۾ جتي ڪٿي پورهيو ڪم اچي ٿو. اسان جي ملڪ ۾ به آهستي آهستي اهو شعور پيدا ٿي رهيو آهي. ڪراچي، لاهور ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ ڪيترا درزي، واڍا، ويلڊر، مڪينڪ، مستري، پڙهيل ڳڙهيل نظر اچن ٿا جن کي پنهنجي هنر ۽ هٿن تي فخر آهي.

## .36 پنڏ ضربيان پندرهن = صحيح هنڏ

ماني ڪائڻ کان پوءِ فاروق جا خريداري شروع ڪئي ته رات ڪري ڇڏيائين. مون کي رڳو هڪ ٻن دڪانن تان رسالا ۽ اخبارون ۽ ٻيو ڪو هلڪو ڦلڪو سامان وٺڻ ڏنائين، باقي پاڻ پنهنجي پسند جي خريداري لاءِ مجال آهي جو هڪ دڪان ڇڏيو هجيس. رات ڪري ڇڏيائين. اها ٻي ڳالهه آهي ته ورتائين ڪو ورلي ٿي، جو پسند جي شيءِ نه ٿي مليس. پاڻ ٻه مهينا کن ٿيندا جو هڪ پارسي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري، يڪدم نوڪري تي آيو آهي. سو بيگم صاحبه لاءِ خريداري ڪندو رهيو. ڇيومانس، "پارٽنر ايڏي شاپنگ! توهان ۾ ڏيج پُڙو شاديءَ کان پوءِ ڏيڻ جي رسم آهي ڇا؟"

مون کان جونئر آهي ۽ شرميلو پڻ. سو اڪثر خاموش ئي رهندو آهي. هر ڳالهه ٻُڌي فقط مسڪرائيندو آهي. بيحد پيارو ۽ سڀاجهو ڇوڪرو آهي. پر ساموندي زندگيءَ مان سخت بيزار آهي. ٿورو ئي طوفان يا سمنڊ پنهنجي طاقت ڏيکاري ته همراهه جا هٿ پير ساٽا. پر ساڳئي وقت پاپ ميوزڪ (Pop Music) يا جاز (Jazz) تي سندس هٿن پيرن ۾ ٻيٽي شڪتي اچي ويندي آهي. انگريزي پوشاڪ، انگريزي ڪاڏي ۽ انگريزي ناولن جو متوالو آهي. بس فقط مولا مهر ڪري، سندس رنگ مشڪي نه ڪري ها! محمود جيڪو نيويءَ ۾ 'ڪاليا' جي نالي سان مشهور آهي، تنهن ان نالي تي ٻين جهازن تي ته اعتراض نه ڪيو، پر هن جهاز تي مڙيئي چئي ڏيندو آهي ته، "يار مون کان وڌيڪ ڪارو ته ٿرڊ آفيسر فاروق آهي." پر اسان ڇا ڪريون، هي ڪٽي ڪارو وڌيڪ آهي، پر ڪم ۽ ڳالهيون ته گورن انگريزن واريون اٿس.

بهرحال اسان جو ٿرڊ آفيسر صاحب خريداري ڪندي ڪندي هڪ هنڏ اچي ڦاٿو. ڪيس نائٽي، عورتن لاءِ سليپنگ سوٽ، ٿي ڪتي. اها پوري ماپ جي ملي ڪا نه ٿي. هر دڪان تي وڏي ماپ جي ڏيکارين ته به هن لاءِ ننڍي. دراصل ٿائلنڊ جا ماڻهو قد جا تمام بندرا آهن، خاص ڪري هتي جو عورتون. ڪُجهه ڪُجهه ٻي ڊولا پڻ. اڪثر عورتن جي چيلهه تمام ويڪري ۽ ٽنگون ٿلهيون آهن. ٿي سگهي ٿو ته ڪلوپٽرا ۽ هيلن آف ٽراءِ جي ڏينهن ۾ اها سونهن جي نشاني هُجي ۽ بقول ڊاڪٽر جيمس برنس جي، جنهن پنهنجي ڪتاب سنڌ جي درٻار A Narrative a visit to the court of Sindh ۾ لکي ٿو ته: ١٨٩٠ع ڌاري، يعني اڄ کان سؤ سال کن اڳ، جڏهن هو مير مُراد عليءَ جي علاج لاءِ سنڌ ۾ آيو هو ته انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پڻ اهڙو جسم سونهن جي نشاني سمجهيو ويندو هو. اڄڪلهه جي سونهن جا قدر، ٻين قدرن وانگر بدلجي چُڪا آهن. عورت جي سونهن جنهن جو اظهار ڪو زمانو هو ته شاعر پنهنجي شعرن ۾ ڪندا هُئا، پر اڄ ان کي ٽيپ جي انچن ۾ ڪٿيو وڃي ٿو. ڇٽيهه انچ بريسٽس، چويهه انچ ويسٽ ۽ ڇٽيهه انچ هپس واهه واهه! بيوٽي ڪُئين!

مس ايشيا! مس ورلڊ!

هڪ دڪان تي سيلز گرل، هڪ ڊگهي نائٽي ڏيکاري جا ٿائلنڊ جي ڇوڪرين جي قد کان ته برابر ڊگهي هُئي، پر ته به ڪا خاص ڊگهي نه هُئي. ان تي وڪٽنڊڙ ڇوڪري تعجب ڪائڻ لڳي ته پاڪستان جون عورتون ڇڱيون

ڏکيون آهن. اسان پنهي جي ڇهه فٽ هڪ انچ قد ڏي نهاري، معصوميت سان پُڇڻ لڳي: ”توهان ايترا ڊگها ڇو آهيو؟“

اِلتو سوال ڪيو مانس: ”تون ايتري ڊينڊي قد جي ڇو آهين؟“

مٿي آسمان طرف نهاري واجهائڻ لڳي، ”پِڳوان اسان جي بدن جي ڪجهه اسيمبلي ئي اهڙي نا هي آهي.“

ٻاهر نڪري فاروق کي چيم: ”ميان هاڻ ان ائٽم جي پچر ڇڏ. هتان ٿائلنڊ مان ملڻ مشڪل اٿئي. هلي هلي هاڻ سانا ٿي پيا آهيون.“

”نه يار، ڪوشش ته ڏهن به ڪريون.“

”ڪمال آهي، ڪوشش ته ڪريون. شيءِ آهي ڪا نه، باقي ڪوشش ڇا ڪريون؟ رُڳو ٿائلنڊ ته نه آهي. هانگ ڪانگ يا جپان مان ڪٽي ونجانءِ.“ سمجهايو مانس.

”اتي جا ماڻهو ته ٿائلنڊ ڪان به ڊينڊي قد جا آهن.“ هن خاطريءَ سان مون کي ٻُڌايو، جو هو اڳ به هن پاسي جي ملڪن جا چڪر هڻي چُڪو آهي.

”ته پوءِ پلا اڳتي لاس اينجلس/ آمريڪا به ته هلڻو آهي. اتان ڪٽي ونجانءِ.“

”اتي جي آمريڪي عورتن جو قد هيڪاندو ڊگهو آهي ۽ اتي جي نهيل نائٽي منهنجي زال کي پوري نه ايندي.“

”ته پوءِ پارٽنر، تون به ڪجهه ته خيال ڪرين ها، پهرين ڪا نائٽي وٺين ها، پوءِ ان ’سائيز‘ جي زال ڳولين ها.“

پوءِ سائين اتان مُڙيو ته وري ننڍڙي بار جا ڪپڙا اُگهڻ لڳو ۽ سندس دُور انديشِيءَ تي دل ئي دل ۾ داد ڏيڻو پيو.

پر اسان جو يار ايتري تي به بس ڪرڻ وارو نه هو. ان ڪان پوءِ وري برئزير وٺڻ شروع ڪيائين ۽ اسان ڪڪا وڪا ٿي وياسين. جڏهن ڪيس نمبر جي خبر نه هُئي ۽ اندازي لڳائڻ ڪارڻ هن التو وڪٽنڊڙ ڇوڪريءَ کان هن جي برئزير جو نمبر پُڇيو. هوءَ مطلب نه سمجهي گهبرائڻ لڳي ته اسان کي ٿيو ڇا آهي جو هن کي دڪان ۾ اڪيلو سمجهي غلط سلط سوال ڪري رهيا آهيون. جي ٿوري به سياڻي هُجي ها ته جرمن دڪاندار وانگر گراهڪ به نه وڃائي ها ۽ گهبرائڻ جي به نوبت نه اچي ها.

چرچو مشهور آهي ته جرمنيءَ ۾ هڪ همراهه ساڳي مسئلي ۾ انگي وڃي ونندي مُنجهي پيو. دڪاندار به گراهڪ وڃائڻ نٿي چاهيو، سو ڪيس مدد ڪرڻ لڳو: ”پلا توهان جي مٿي جي سائيز جي ڏيان.“

”نه نه! اهو ته تمام وڏو آهي.“ گراهڪ وراڻيو.

”پلا سنگترو؟“ دڪاندار سائيز معلوم ڪرڻ خاطر پڇيس.

”نه نه اهو به وڏو ٿيندو.“

”پلا بيضو؟“

”جي ها بيضو.“ خريدار خوش ٿي هائو ڪار ڪئي، ”پر فراءِ بيضو.“

خريداريءَ کان پوءِ اسان اچي هوٽل ۾ ماني کاڌي. اها ڊنر خاص فاروق طرفان هُئي، جا رشوت ان لاءِ هُئي ته آءٌ سندس خريداريءَ بابت ٻئي ڪنهن سان ذڪر نه ڪريان. سو پڙهندڙن کي به عرض آهي ته ٻئي ڪنهن سان ڳالهه نه ڪن. جي ڪنهن سان ڪن به ته ان کي جهلي ڇڏين ته ٻئي سان نه ڪن.

ماني کائي ٻاهر نڪتاسين. رات جا نَوَ ٿي پئي ٿيا. هڪ ڪان اڳ سونگ ڪلا شهر پهچڻو هئوسين، جو اتان پوري هڪ وڳي لانچ (Motor Boat) جهاز لاءِ ڇُٽڻي هُئي، جيڪو بندرگاهه کان ويهه ميل ڪن پري کُلئي سمنڊ (Open Sea) ۾ بيٺل هو.

ٻاهر نڪري بس جي پُڇا ڪئيسين. ٻن ٽن ٿائي ماڻهن کان پڇيوسين، پر ’زبان يار من ترڪي، من ترڪي نمي دانم‘ وارو قصو. نه سندن ٿائي زبان اسان کي سمجهه ۾ اچي، نه ڪو اسان جي انگريزي يا سنڌي اڙدو هو سمجهن. اسان به اُٺ وانگر سڌو ڏوڪيندا وياسين. جو هڪ ۾ اڃا ڪافي وقت هو. ايتري ۾ هڪ بئنڪ اڳيان سکُ چوڪيدار ڏٺوسين. پنجابيءَ ۾ خير عافيت ڪري پوءِ پڇيوسين: ”او سردار جي سونگ ڪلا لاءِ بس ڪٿان ملندي؟“

”ٽاور ٽان“
”ٽاور ڪٿي آهي. ٽئڪسيءَ ۾ وڃون يا ويجهو آهي؟“
”او اتي ويجهوئي ته آهي. سامهون اها جنرل پوسٽ آفيس نظر پئي اچي. ان جيترو ئي پيو اڳتي ويندائو ته ٽاور.
ان ڪان پوءِ بس اسٽاپ.“
بس. ڳالهه ٻه اينٽري. اسان ٿائلنڊ جي پڪي رستي تي، خريداري ڪيل سامان جا ٿيلها ڳچيءَ ۾ ڪلهن ۾
لٽڪائيندا، ليفٽ رائيٽ ڪندا هلڻ لڳاسين. هلندي هلندي اڌ ميل ڪن ٿي ويو. اچيو ٿي بارش پوي. ماٺو
چيٽو ٻه ڪوورلي نظر آيو ٿي. هڪ هوٽل ۾ ساعت ٻه ويهي چانهه پيتيسين. تيسين بارش ٻه سامت ۾ آئي. وري
ساڳي پريڊ. اڌ ميل ڪن پيو ٻه جڏهن هلياسين ته فاروق دانهن ڪري چيو، ”يار، هن سک ته لاهه پٽي ڇڏيا. اجا ته
پوسٽ آفيس ٻه ڪا نه ٿي اچي. ڪڏهن بس اسٽاپ تي پهچنداسين ۽ ڪڏهن سونگ ڪلا. پنهنجي هلڻ جو ته
هاڻ ’هارس پاور‘ (HorsePower) ۽ ’ول پاور‘ (WillPower) ٻئي ختم ٿي ويا.“
”ته پوءِ هاڻ پوسٽ آفيس جي بدران ڪا ٽئڪسي ڳول.“
آخر هڪ ٽئڪسي ملي. رُڄ ۾ ڪنهن مُسافر کي پاٽيءَ سُرڪ ملي. ٻڌنڊ ٻيڙيءَ ڪي سٽائو سمنڊ مليو. اڌ ميل
ڪن جڏهن پيو ٻه هلي، تڏهن اسان کي جنرل پوسٽ آفيس نظر آئي ۽ ڏيڍ ميل ڪن پيو ٻه هلي ته ٽاور نظر آيو ۽ پوءِ
آخر ’بس اسٽاپ‘ آيو.
فاروق چيو، ڇگو جو سردار جي ڪان بس اسٽاپ جو پڇيوسين، جي سونگ ڪلا شهر جو پُڇون ها ته هو ان لاءِ ٻه
ائين چوي ها ته اجهو اهو سامهون اٽانو. اسان کي ته اڌ مُئو ڪري ڇڏيو ان سِگ.
منهنجا يائرو، ڪڏهن پُلجي ٻه ڪنهن ملڪ ۾ سک ڪان رستو نه پڇجو ۽ جي پنڌ پُڇو ٻه ته سکن جهڙيون مضبوط
ٽنگُون ڌارجو يا ان ٻڌايل پنڌ کي گهٽ ۾ گهٽ پنڌرهن سان ضرب ڪجو، ته انشاءالله صحيح هنڌ تي پهچي
ويندائو.

## .37 متفرقات_ٿائلنڊ

### ٣٨٠١ سانَ جي سواري

اسان وٽ سنڌُ ۾، هر يا ڪاٽ جي گاڏيءَ ۾ هميشه ڍڳو جوٽيو وڃي ٿو. پر هتي ٿائلنڊ ۾ هر ۾ جوٽڻ لاءِ سانُ
استعمال ٿئي. ان ڪان علاوه سانُ سواريءَ جي ڪم ۾ ٻه اچي ٿو. رستن ۽ ٻنين ٻارن ۾ ڪڏهن ڪڏهن پوڙهيون
عورتون سانَ جي نَڪ ۾ واڳ ٻڌي سندس اگهاڙي پنيءَ تي سواري ڪندي نظر ايندي‌ون. اڳيان سندن مردن جي
ڊڪيل مانيءَ پُنيان گاهه جي يا ٻج يا ٻاڻ جي ڳوڻ رکيل هوندي.
ان قسم جو نظارو اسان سنڌين لاءِ عجيب آهي جو سنڌ ۾ سانَ کان اهڙو ڪم نه ورتو ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو
ته ان جو اهو سبب هجي ته هن جانور کي پاڻيءَ جو اوسو آهي ۽ سنڌ ۾ سخت گرميءَ کان علاوه پاڻيءَ جي پڻ
اڻاٺ آهي.
ٿائلنڊ کان علاوه ملايا ۾ پڻ سانَ تي ٻارن ۽ وڏن کي ڳوٺن ۾ سواري ڪندي ڏٺم.

### ٣٨٠٢ ماماسان

هن سان ملو. هيءَ ٿائلنڊ جي ڇوڪري جيني آهي. عمر ٽيويهه سال، ٻن ٻارن جي ماءُ ۽ بئنڪاڪ يونيورسٽي
جي گرئجوئيٽ. سندس ٻار نانيءَ سان بئنڪاڪ ۾ رهن ٿا. پاڻ بئنڪاڪ کان ڪافي پري ڏکڻ ٿائلنڊ جي
مشهور شهر حاديه ۾ رهي ٿي. حاديه شهر جي ٻين ڪيترين عورتن وانگر جيني پڻ هڪ ننڍڙي چڪلي جي
سرپرست آهي. يعني هتي جي زبان موجب ’ماماسان‘ آهي. سندس مسواڙي گهر پنجن ڪمرن تي مشتمل آهي

جنھن جي مسواڙ مھيني ۾ ڇھہ سؤ بات آھي. ست ڇوڪريون جن مان ڪُجھہ ڪاليج جون شاگرد پڻ آھن. ھاسٽل بدران ھتي رھن ٿيون ٿيون ڪي ڪائين. ڪاليج ڪو ورلي وڃن، جنھن جي سندن مائٽن کي خبر ناھي يا واسطو ناھي. ھو آيل گراھڪن جي دل وندرائين. ڪمائيءَ ۾ اڌ سندن، اڌ ماماسان جو.

”پڙھيل ڳڙھيل ڇوڪري تو اھو ڌنڌو ڇو اختيار ڪيو آھي.“ ھڪ ليڪڪ يا صحافي پاڻ کي رنڊيءَ ۽ پڙھندڙن جي نظرن ۾ شريف ڏيکارڻ خاطر ڀلا ڀيو ڪھڙو سوال پڇي سگھي ٿو.

”مجبوريءَ خاطر.“ منھنجو مُڙس حادثي ۾ فوت ٿي ويو. ٻہ ٻيا ٽيون اٿم. انھن جو ۽ پنھنجو پيٽ پارڻ خاطر ڪجھہ ڏينھن بڪون ڪاٽي، بئنڪاڪ ڪان ھتي ھلي آيس. مائٽن کي اھو ٻڌايم تہ حاديہ شھر جي ھڪ آفيس ۾ نوڪري ملي آھي. ھتي تہ ان قسم جو ڌنڌو عام آھي، بلڪ فيشن پڻ. جاءِ جي مسواڙ، کاڌو پيتو ۽ ٻيو خرچ پکو لاھڻ بعد بہ ھزار کن مھيني ۾ بچت ٿئي ٿي. اڄڪلھہ ٿائلنڊ ۾ نوڪريون ۽ ٻيا ڌنڌا ڪٿي آھن؟ جيئيءَ ٻڌايو.

## ٣٨٠٣ جتي ڊالر جام، اتي ھر شيءِ غائب

ان قسم جا اڏا فقط حاديہ جھڙي شھر ۾ گھٽ بہ ادائي سؤ کن آھن. بئنڪاڪ ۾ تہ ان کان بہ متي آھن. جن کي آمريڪن ھيڪاندو زور ونرايو آھي، جيڪي ويٽنام ۾ جنگ دوران موڪلون گذارڻ ۽ پئسو خرچُ ڪرڻ لاءِ ٿائلنڊ ۽ ٻين پروارن ملڪن ۾ اچن ٿا. اھا تہ عام ڳالھہ آھي تہ جتي بہ آمريڪن جي آمد شروع ٿئي، اتي ڊالر تہ جام اچيو وڃن، باقي ٻي ھر شيءِ، ويندي غيرت، ناياب بنجيو وڃي. اھو جپان ۾ ٻي وڏي لڙائي دوران ٿيو ۽ ٿائلنڊ ۾ اڄ ٿي رھيو آھي.

## ٣٨٠٤ ٻڌ ڌرم ھندستان مان شروع ٿيو

ٿائلنڊ جي تھذيب، ثقافت، مذھب، آرٽ ۽ رسم رواج تي پروارن ملڪن خاص ڪري ھندستان ۽ ھندو مذھب جو وڏو اثر آھي. دراصل ھتي جو مکيہ مذھب ٻڌ ڌرم پڻ ھندو ڌرم جي Modification آھي ۽ پھرين ھندستان ۾ گوتم ٻڌ ايجاد ڪيو.

## ٣٨٠٥ ماسڪ ڊانس

ٿائلنڊ ۾ ھڪ خاص ناچ MaskDance مشھور آھي. عورتون ۽ مرد پنھنجو منھن ڍڪي يا ان مٿان مختلف ديون ۽ ديوتائن جا پني ۽ پلاسٽڪ جا منھن چاڙھي، اسٽيج تي ناچ ڏيکارين. اھڙي قسم جي ناچن ڏسڻ جو حاديہ، سونگ کلاءِ ٿائلنڊ جي ٻين شھرن ۾، موقعو مليو.

## ٣٨٠٦ ٿائي زبان ۽ سنسڪرت جي مماثلت

ھتي جي ماڻھن جي زبان ’ٿائي‘ آھي، جيڪا سنسڪرت زبان جي Modification سمجھڻ کپي. ساڳيا سنسڪرت وارا اکر منجھس آھن. مثال طور، ڪا، کا، گا، گھا وغيره وغيره. ايتري قدر جو ڪيترن ٿائي لفظن جي معنيٰ ساڳي آھي، جيڪا سنسڪرت جي لفظن جي آھي. مثال طور چندرا (چنڊ)، ناري (عورت)، ثريا (سجُ)، راتڙي (رات)، ارونا (صبح) وغيره. ٿائي زبان جا ڪيترا پُراڻا لفظ چيني زبان مان ورتل آھن. مثال طور ٿائي زبان ۾ پاڻيءَ کي ’نام‘ سڏين ۽ ڪاٺ کي ’جن‘، انھن لفظن جي چيني زبان ۾ معنيٰ ساڳي آھي.

## ٣٨٠٧ ٿائيلينڊ ۾ مندو ڌرم جا ڪتاب پڙھايا وڃن ٿا.

هتي ٻارن کي اسڪولن ۾ هندو ڌرم جا ڪيترا ئي ڪتاب ٿائي زبان ۾ ترجمو ڪري پڙهايا ويندا هئا. مثال طور ڀڳوت گيتا، رامائڻ وغيره. ٿائي ماڻهن جي مذهبي ڏينهن ۽ ڳڻ ڄاڻين جو حساب ڪتاب چنڊ مطابق ٿئي. هتي جي يونيورسٽين ۾ سنسڪرت زبان عام پڙهائي وڃي ٿي.

## ٣٨٠٨ ماڻهن جي چهرن تي اڻ ـ لکو خوف

هيءَ ٿائلنڊ جي ڌرتي آهي. ٿائلنڊ کي مسڪراهٽن جي ڌرتي سڏجي ٿو پر هتي جي سياسي ردوبدل ۽ حالتون، ڏينهون ڏينهن ڪرندڙ معاشيات، ايشيائي بُڪ ۽ بيروزگاريءَ هتي جي ماڻهن جي ڪومل چهرن تي مسڪراهٽ بدران خوف ۽ هراس جي جهلڪ پيدا ڪري ڇڏي آهي.

## ٣٨٠٩ ٿائيليند ۾ ٻڌ ڌرم

ٿائلنڊ ريڙ ۽ مصالحن جي پوک کان علاوه ٻڌ ڌرم، ٻڌ ڀڪشوئن ۽ ٻُڌن جي عبادت گهر، پگوڊائن کان مشهور آهي.

## ٣٨٠١٠ تنهنجو مذهب تو لاءِ، منهنجو مون لاءِ.

هي هتي جو هڪُ پگوڊا آهي، مختلف رنگن ۾ عمارت سازيءَ جو شاهڪار. منجهس گوتم ٻڌ جا مجسما رکيا آهن جي اڪثر هتي جي گهرن ۾ پڻ نظر ايندا. هڪ چوڪري، عمر سورنهن سترهن سال کن، وارن ۾ گُلن جي ويڙهه، ساڄي هٿ جي ٻانهن ۾ ڪاري رنگ واري منڊيءَ ڪنن ۾ اڇي ٻڙي وارا ائرنگ، هڪ پٿر جي بُت اڳيان هٿ ٻڌي، ڪجهه عبادت ڪري رهي آهي ۽ ٻي، ان ئي جيڏي گُلابي رنگ جي مني اسڪرٽ ۽ اڇي بشرٽ ۾ ڪجهه پري، پنهنجن خيالن ۾ خاموش انتظار ڪري رهي آهي. ذرا ڪن ڏئي ٻُڌون ته بت اڳيان ويٺل چوڪري ڪهڙي دعا گهري رهي آهي:

”نموتسا، پڪ وتو، الهتو، سم، سمپوت، تسا“ ٿي دفعا ساڳي عبادت دهرائي ٿي. ٿائي نه پر ڪا ڌاري زبان جي اها دعا آهي. ٿي سگهي ٿو ته سنسڪرت يا ڪا ٻي قديمي زبان هُجي. جنهن جي خود هن چوڪريءَ کي به خبر ناهي ۽ هي ٻي گُلابي اسڪرٽ واري چوڪري چُپ ڪريو چو وينتي آهي؟

”چو بيبي، تون ڪير آهين ۽ تون عبادت چو نٿي ڪرين؟“

”مان هن جي ساهيڙي آهيان. هيءَ ٻڌ آهي ۽ مان ڪرسچن. اسان جو چرچ ٻارهين وڳي شُروع ٿيندو. هتان پگوڊا مان ٿي پوءِ اسان اوڏانهن وينداسين. ان بعد مووي ڏسنداسين.“

”اڄن آمريڪن جي ڪليسا گهرن ۾ ڪو ڪارو شيدي عبادت نٿو ڪري سگهي! ڇا ڪارن شيدين ۽ گورن جو مختلف خُدا آهي؟ يا ٻُڌن، هندن، ڪرسچن ۽ مسلمانن جو جُدا جُدا خالق آهي. پگوڊا ۾ ڪرسچن چوڪري عبادت نٿي ڪري سگهي. هندو، گوردواري ۾ عبادت نه ٿو ڪري سگهي. مسلمان پنهنجي رب سان چرچ ۾ نه ٿو ملي سگهي. خدا ته هر هنڌ موجود آهي. پوءِ اسان مان ڇو ڪن ڪيس مندرن ۾ ۽ ڪن مسجدن ۾، ڪن ڪليسائن ۾ ڪن گوردوارن ۽ پگوڊائن ۾ مقيد رکيو آهي؟“

مون سان گڏُ هلندڙ احمد حسين مخدوم، جو فلسفو ڇيڙيو ۽ آءٌ مات ميٽ ۾ وڪون ڪٽندو رهيس.

نرالو سين کان سچو تنهنجو ڪاتو،
تون ٻي انت آهين نه ڪنهن انت پاتو.
تون هندوءَ ۾ آهين مسلمان ۾ ٻي،
هنومان ۾ ٻي مسلمان ۾ ٻي.
تون گبرو فرنگي ڪرستان ۾ ٻي،

تون گيتا ۾ آهين تہ قرآن ۾ پيي .
تون ڪاشيءَ ۾ ڪرشن، تون متر ۾ ساڳيو .
تون ڪعبہ ۾ قادر، ڪليسا ۾ ساڳيو .
تون زمزم ۾ ذاڪر، تون گنگا ۾ ساڳيو .
تون بستي ۾ پيگوان، صحرا ۾ ساڳيو .

ماسٽر چندر جو متيون راڳ ان وقت منهنجي من جي مندر جي چانئٺ تپي مون کي مُنجهائڻ لڳو . پر ساڳئي وقت شاهہ لطيف جو پڻ شعر سچو قصو سلجهائڻ لڳو .

سو هي سو هو، سو اجل سو الله
سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهرو .

پگوڊا جي خوبصورت عمارت ۽ خاموش، خوشبودار ماحول مان نڪتس تہ در وٽ هڪ ٽائي فقير ڪِشتو اڳيان وڌايو . سندس ڪاري ڪِشتي ۾ چند سِڪا وجهي، وري پگوڊا طرف غور سان ڏٺم .

’روحل‘ راهہ پرين جي، جان گهمي ڏٺوسين گهيڙ،
تہ ربُ مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ قندُ نہ قيرُ،
ساڪيڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبي وچ ۾ !

اسان پگوڊا جي رستي جي ڏکهي ڏاڪڻ لهي هيٺ اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺاسين . ٽئڪسي ٿائلنڊ جي ڏامر جي ڏکهي رستي تي ڊوڙڻ لڳي ۽ منهنجي دل شاهہ جو شعر ورجائڻ لڳي:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سُور ويا .